
ڪَلجُگ جا رنگ
ڪهاڻيون
ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

# ڪلجڳ جا رنگ

(مختصر ڪهاڻيون)

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

2018ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

Book No:24

ڪلجڳ جا رنگ
(مختصر ڪهاڻيون)
ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو
جنوري 2018ع
ڪمپوزنگ: سعيد مرتضيٰ
ٽائيٽل: مرتضيٰ لغاري
لي آئوٽ:زين ڪمپيوٽرس ڪراچي

Kaljug Ja Rang
Short Story,s
Dr: Ghulam Nabi Sadhayo
January 2018
Composed: Saeed murtaza
Title:
Lyout: zen computers karachi

Published By:

Murk Publication Karachi

ڇپيندڙ:

Murk.publication@gmail.com
Murtaza.laghari9@gmail.com
Cell: 0300-5182494

**ملھ: 200 رپيا**

**ملڻ جا هنڌ:**

ڪاٺياواڙ شاپ، اردو بزار ڪراچي، پيتائي ڪتاب گھر، حيدرآباد ،
رابيل ڪتاب گھر، لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گھر، لاڙڪاڻو -
وسيم ڪتاب گھر، شڪارپور، عزيز ڪتاب گھر سکر،
تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس، پريتم قاضي نواب شاهه،
مرڪ پبليڪيشن ڪراچي

# ارپنا

پنهنجي شفيق امڙين
نور خاتون، غلام سڪينہ
۽ نانيءَ غلام فاطمہ جي نانءُ
جن هنجھ ڪان پيار، سرت ۽ ساڃھ
جون سرڪيون پياريون،
۽
پياري دوست ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ صحافي
فتاح عابد جي نانءُ

..................

(تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي)
(شاھ)

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڪلجڳ جا رنگ“** اوهان اڳيان حاضر آهي. مختصر ڪهاڻين جي هن مجموعي جو ليکڪ **ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو** آهي.يوسف سنڌي لکي ٿو:

”سڏايي صاحب جون ڪهاڻيون آهن تہ مختصر، پوءِ بہ هر ڪهاڻي موضوع جي لحاظ کان نہ رڳو ڪئنواس رکي ٿي پر ان کي گهمائي ڦيرائي، پس منظر ۾ پيش منظر ڏيئي، منظر نگاري ڪري، ڪردارن کان ڊائلاگ بازي ڪرائي، انهن کي طويل ڪهاڻي جي زمري ۾ بہ آڻي سگهيو پئي، پر هن مني ڪهاڻي (Flash Fiction) ذريعي جيڪا ڳالهہ ٻڌائڻ ٿي گهري، اها ٻڌائي ڇڏي آهي ۽ جيڪو پيغام ڏيڻ گهريو، اهو ڏيئي ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر غلام نبي سڏايي جي هن ڪهاڻي ڪتاب ۾ احساس جي اڏار بہ پنهنجي جوبن تي نظر ٿي اچي، جيڪا ليکڪ جي اندر جي ڪنئرائپ ۾ اڏمن جي اظهار جو خوبصورت نمونو آهي.“

هي ڪتاب مرڪ پبليڪيشن پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون مرتضيٰ لغاريءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ

* پبلشر نوٽ:
ادارو
* مهاڳ : ڪلجڳ جا رنگ_ ڪهاڻين جي روپ ۾ يوسف سنڌي
* امهاڳ : مختصر ڪهاڻي جو سفر مرتضيٰ لغاري
* ادب جو چراغ بيدل مسرور
* اگهيو ڪائو ڪچ ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

## ڪهاڻيون

1: رنگ ڀري پچڪاري
2: ٻودو
3: ارتي
4: ايڪتا
5: ماسي ڪريما
6: ڪلب
7: اصول پرست
8: روهيل جي ڪهاڻي
9: پرشاد
10: ٽي ڦيٿي سائيڪل
11: رشوت
12: مقدس گانئيون
13: ٻاگيو
14: آشرم
15: هيلٿ آفيسر
16: بروڪر
17: ڪرنسي ڪال
18: منهنجي امڙ
19: ٽوپلي وارو صاحب
20: ٽي وي ڪنيڪشن

21: پروسو
22: فقير
23: ويراڳي شاعري
24: پنجويهہ ڊسمبر
25: هڪ ڳل
26: ٽرانسفر آرڊر
27: ڪلجڳ جا رنگ
28: حرام حلال
29: پيار ۽ مذهب
30: ممتا ۽ موبائيل
31: من جو مامرو
32: ادب جو چراغ
33: اوسيئڙو
34: اوشو جو آنند
35: پهرين چاهت
36: منصف
37: سانتيڪو شخص
38: ڳلا جو ڳهانگهو
39: عقيدت جي عمارت
40: ورهاڱو
41: راڪي
42: پاپي
43: چونئري جو ڏيئو
44: خاڪي لفافو
45: پوش پوش
46: هو الوپ ٿي ويو
47: ڪارونجهر جو ڪر
48: حادث حويلي
49: پارانيو
50: پاڇولو

**پبلشر نوٽ:**

پروفيسر ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو سنڌي ادب جو سينيئر ليکڪ آهي، ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي، هو نہ رڳو ليکڪ آهي پر سنڌي ادب جو استاد بہ آهي. سندس رهنمائي هيٺ ڪيترائي شاگرد ڊگريون وٺي پنهنجي منزل تي رسائي ڪري چڪا آهن.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي سنڌي ادب ۾ تحقيق جو سگهارو ڪم ڪيو آهي، هن شاهہ لطيف، سچل سرمست، گدائي ۽ ٻين ڪيترن ئي عظيم شاعرن، ليکڪن ۽ شخصيتن تي تحقيق ڪري لاتعداد ڪتاب لکيا. ڪجهہ تہ ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪجهہ ڇپائي هيٺ آهن، اهو سلسلو جاري آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي تحقيق ۽ تاريخ جي ڪم سان گڏو گڏ شاعري بہ لکي آهي، سندس شاعري وقت بہ وقت مختلف رسالن ۾ بہ ڇپي آهي پر ڪتابي صورت ۾ بہ شايع ٿي چڪي آهي، اهڙي ريت ڊاڪٽر صاحب شاندار ڪهاڻيون لکي هڪ سگهاري ڪهاڻيڪار طور سامهون آيو آهي.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جون گذريل ڏهاڪي دوران لکيل مختصر ڪهاڻيون شارٽ اسٽوري جي گهرجن تي پوريون لهن ٿيون، هن نہ رڳو ان اسٽوري جي فارميٽ ۾ لکي ڪهاڻيڪارن جي لسٽ ۾ نالو لکرايو آهي پر ٿورڙن اکرن ۾ ڀرپور اظهار ڪيو آهي، سندس مختصر ڪهاڻيون سماجي اٿبرابري، ڪڌين رسمن ۽ وقت جي جابر خلاف اٿاريل آواز آهن.

ڊاڪٽر صاحب جي مختصر ڪهاڻين مان 50 ڪهاڻيون ترتيب ڏئي "**ڪلجڳ جا رنگ**" جي نانءُ سان مجموعي جي صورت ۾ ڇپائي پڑهندڙن آڏو پيش ڪريون ٿا. **مرڪ پبليڪيشن** طرفان ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جو ڪهاڻي **ڪتاب "ڪلجڳ جا رنگ"** پڑهندڙن آڏو پيش ڪري سرخرو آهيون.

ڊاڪٽر غلام نبي سڏايي جو هي ڪتاب ڪهاڻي ڪيتر ۾ بهترين واڌارو تہ آهي ئي پر پڙهڻ ۽ لائبريري ۾ رکڻ جهڙو آهي، اميد اٿئون تہ اسان جي هي ڪوشش پڙهندڙ اڳيان مقبوليت ماڻيندي. اوهان جي سنجيده راءِ جا منتظر آهيون. اوهان پڙهندڙن ۽ سنڌي ادب جي شعور وند ساٿين جي ڀرپور سهڪار ۽ راين کي ترجيح ڏيندي اڳتي وڌي رهيا آهيون.

**ادارو**

## مهاڳ:

# ڪلجڳ جا رنگ_ ڪهاڻين جي روپ ۾

زندگي انيڪ واقعن جو نالو آهي۽ زندگيءَ جو وجود ۾ اچڻ خود به هڪ واقعو آهي.

زندگيءَ جي وجود ۾ اچڻ جو واقعو به هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي، الست بربڪم جواقرار، آدم جو خلقجڻ، ڏاڏيءَ حوا جو وجود ۾ اچڻ، سندن بهشت ۾ رهڻ، ڪين شيطان جي ورغلائڻ، منع ڪرڻ لاءِ هر ڪائڻ، ميوو چکڻ، جنت مان زمين تي نڪري اچڻ، اتي نئين زندگي جي شروعات ۽ انساني نسل جو وڌڻ ويجهڻ ۽ ان ڪهاڻي ۾ڪردارن جي آمد_ اها ڪهاڻي، ڌرتيءَ تي انساني وجود وٺڻ جي ڪهاڻي آهي ۽ اها آدجڳاد کان ڪتابن ۽ صحيفن ۾ موجود آهي، ايئن زندگي جا مختلف واقعا صدين کان ڪهاڻي جي شڪل وٺندا رهيا آهن، ڪهاڻيڪار اهڙن واقعن کي ڏسي انهن جي منظر نگاري ڪري ٿو۽ انهن واقعن اندر پيهي ڪردار گهڙي گفتگو جا رنگ ڀري ٿو.

ڪهاڻي مختلف مرحلن مان گذري ڪڏهن قصي ته ڪڏهن داستان ته ڪڏهن طويل ڪهاڻي جي روپ ۾ شڪل بدلائيندي رهي. دنيا جيئن جيئن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ڏانهن وڌندي رهي، تيئن تيئن مصروفيتن ۾ گهريل ماڻهو کي ترت معلومات (Quick Commnication ) پهچائڻ لاءِ، ميڊيا ۽ ميڊيم ۾ به اهڙيون تبديليون ڪيون ويون. ترت ابلاغ جي ذريعن ۾ جديد ڪهاڻي جو به اهم ڪردار رهيو آهي، اها پنهنجي آرٽ ۽ ڪرافٽ ذريعي، فني گهرجن جو پورائو ڪندي سڪڙجي سوڙهي ٿي هينئر فليش فڪشن (Flashfiction) جي صورت ۾ سرجي رهي آهي، ان ڪري ان جو ڍڪشن به بدليو آهي.

فليش فڪشن جي طريقي موجب سنڌي آڳاٽي ادب ۾ ايسپ جون آکاڻيون بھترين مثال آھن، موجوده دور ۾ اھڙي صنف کي مني (Mini) يا مختصر ڪھاڻي چئجي ٿو. سنڌي ادب ۾ عبدالقادر جوڻيجو، صديق منگيو، رفيق سومرو، منظور ڪوھيار، عباس ڪوريجو ۽ ٻيا انھي پيٽرن تي ڪھاڻيون لکي رھيا آھن.

اسان جي ساٿي ۽ ھن ڪتاب "ڪلجڳ جا رنگ" جو تخليقڪار ڊاڪٽر غلام نبي سڏايي بہ ساڳي طريقي موجب ڪھاڻيون سرجيون آھن، ھو ستر واري ڏھاڪي کان سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان سنڌي ڪھاڻي ڪيتر ۽ شاعري ۾ ان دور جي رسالن ۽ اخبارن اديون، برسات، ڪونج، عبرت ۽ ٻين پرچن ۾ ڇپجندو رھيو آھي.

سنڌي ادبي سنگت جيڪب آباد شاخ جو 1972ع ۾ جنرل سيڪريٽري رھندڙ سڏايي غلام نبي جي معاونت سان ڪھاڻين جو گڏيل مجموعو "سنڌي ڪھاڻيون" ۽ 1975ع ۾ شاعريءَ جو گڏيل مجموعو "ٽا چنگ چرن جت چاھت جا" ڪتاب پڻ اشاعت ھيٺ آيا. جيتوڻيڪ اسي واري ڏھاڪي کان تحقيق ۽ تنقيد جي شعبي سان ڳنڍجي، ھن اھم ڪارناما سرانجام ڏنا پر ان ھوندي بہ وقفي وقفي سان ڪھاڻيون بہ لکندو رھيو، ھن ڪھاڻي ڪتاب ۾ سواءِ ھڪ ٻن ڪھاڻين جي باقي سڀ پونين ستن اٺن ورھين دوران سرجيل آھن.

مختصر ڪھاڻي اجوڪي دور جي ضرورت آھي. ھن ڀڄ ڊڪ ۽ ھڻ ھڻان واري حياتي ۾ پڙھڻ لاءِ وقت ئي نہ ٿو بچي تہ پوءِ ڊگھيون ڪھاڻيون ۽ ناول ڪيئن پڙھي سگھبا؟ ان ڪري ٿوري وقت ۾ ڪلجڳ جا انيڪ رنگ پسائڻ لاءِ نينو ڪھاڻي (Nano Story) ذھني دلچسپي لاءِ مناسب طريقو آھي، ڊاڪٽر سڏايي زندگي جي انڊلٺي رنگن کي سماج جي اٽيل تار پيٽي ۾ سموھي، حيات جي پيچيدگين، اوڻاين توڙي شڪ شبھن، محرومين ۽ سماجي ۽ سياسي جبر بابت بہ اندر کي اوتيو آھي، اھو ئي ڪارڻ آھي جو سندس ڪھاڻيون پڙھڻ کان پوءِ اندر

۾ آنڌ مانڌ پيدا ٿئي ٿي ۽ ڪي گهڙيون معاشرتي هيٺ مٿاهين تي سوچڻو پوي ٿو.

سڌايي صاحب جون ڪهاڻيون آهن تہ مختصر، پوءِ بہ هر ڪهاڻي موضوع جي لحاظ کان نہ رڳو ڪئنواس رکي ٿي پر ان کي گهمائي ڦيرائي، پس منظر ۽ پيش منظر ڏيئي، منظر نگاري ڪري، ڪردارن کان ڊائلاگ بازي ڪرائي، انهن کي طويل ڪهاڻي جي زمري ۾ بہ آڻي سگهيو پئي، پر هن مني ڪهاڻي (Flash Fiction) ذريعي جيڪا ڳالهہ ٻڌائڻ ٿي گهري، اها ٻڌائي ڇڏي آهي ۽ جيڪو پيغام ڏيڻ گهريو، اهو ڏيئي ڇڏيو آهي.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جي هن ڪهاڻي ڪتاب ۾ احساس جي اڏار بہ پنهنجي جوڀن تي نظر ٿي اچي، جيڪا ليکڪ جي اندر جي ڪنٽرائيپ ۾ اڏمن جي اظهار جو خوبصورت نمونو آهي، جيئن سندس ڪهاڻي ”رنگن ڀري پچڪاري“. اها آهي تہ هڪ ننڍڙي ڪهاڻي پر ليکڪ هڪ معصوم ٻار جي من جي خواهش کي ٿورن لفظن ۾ ڏاڍو سهڻي نموني چٽيو آهي، جڏهن نريش پين ٻارڙن جي هٿن ۾ خوبصورت پچڪاريون ڏسي پنهنجي اندر جي اڇل کان مجبور ٿي هڪ ڇوڪري کان فقط ڀن منٽن لاءِ پچڪاري گهري ٿو تہ ان ڇوڪري جا ڏڪار مان ڇيل لفظ ”هل پري ٿي، ايڏا غريب آهيو جو هوليءَ تي بہ نئين پچڪاري نہ ٿا وٺي سگهو؟“ اهو مهڻو نريش جي اندر کي وڍي ٿو ڇڏي، ڪيس نراس ٿو ڪري ڇڏي، پوءِ هو رد عمل جو شڪار ٿي ڪاوڙ ۾ ٿو اچي وڃي. ڪجهہ دير کان پوءِ هو سيڻي کان پاڻ ڇڏائي، هڪ خوبصورت رنگ ڀري پچڪاري ڪنيو هجوم مان هليو ويو.

ڊاڪٽر سڌايي جي ٻي ڪهاڻي ”ارٿي“ هڪ اهڙي سماجي مسئلي ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿي، جيڪا عام طور تي وڏ گهراڻن ۾ عام آهي تہ اهي پنهنجي ملڪيت بچائڻ لاءِ پنهنجي نياڻين جون زندگيون ڪين ويهاري برباد ڪري ڇڏيندا آهن، رڳو ان ڪري تہ نياڻين يا ڀيڻين کي گهر ـــ ور وارو ڪرڻ سان سندن ڏاج يا پين مدن ۾ جيڪو خرچ ٿيندو،

اهو سندن ملڪيت گهٽائڻ جو سبب بڻجندو. ارڙي ڪهاڻي ۾ ان قسم جي ڪتا ڏاڍي سهڻي نموني، بيان ڪئي ويئي آهي، جڏهن راجيش، سيٺ موهنداس جي پرچاڻي ڪان پوءِ پنهنجي دوست کي سيٺ موهنداس جي سڙندڙ مڙهہ ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو:

"سيٺ موهنداس منهنجو پري جو مائٽ لڳي، سيٺ ڏاڍو ڪنجوس هو، ڏاج ڏيڻ جي ڊپ کان هن پنهنجي ٻن نياڻين پنهنجي ٻن ڏيئن کي وهاري مٿا اچا ڪري ڇڏيا،

"پوءِ!؟"

پوءِ ڇا؟ اهي عمريون وڃائي ويٺيون ۽ هي ڌن بچائي دوزخ ٿي ويو."

انهن ٻن جملن ۾ جيڪي ڪهاڻي جو ڪالائمڪسس بہ آهن، سڄي ڪهاڻي بيان ڪئي ويئي آهي، ڪهاڻي جو آخري جملو "ڌن بچائي ڌوڙ ٿي ويو" پنهنجي اندر ۾ ڪيڏي نہ وسعت ۽ معنيٰ رکي ٿو. اها ڪهاڻيڪار جي ڪاميابي آهي تہ هو ننڍين جملن ۽ ٿورن لفظن ۾ پنهنجي ڳالهہ بہ بيان ڪري ٿو وجي ۽ پڙهندڙ جي من ۾ ڇهندڙي بہ وجهي ٿو ڇڏي.

ڪهاڻي بہ اظهار جو هڪ ذريعو آهي، جيئن ادب جون ٻيون صنفون۔ البتہ ڊڪشن اختيار ڪرڻو پوندو آهي، جيئن ڪو شعر زباني پڙهي ڇڏجي تڏهن بہ نيڪ.... پر جي اهو شعر ڪو فنڪار ڳائي، سر ۽ تال جي لئہ تي، ان جا لفظ هوائن جي دوش تي سماعتن تائين پهچن تہ ڪنڌ پيو ڌوڻبو آهي ۽ واهہ واهہ پئي ڪبي آهي.

هي ڪهاڻي ڪتاب "ڪلجڳ جا رنگ" ۾ ڊاڪٽڙ غلام نبي سڌايي ڪهاڻين جي روپ ۾ ڪلجڳ جا رنگ جا ڪئين روپ پسايا آهن، انهن ۾ هڪ رنگ تہ ڌرمي پرمپرائن (روايتن) جو بہ آهي، جيئن ڪهاڻي "پرشاد" ۾ اظهاريو ويو آهي، اها سنڌ جي ثقافتي ۽ تهذيبي روايت آهي ۽ ڏاڍي سٺي روايت آهي تہ اسين جيڪڏهن ڪو پاڙي وارو ڪجهہ کڻي ايندو آهي تہ ٿانو خالي نہ موٽائيندا آهيون، اها ڳالهہ بدتميزي ۽ بدسوڻ سمجهي ويندي آهي.

”ڪلجڳ جا رنگ“ جو پهريون رنگ ”ايڪتا“ ڪهاڻي جو آهي، جنهن ۾ هوتو ۽ ٽڳيل درزي جا جنازا گڏ ٿا کڄن، هڪ ئي قوم، هڪ ئي رنگ ۽ نسل، هڪ ئي ٻولي جا وارث_ هڪ جسم ٻه جانيون، هڪ ٻئي جي حفاظت لاءِ جانيون قربان ڪري ڇڏيندڙ...!

”ڪلجڳ جا رنگ“ جو ٽيون رنگ ڪهاڻي ”ٽوپلي وارو صاحب“ ۾ به پسايل آهي، جنهن ڪي امتحاني سينٽر ۾ امتحان ڏيندڙ ستر اميدوارن جي لسٽ پڙهي ۽ ٽن اميدوارن کي امتحان ڏيندي ڏسي به ضمير ڇهنڊڙي نه ٿو وجهي، ڇو ته سنڌس ڪوٽ جا کيسا اڳ ۾ ئي گرم ٿي چڪا هئا، سنڌ جي تعليم جي ٻڏندڙ ٻيڙي ۾ آڱوٺي ڇاپ ڊگري هولڊرن جي لوڏ جي ڪهاڻي ”ٽوپلي وارو صاحب“ ۾ وڏي فنڪاري سان نشاندهي ڪئي وئي آهي.

ڪلجڳ جو اهڙو ئي هڪ رنگ ڪهاڻي ”ٽرانسفر آرڊر“ ۾ ڏسيل آهي، جڏهن ڪردار جي پٽڻ مان نڪتل به نوٽ آفيسر جي ڇاڀي پري ٿا ڇڏين.

ڪهاڻي ”اوسيئڙو“ ۾ جيڪو رنگ پريل آهي، اهو انهي لاءِ آهي جيڪي پنهنجي والدين کي نظر انداز ڪندا آهن، پر جڏهن ڪين پنهنجي اولاد جي سڪ لڳندي آهي ته ڪين اندازو نه هوندو آهي ته سندن مائٽ به ايئن اوسيئڙو ڪندا هوندا.

ڪلجڳ جي ڪهاڻين مان هڪ رنگ ڪهاڻي ”مذهب“ ۾ به آڏو اچي ٿو، جڏهن دائي شرمان، عمري ڪرڻ کان پوءِ پاڪ ٿي موٽي ۽ هاڻ غير مذهب ماڻهن جي هٿن جو ڇهيل ڪاڏو کائڻ حرام ٿي سمجهي پر ڪيس خبر ئي ڪونهي ته مذهب ته انسانيت ٿو سيکاري ۽ بک جو ڪو به مذهب ناهي هوندو.

”ڪلجڳ جا رنگ“ ۾ شامل ڪهاڻيون آهن ته مختصر پر اهي اندر جي احساسن کي ڇهن ٿيون، ڳالهه کي ڳاٽي کان جهلين ٿيون، اهي ڪهاڻيون ذهن ۾ جيڪو مقصد رکي لکيون ويون آهن، ليڪڪ انهن

ڪهاڻين ذريعي پڙهندڙن کي جيڪو پيغام ڏيڻ گهري ٿو، انهي ۾ هو گهڻي حد تائين ڪامياب ويو آهي.

هڪ ليکڪ جيڪو لکي ٿو انهن جا ڪردار سندس اکين اڳيان هوندا آهن. انهن جي اٿڻي ويهڻي سندس مشاهدي جو مرڪز هوندي آهي، رونما ٿيل واقعا سندس اکين اڳيان پيش ڪندو آهي.

ڊاڪٽر غلام نبي سڏايي جون هي ڪهاڻيون پنهنجي جوهر ۾ سندس مشاهدي ۽ احساسن جا عڪس آهن، تصويرون آهن ۽ ڊاڪٽر سڏايي هنن ڪهاڻين ۾ هڪ لحاظ کان انهن واقعن جي فوٽوگرافي ڪئي آهي، جيڪي سندس اکين جي ماڻڪين ۾ محفوظ ٿي ويل هئا. ڊاڪٽر سڏايي جو هي ڪهاڻي ڪتاب سندس مختصر ڪهاڻي ڪيتر ۾ اهم اضافو آهي، هي ڪهاڻيون هڪ تخليقڪار، صوفي ۽ محقق جي قلم مان لکيل آهن، ڪيترين ڪهاڻين ۾ تخليقي جوهر ۽ صوفياڻي فڪر بابت چٽا اشارا موجود آهن. اميد تہ پڙهندڙن جي دلچسپي تي پوريون لهنديون.

**يوسف سنڌي**

حيدرآباد

14 آڪٽومبر 2017ع

## امھاڳ:

# مختصر ڪھاڻي جو سفر

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي1965ع کان ادبي سفر جي شروعات ڪئي، سندس چواڻي تہ ھن پنھنجي ھڪ مائٽ ملازم حسين ۽ سائين رحيم بخش نثار فاروقي جي صحبت ۾ رھي نظم ۽ ڪھاڻيون لکيون، مسلسل تخليقي سفر ڪندي لکڻ ۾ رواني بہ آئي تہ سندس لکڻين ڇپجڻ جو سلسلو بہ شروع ٿيو، 1970ع ۾ سندس پھرئين ڪھاڻي "آخري سھارو" اديون مئگزين ۾ شايع ٿي، ھن جي شروعاتي لکيل ڪھاڻين مان "آئون مھمان آھيان"، "ھھڙا ھاچا!"، "ھڪ خط"، "آزاديءَ جا ڪرٽا"، "پلئہ جا پيرا"، "آس نراس"، "خوشبوءِ"، "آچپو" ۽ "وراثت نامو" شامل آھن.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جي ڪھاڻي "پلئہ جا پيرا" جو ترجمو اردو ۽ براھوي ٻولين ۾ ڪيو ويو، اردو ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيل ڪھاڻي ڊاڪٽر عبدالحق ڪاسگنجوي جي مرتب ڪيل مجموعي ۾ شايع ٿي، جڏھن تہ براھوي ۾ ترجمو ڪيل جوھر بروھي جي مرتب ڪيل رسالي ڪپوت ۾ ڇپي.

اھڙي ريت سندس ادبي سفر اڳتي وڌيو. ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو لاتعداد ڪھاڻيون لکي ويو. ڊاڪٽر صاحب نين ۽ پراڻين ڪھاڻين مان مختصر ڪھاڻيون، (جنھن کي شارٽ اسٽوري چيو وڃي ٿو) گڏ ڪيون، جن کي ترتيب ڏنو ويو، انھن ڪھاڻين ۾ ڪيترائي خوبصورت رنگ نظر آيا، تنھن ڪري ان ڪھاڻي ڪتاب تي نالو بہ "ڪلجڳ جا رنگ" پئجي ويو.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جي ڪھاڻي ڪتاب "ڪلجڳ جا رنگ" ۾ ڪل پنجاھہ ڪھاڻيون شامل آھن، جن مان ھڪ ٻن ڪھاڻين کي

ڇڏي باقي سڀ مختصر مختصر ڪهاڻين جي زمري ۾ اچن ٿيون، آئون سمجهان ٿو تہ هن ڪتاب ڪي فليش فڪشن ( Flash fiction)جي حوالي سان هڪ بهتر ۽ ابتدائي ڪوشش ڳڻي سگهجي ٿو.

ان حوالي سان ڪيترائي رايا لکڪن ۽ نقادن پيش ڪيا آهن، مثال طور: نامياري ڪهاڻيڪار منظور ڪوهيار ڪتاب "پوئرن جي انتظار ۾" جي 16 هين صفحي تي لکيو آهي تہ: "انگريزي اصطلاح فليش فڪشن، گهٽ ۾ گهٽ لفظن واري ڪهاڻي لاءِ استعمال ٿئي ٿو، سنڌي ادب ۾ هن صنف کي مختصر ڪهاڻي چيو ويجي ٿو. شروعاتي دور جون فارسي حڪايتون، پالي ادب ۾ جتاڪا آڪاڻيون ۽ سنڌي ۾ ايسپ جون آڪاڻيون بہ فليش فڪشن جي دائري ۾ آڻي سگهجن ٿيون."

هن وقت فليش فڪشن صنف جا ست قسم ٻڌايا ويا آهن:

1. مختصر_ مختصر ڪهاڻي: ( هزار لفظن تي مشتمل هجي ٿي)
2. تمام مختصر ڪهاڻي: (هزار لفظن کان گهٽ واري ڪهاڻي )
3. سڊن فڪشن ( Sudden)، (750 لفظن تي مشتمل ڪهاڻي)
4. مائڪرو اسٽوري: (ٽي سو يا ان کان گهٽ لفظن واري ڪهاڻي)
5. نينو اسٽوري : (250 لفظن کان گهٽ واري ڪهاڻي)
6. ڊرئبل (Drabble): (100 لفظن واري ڪهاڻي )
7. ڊرائيبل ( Dribble): (50 لفظن واري ڪهاڻي)

فليش فڪشن جو مقصد آهي اختصار، انهي مقصد لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ضميري پڇاڙيون اهڙو ذريعو آهن، جيڪي جملي کي گهٽي حد تائين مختصر بڻائڻ ۾ معاون ثابت ٿين ٿيون، سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي ضميري پڇاڙيون اسم يا حرف جر جي اضافي صورت ڏيکارڻ لاءِ ملايون ويندييون آهن: انهن مان ڪجھ هي آهن: "ڪاڏم، ڪاريومانس، ماڻهس، پڇهس، پٽم، ڪين، وٽس، سندس وغيره.

جيستائين مان سمجهي سگهيو آهيان تہ هن وقت تائين فليش فڪشن جي حوالي سان جيڪو سنڌي ادب ۾ ڪم ٿيو آهي، اهو سوچي

سمجهي ڳاڻ ڳڻن اديبن ڪيو آهي، باقي پاڻ هرتائي واري عمل سان بہ انهي صنف تي ڪم ٿيل ملي ٿو، جيڪا پڻ سٺي علمي اڳڀرائي آهي.

ان حوالي سان علي رضا قاضي لکي ٿو تہ: "هن وقت تائين ڍاڪو کن سنڌي ڪتاب فليش فڪشن جي سري هيٺ مارڪيٽ ۾ اچي ويا آهن پر جنهن ليکڪ سائنسي بنيادن تي ان موضوع کي ڪي قدر اجاگر ڪيو آهي، اهو منظور ڪوهيار آهي" (سنڌي ٻولي: ص- 80)

هن ڪتاب کي فني فڪري لحاظ کان جاچبو تہ اها ڳالهہ ڏاڍي عجيب ۽ اتساهيندڙ لڳندي جو ڪتاب جون گهڻيون ڪهاڻيون جديد علمي ادبي روين ۽ لاڙن مطابق سرجيل آهن، ڪجهہ ڪهاڻيون فليش فڪشن تي پوريون بيهن ٿيون تہ ڪجهہ وري جديديت پڄاڻان( Post Modernism) لاڙي موجب بہ پرکي سگهجن ٿيون. هتي اسين اڳ ۾ فليش فڪشن جي حوالي سان ڪجهہ ڪهاڻين تي بحث ڪنداسين جنهن جون مختصر وصفون مٿي بيان ڪيون ويون آهن.

"ڪلجڳ جا رنگ" ڪتاب جون ڪهاڻيون "تہ ڦيٿي سائيڪل"، "مقدس گانئيون"، "پاڳيو"، "فقير"، "اوسيئڙو" وغيره سري واريون مائيڪرو ڪهاڻيون ٿي سو کان گهٽ لفظن تي مشتمل آهن! پيون ڪهاڻيون جيئن تہ "بروڪر"، "توپلي وارو صاحب" ۽ "پروسو" وغيره... نينو استوري جي دائري ۾ اچن ٿيون. ڪجهہ ڪهاڻيون جيئن "ٽرانسفر آرڊر"، "پيار ۽ مذهب"، "ممتا ۽ موبائل" ۽ حرام حلال ڊرئبل طريقي موجب آهن.

ڪهاڻي "پهرين چاهت" ۾ 554 لفظ ۽ 09 ضميري پڇاڙيون آهن، جيڪا سڊن فڪشن جي زمري ۾ اچي ٿي، ڪهاڻي "ٽرانسفر آرڊر" ۾ 110 لفظ ۽ 06 ضميري پڇاڙيون ڏنل آهن، پيار ۽ مذهب جي سري هيٺ ڪهاڻي ۾ 134 لفظ ۽ 04 ضميري پڇاڙيون آهن. جڏهن تہ ڪهاڻي ممتا ۽ موبائل ۾ لفظ 142 ۽ ضميري پڇاڙيون 04 آهن، ڪهاڻي "پاڪ" ۾ لفظ 122 ۽ ضميري پڇاڙيون 02 آهن.

"اوسئيڙو" سري هيٺ سرجيل ڪهاڻي ۾ 266 لفظ ۽ 10 ضميري پڇاڙيون آهن ۽ اها مائڪرو اسٽوري آهي، پوري مجموعي ۾ صرف هڪ ڪهاڻي پاراٿيو، 1107 لفظن تي مشتمل ۽ طويل آهي.

انهي مختصر بحث ڪانپوءِ چئو ٿئي ٿو تہ فليش فڪشن جي حوالي سان مارڪيٽ ۾ آيل ڪتابن ۾ هي ڪتاب هڪ بهترين ۽ اهم اضافو آهي.

ويهين صديءَ جي آخر ڌاري يورپ ۾ هڪ جديد ادبي ۽ تنقيدي نظريو منظر عام تي آيو جنهن کي "جديديت پڄاڻان" چيو ويو، يعني (Post Modernism) ان لاڙي جي وصف لاءِ اجا تائين ڪا حمتي راءِ قائم ٿي نہ سگهي آهي، بهرحال اهو طئي آهي تہ هن نظريي يا لاڙي کي مڃڻ وارا ڪنهن بہ حقيقت، علم ۽ فلسفي کي قطعي ۽ آخري ڳالهہ نٿا مڃين، انهي ڪري رد عمل ۾ هر شيءِ لاءِ شڪ جو اظهار ڪن ٿا.

جديديت پڄاڻان لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ هي ادب ۾ مصوري جي پرک جو هڪ جديد، سائنسي ۽ فلاسافيڪل طريقو آهي، جنهن ذريعي يورپ جهڙن ترقي يافتہ علائقن ڪان وڌيڪ، غريب ۽ اسرندڙ ملڪن جي سماجي مسئلن جهڙوڪ: رشوت خوري، انتها پسندي، بيروزگاري، تعليمي زوال ۽ ٻين اڪيچار مسئلن جي نشاندهي ڪري، انهن کي افسانوي ادب جو حصو بڻائي جديديت پڄاڻان جي تنقيدي دائري ۾ آڻي پرک ڪري سگهجي ٿي، هي نظريو جديديت جي ڪجهہ رخن کي بہ چئلينج ڪري ٿو ۽ جديديت پڄاڻان موجب پيغام پهچائڻ بدران لڳاتار فني سوال پيدا ڪري سگهجن ٿا، بهرحال هن نظريي کي متضاد مظهر رکندڙ، مخصوص رخن وارو ۽ ڇڙواڳ لاڙو يا نظريو چئي سگهجي ٿو.

سڏايي صاحب جون اڪثر مختصر ڪهاڻيون پڙهڻ ڪانپوءِ ثابت ٿئي ٿو تہ اهي جديديت پڄاڻان جي زمري ۾ اچن ٿيون، اسان جو ادب اجا تائين رومانيت قوم پرستي، ترقي پسند ۽ علائقائي عقيدي ڪان جند ناهي ڇڏائي سگهيو، اهو ئي سبب آهي جو جديد فني نظرين ۽ روين تي

نگاهہ گهٽ وجي ٿي، ڊاڪٽر سڏايو فرانس جي جديد ادبي لاڙي علامت نگاري تي ڪم ڪري ڊگري حاصل ڪري چڪو آهي.

هن مجموعي ۾ سرجيل ڪوڙ ڪهاڻيون جديديت پڄاڻان جي اصولي لاڙي موجب آهن، جيئن تہ سندس ڪهاڻين “پهرين چاهت”، “سانتيڪو انسان”، “25 ڊسمبر”، “پارانيو” ۽ “پاچولو” ۾ زندگي سان واڳيل اهڙن خيالن کي اپاريو ويو آهي، جنهن ۾ بيان ٿيل سماجي ۽ ثقافتي رويا، وهم ۽ وسوسا روحانيت ۽ پراسراريت ۾ جديديت پڄاڻان جي عڪاسي نظر اچي ٿي.

ڪهاڻي پاچولو’ ۾ سڏايي صاحب جديديت پڄاڻان جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. هن ڪهاڻي جر مرڪزي ڪردار صابل آهي. صابل پنهنجي مئل ماءُ سان بي انتها پيار ڪري ٿي، جيڪا ننڍپڻ ۾ ڪيس بي درد دنيا ۾ اڪيلو ڇڏي هميشہ لاءِ هلي ويئي هئي، قبرستان سندس گهرجي ويجهو هجڻ سبب هوءَ روزانو ماءُ جي قبر تي وڃي ٿي، اتي ڪيس ذهني سڪون ملي ٿو، ڪيس وڇڙيل ماءُ سان ايترو لڳاءُ ٿي وڃي ٿو جو سمهڻ مهل بہ ڪو درديلو ۽ پيار وارو پڙلاءُ سندس ڪن تي پوي ٿو، جيڪو ڪنائڻ سان ڪيس محسوس ٿئي ٿو تہ اهو قبرستان مان پڙلاءُ اچي پيو، هوءَ انهيءَ پڙلاءُ جي پرولي پرکڻ لاءِ هڪ رات ڪنهن تاثراتي عمل هيٺ قبرستان ڏانهن رخ ڪري ٿي.

هر پاسي سانت جا پهرا ۽ چپ جو راڄ هو، لهندڙ سج جي لام هن کي ڏياتيءَ جو ڪم ڏنو، هوءَ بي ڊپي قبرن وچ مان رستو ٺاهيندي قبرستان جي ٻئي پاسي هڪ وڏي پٿرن سان ٻڌل قبر جي مٿي کان وڃي بيٺي هئي، پر ۾ پيون ڪچيون ۽ ننڍيون ٺيون هيون، پر هي سڀ کان اوچي ۽ نرالي قبر هئي. چنڊ پنهنجي ٺڏڙي روشنيءَ جي لام لاهي الهي چڪو هو، اماس رات جيان هرسو ٻاٽ اوندهہ ۾ ڪيس پنهنجو جسم بہ نظر نہ پئي آيو. اوچتو هن محسوس ڪيو تہ قبر جي پيراندي کان ڪو ڪفن ۾ ويڙهيل پاچولو آهستي آهستي اٿي رهيو هو، سفيد ڪفن پهريل اهو پاچو اوندهہ ۾ مر مر جيان چمڪي رهيو هو. آلاپ وري گونجيو،

صابل محسوس ڪيو ته، اهو ڪفن پوش جوئي وجودي آواز هو، بي تابيءَ ۾ هوءَ ڪفن پوش لاش جي سامهون وچي بيٺي ۽ ڪيس ڀاڪر وجهندي چيائين: ”امڙ آئون اچي ويئي آهيان!!“

جهٽ پل ۾ جيئرو ۽ مردو ٻئي جسم ملي هڪ ٿي ويا.!

جديديت پڄاڻان عالمي قدرن سان گڏوگڏ مقامي ثقافتن ۽ مئٿالاجي کي به سمجهڻ جو هڪ ذريعو آهي. هن ڪهاڻي ۾ هڪ اهڙي ئي سماج جي روحاني سچا ين، لاڳاپن ۽ وهمن توڙي ويساهن جي عڪاسي ٿيل آهي.

ڪهاڻي ’25 ڊسمبر‘ ۾ پڻ اهڙي قسم جي روحاني وارتا ڏسي سگهجي ٿي، يسوح مسيح جي ولادت وقت مقدس مريم کي آسمان مان آيل فرشتي پنهنجون ٻانهون ڊگهيري پينگهي ڏانهن اشارو ڪندي چيو:

”هي توهان جي ڪک مان ٿيل ٻار يسوح مسيح آهي ۽ خداوند خدا ان جو خلقيندڙ آهي ۽ هي پتڪيل ماڻهن کي سنئون رستو ڏيکاريندو.“

هتي ليکڪ جديديت پڄاڻان، لوڪ ڪٿائن، ثقافتي رسمن ۽ روحاني حقيقتن جي ڏار ڏار تهذيبي اصولن ۽ عقيدن جي عڪاسي ڪري ٿو. ان ڪري جيڪو ڪهاڻي ’25. ڊسمبر‘ ۾ تاثر حضرت عيسيٰ ۽ بيبي مريم جي تقدس، پاڪائي ۽ مسيحي عقيدي جي صداقت بابت ڏنو ويو آهي، اهو جديديت پڄاڻان جي سوچ کي اڀاري ٿو.

هن ڪتاب ۾ اڪيچار خوبيون آهن، جن مان هڪ اهم خوبي مختصر ترين ڪهاڻيون هجڻ آهي، جديديت پڄاڻان تحريڪ پڻ وڏن داستانن بدران مختصر ترين ڪهاڻين کي اهميت ڏي ٿي، ڪتاب ”ڪلجڳ جا رنگ“ ۾ مختصر ڪهاڻيون اهڙي ته افسانوي ڏانءَ سان سرجيون ويون آهن جو انهن کي بنياد بڻائي ناول ۽ داستان لکي سگهجن ٿا.

گهڻيون ڪهاڻيون واقعاتي ۽ تاثراتي آهن، ڪجهه نفسياتي، علامتي ۽ تاريخي به آهن ۽ هر ڪهاڻي ۾ طنز ۽ ڀرپور پيغام سمايل آهي.

ڪهاڻين ۾ ڪيترن ئي موضوعن سان گڏ اسرندڙ سماجن خاص طورتي سنڌ جي مسئلن، نڳي، دولاب، لالچ ۽ گلا جهڙن ٻين موضوعن تي ٻه لکيو ويو آهي، اهڙين ڪهاڻين ۾ ”ڪلب“، ”ٽرانسفر آرڊر“، ”ڪلجڳ جارنگ“، ”بروڪر“ ۽ ”ٻودو“ شامل آهن. هن مجموعي ۾اهڙيون ڪهاڻيون ٻه آهن جن جي پڙهڻ کانپوءِ پيار جي هڪ وڻندڙ، پرلطف، رومانوي ۽ المياتي احساس ٻه اجاگر ٿئي ٿو. اهڙين ڪهاڻين ۾ ”ارٿي“، ”رنگ ڀري پچڪاري“، ”رشوت“، ”منهنجي امڙ“، ”پروسو“، ”ويراڳي شاعري“، ”بي رحم موت“، ”اوسيئڙو“، ”من جو مامرو“، ”پيار ۽ مذهب“، ”چونئري جو ڏيو“ ۽ ڪجهه ٻيون ڪهاڻيون اچيو وڃن ٿيون. فني لحاظ کان ڏسبو ته اڪثر موضوع جديدت پڇاڙان ۾ موجود آهن، مثال:

” محبت جو درد پر لطف تڏهن ٿئي ٿو جڏهن ڪو ان کي ماڻي ٿو- شيرين منهنجي پهرين چاهت، صبح جي پرنور چمڪندڙ سج جيان انگ انگ ۾ خواهشن ۽ لذتن جي لار اوتي چانورو ٻڄي مون تي ايئن ڇانئجي ويئي هئي جو اڄ تائين ان خوبصورت، وڻندڙ پيار جي جهوتي، نرم نازڪ ڇهاءَ سونهن ۽ سحر کان ٻاهر نڪري ناهيان سگهيو“

ڪهاڻين ”پهرين چاهت“ جي مٿين پئرا رومانوي آهي پر هيرو پيار جي آفاقي صداقت کان منهن موڙي، جواني جي هٺيلي گهوڙي تي سوار پوئتي ڪنڌ ورائي نٿو ڏسي، پنجاهه ورهيه گذرڻ کانپوءِ ڪهاڻي جي ڪلائيميڪس تي پهچي، جڏهن هيرو جديديت پڇاڙان جي نتيجي موجب اوچتو هيروئن شيرين کي سندس اسپتال تي ڏسي ڪيس سڃاڻي ڏاڍي حيرانگي مان پڇي ٿو ته ”مونکي سڃاڻو ٿا؟“تڏهن شيرين جو هي جواب: ”پنهنجن کي ڪير نه سڃاڻندو، پريم آهين نه !!“ اهو ٻڌي سندس اندر پرزا پرزا ٿي پوي ٿو ۽ هو ڪرسي تي ويهي رهي ٿو.

ڪهاڻي ”ورهاڱو“ علامتي نوعيت جي آهي جنهن ۾ هن جرمني جي ورهاڱي کي علامتائي، (Symbolized)انداز ۾ چانسلر جي ڪيل پهرين تقرير جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:

“ ورهاڱو فطرت جي اصول جي ابتڙ ڪجهه مطلبي ماڻهن جي ذهنن جو روڳ ۽ تڪڙو توڙي جذباتي فيصلو ٿئي ٿو، ماڻهن جي گهڻائي اهڙي فيصلي جي خلاف هوندي به طاقتور ڌرين جي هٿن ۾ رانديڪا بڻجي پنهنجو وس ۽ وت وڃائي ويٺا ۽ پوءِ ديوار برلن جو ڏکو ۽ ويڪرو پاڇولو ٻنهي پاسن جي ماڻهن جي جذبن سان کيڏندي، انهن تي ٿتوليون ڪندو رهيو”

هتي پاڇولي مان مراد اهڙو گروهه آهي جيڪو انهيءَ غير فطري ورهاڱي تي اتان جي عوام جي جذبن سان کيڏي سدائين ٿتوليون ڪندو رهي ٿو.

مجموعي ۾ ڪجهه فلاسافيڪل ۽ نفسياتي ڪهاڻيون به آهن، جيڪي فني توڙي فڪري لحاظ کان اتم پد واريون آهن، انهن مان “پاپي”، “ڪارونجهرجو ڪر”، “گلا جو گهانگهو”، “خاڪي لفافو”، “حادث حويلي”، “پارانيو”، “جذبن جو ملهه” ۾ پڻ جديديت پڄاڻان جا اشارا ۽ نشان ملن ٿا.

آئون سنڌي ادب جو ننڍڙو شاگرد آهيان، نه ڪو نقاد ۽ راءِ ڏٽي- ڊاڪٽر غلام نبي سڏايي جي هن ڪتاب “ڪلجڳ جا رنگ” جون ڪهاڻيون پڙهي راءِ پيش ڪئي اٿم، منهنجي خواهش آهي ته سنڌي ادب جو ڪو قداور محقق ۽ نقاد هن ڪتاب تي ڀرپور ۽ معياري تنقيدي بحث ڪري نتيجا ظاهر ڪري. ته جيئن ڊاڪٽر غلام نبي سڏايي صاحب سميت ٻيا به ڪهاڻيڪار لاڀ حاصل ڪن.

**مرتضي لغاري**
16 نومبر 2017ع
ڪراچي

# ادب جو چراغ

جيڪب آباد ۾ غلام نبي سڏايو فتاح عابد ۽ اڪبر اديب پاڻ ۾ ويجها دوست هوندا هئا. منهنجو تعلق به ساڻن سنڌي ادبي سنگت شاخ جيڪب آباد ۾ اٽڪل 1967ع ڌاري ٿيو هو ۽ جيئن ته ان وقت سنگت جي شاخ ۾ سنڌ جا ناليوارا سينيئر ليکڪ عبدالڪريم گدائي، ڪامريڊ برڪت علي آزاد، نبي بخش سرڪي عرف لالو مٺو، غالب لطيف، مهر لطيف، گل محمد چنو، نوراحمد سومرو، غلام رسول ڪلهوڙو، شعبان بخت، محمد بخش سومرو، گوپال پروانو ۽ سعيد ڪيوٽي موجود هئا، ان ڪري مون سميت غلام نبي سڏايي، فتاح عابد، اڪبر اديب، امداد اوڍي، مهرالله سومري، اسحاق شيخ، شاهمراد دائودپوٽو، داد محمد بروهي خادم ۽ ٻين ڪيترن نوجوانن جي علمي ادبي تربيت تمام ڀلي نموني ٿي. انهن تنقيدي ڪلاسن ۾ ڪڏهن ڪڏهن رشيد ڀٽي، الطاف عباسي توڙي بشير مورياڻي، آغا شهاب الدين به سنگت ۾ اچڻ تي فخر سمجهندا هئا. پوءِ جڏهن سائين محمد ابراهيم جويو جيڪب آباد بدلي ٿي آيو ته اهو به گهڻو وقت ادبي سنگت جي تنقيدي ويهڪن ۾ شامل ٿيندو هو.

ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو صاحب 1972ع ڌاري ادبي سنگت جيڪب آباد شاخ جو سيڪريٽري به رهيو 1974ع ڌاري ايم اي سنڌيءَ ۾ ڪيائين، بعد ۾ "صحافت" ۾ به ايم اي ۽ "ايل ايل بي" ڪيائين. 1989ع ڌاري شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ علامت نگاريءَ تي پي ايڇ ڊي ڪيائين. پيشي جي لحاظ کان جيڪب آباد جي ڪاليج ۾ پروفيسر رهيو آهي. 1981ع ڌاري سنڌ گريجوئيٽ جي شاخ جو صدر فتاح عابد چونڊيو ويو ته سيڪريٽري به ڊاڪٽر سڏايو چونڊيو ويو هو. عبدالڪريم گدائي صاحب متعلق ترتيب ڏنل سندس ڪتاب "سفر

زندگيءَ جو” (اشاعت: اپريل 1985) جي آخر ۾ سندس ڪجهه ڪتابن جو ذڪر هن ريت ڏنل آهي: سنڌي ڪهاڻيون (ترتيب)، “غريبن جو وارثو” ناول جو مطالعو، “تا چنگ چرن چاهت جا” (نظم: ترتيب)، چونڊ سنڌي افسانن جو تنقيدي جائزو (تنقيد)، “سنڌي ادب جي مختصر تاريخ”، “جديد سنڌي مضمون نگاري”، “جيڪب آباد قديم ۽ جديد” (ترتيب).

ڊاڪٽر صاحب جو فن موسيقي ۽ اسٽيج ڊرامن سان به گهڻو شغف رهيو آهي. ان عمر دوران مائوٿ آرگن تہ جيڪب آباد ۾ گهڻو ڪري مان وڄائيندو هوس پر مائوٿ آرگن وڄائڻ جو شوق ڊاڪٽر صاحب به اوائلي عمر ۾ ڪيو هو، ۽ جڏهن فتاح عابد شيرازي آرٽ سرڪل جو بنياد وڌو تہ ڊرامن لکڻ، انهن کي اسٽيج تي پيش ڪرڻ ۾ اڪبر اديب، محمد بخش سومري ۽ غلام حسين لاشاري (جنهن کي اسان ايمي منيوالا سڏيندا هياسي) الهورايو لاشاري، آزاد لاشاري (پينٽر) خدابخش سومري سان ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو صاحب بہ ساڻن گڏ هوندو هو. سياري جي مند ۾ جڏهن جيڪب آباد ۾ زرعي صنعتي نمائش لڳندي هئي تہ اهو سڄو ٽولو توڙي ارباب آرٽ سرڪل، نوبهار آرٽس سرڪل، مخمور مهراڻ آرٽ سرڪل، حفيظ آرٽ سرڪل وارا اداڪار، ڳائڻا: محمد عثمان “تمنا” عنايت راهي، محمد اسماعيل سومرو، واجد علي مهر، نبي بخش لاشاري (جنهن کي اسان اداڪار رنگيلي جي پي ڪاپي سڏيندا هياسي) گڏجي شهر جي عزت ۽ وقار کي بلند ڪرڻ لاءِ سرڪاري پروگرامن ۾ شامل ٿيندا هئا. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام نبي سڏايي پنهنجا احساس “آشرم” ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيا آهن.

سنڌي ادبي سنگت جيڪب آباد شاخ ۾ تنقيد لاءِ گهڻو ڪري شاعري پيش ٿيندي هئي، جن ۾ سعيد ڪيوٽي سدائين پنهنجو نثري نظم کڻي ايندو هو ۽ ساڳيءَ ريت ڪهاڻيءَ جي صنف تي وري غلام رسول ڪلهوڙو ۽ اڪبر اديب مسلسل پنهنجون ڪهاڻيون پڙهندا هئا،

باقي غالب لطيف، فتاح عابد، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو (ان وقت "صابر" تخلص رکندو هو) ۽ ٻيا دوست ڪڏهن ڪڏهن شعر ته ڪڏهن ڪهاڻي پڙهندا هئا، ۽ شعبان بخت ۽ عبدالڪريم گدائي به ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي شاعري پڙهندا هئا.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جي هن مجموعي ۾ ڪجهه اهڙيون ڪهاڻيون به آهن جيڪي اسان سنگت جي ويهڪن ۾ يا رسالن ۾ اهڙي توجهه سان نه ٻڌيون/ پڙهيون هيون جيئن هن وقت هي به اکر لکڻ وقت ڏيان سان پڙهيون اٿم.

عام طور تي ڏٺو ويو آهي ته ليکڪن جي ابتدائي لکڻين ۾ گهڻي قدر سندن ويجهي ماحول، ڪردارن ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جي عڪاسي هوندي آهي، يا ائين چئجي ته انهن جو پنهنجي ويجهي سماجي سيٽ اپ جو مشاهدو وڌيڪ هوندو آهي يا اجان به ائين چئجي ته جڏهن ڪو حساس شخص پنهنجي ويجهي ماحول ۾ ڪي انساني خرابيون ڏسندو آهي ته سندس تخليقي سگهه ڪيس للڪاري قلم ڪڻڻ جي ذميداري سونپيندي آهي، ساڳيءَ ريت ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جي اندر ۾ ويٺل هڪ حساس تخليقڪار به پنهنجي شهر جيڪب آباد ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ ٿيندڙ سماجي اوڻاين ڪي تحريري اظهار ڏيڻ جي ذميداري محسوس ڪندي اهڙيون ڪهاڻيون رچڻ ضروري سمجهيون هيون، ۽ جيئن ته جيڪب آباد جو شهر سنڌ جي پڇڙيءَ تي ۽ بلوچستان جي منهن وارو شهر آهي، ان ڪري اتي جي رسم رواج ۾ هندو مسلم ۽ سنڌي بلوچي رسم رواج جو سنگم آهي، ان حوالي سان جهڙيءَ ريت ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جون ڪجهه ڪهاڻيون: "مقدس گانئيون"، "رنگن ڀري پچڪاري"، "ارتي"، "پرشاد"، "ايڪتا"، "بروڪر" جو سناءُ هندو جاتيءَ جي حوالي سان سٽيل آهن، تيئن "حرام حلال"، "پيار جو پاڇولو"، "اصول پرست"، "پاڳيو"، "بودو"، "ماسي ڪريما"، "هيلٿ آفيسر"، "پاپي" .... ۽ ٻيون به ڪيتريون ڪهاڻيون

مسلمانن جي حوالي سان تمام گهڻن غير سماجي موضوعن تي تنقيد ۽ انساني آسن اميدن جون قلمي تصويرون آهن.

مرتضي لغاريءَ ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جي ڪهاڻين جي حوالي سان فليش فڪشن، مائڪرو اسٽوريز، نينو اسٽوريز جو تجزيو ڪيو آهي، جيڪو اسان جي هن دور جي ليکڪن جي معلومات لاءِ انتهائي اهم آهي، پر منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جون هي سموريون ڪهاڻيون مختصر ڪهاڻين جي ذمري ۾ اچن ٿيون، ۽ جيئن ته سنڌي ادبي سنگت جي تنقيدي ويهڪن ۾ ٿوري وقت ۾ ئي پنهنجي لکڻي پيش ڪرڻي هوندي هئي ان ڪري ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جون ڪهاڻيون به ان دورانيي جي حوالي سان مختصر آهن، پر مرتضي لغاريءَ جو تجزيو سنڌي ڪهاڻيءَ جي ادبي تنقيد جي حوالي سان نهايت اهم پيش رفت آهي.

جهڙيءَ ريت ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي "آشرم" ڪهاڻيءَ ۾ جيڪب آباد جي آرٽ سرڪلن ۽ انهن جي فنڪارن سان سماجي بيقدري، پذيرائيءَ يا پوريءَ ريت سهائتا نه ٿي سگهڻ جي احساس جو اظهار ڪيو آهي، تيئن "ادب جو چراغ" ڪهاڻيءَ ۾ هن اردوءَ جي ناملياري شاعره پروين شاڪر جي اوچتي ٽرئفڪ حادثي ۾ فوت ٿي وڃڻ جي غم کي بيان ڪيو آهي. ساڳيءَ ريت روپلي جي سنڌي قومي جذبي کي "هو الوپ ٿي ويو" عنوان سان ڪهاڻيءَ جو روپ ڏنو آهي.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جي ڪهاڻي "راکي" پڙهندي منهنجو ڌيان ماضيءَ جي انهن ڪهاڻين ڏانهن ڪڇي ويو، جن جا ليکڪ مسلمان هئا، منهنجو پنهنجو خيال آهي ته مسلمان ليکڪن: هندن جي راکي يا اهڙين ٻين ڌرمي رسمن تي هندو مسلم وچ ۾ "ايڪتا" پيدا ڪرڻ خاطر لکيو هو، ۽ ان ۾ ٿورو به شڪ نه آهي ته "راکيءَ جي رسم" ئي خاص طور سنڌين ۾ "هندو مسلم ايڪتا" جو احساس اڀاريندڙ رهي آهي.

مون ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي جي ادبي خدمتن ۽ شخصي زندگيءَ متعلق پاڪستان ٽيليويزن جي سنڌي پروگرام لاءِ 2007ع ڌاري

پورٽريٽ رڪارڊ ڪيو هو، جنهن ڪي پين سيبتن پروگرامن وانگر نہ پي ٽي وي محفوظ ڪري سگهي نہ ئي پي ٽي ويءَ انهن سيبتن ماڻهن کي ڪا ڪاپي ڪري ڏني، جنهن جو افسوس مون کي تہ آهي ئي پر سنڌ جي سڀني اديبن، شاعرن توڙي فنڪارن کي بہ آهي، جو پاڪستان ٽيليويزن هيڏو علمي ادبي خزانو هوا ۾ هلائي، رڪارڊ ئي متائي ڇڏيو.

**بيدل مسرور**

**ڪراچي سنڌ**

27. 11. 2017

# اڳيو ڪائو ڪچ

1962ع کان شاعري، ڪرڻ ڳائڻ، مائوٿ آرگن ۽ مورچنگ جي مشق ڪرڻ لڳس. بعد ۾ سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر بڻجي ڪهاڻيون لکڻ جي شروعات ڪيم جيڪي ان وقت جي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿينديون رهيون. ڪي اڻ ڇپيل ۽ اڌوريون ڪهاڻيون گم ٿي ويون ۽ ڪي لکي پوريون ڪيم. 1973ع کانپوءِ تحقيق ۽ تنقيد جي شعبي سان سلهاڙجي ادبي تاريخ مضمون نويسي، نظم توڙي نثر جي تنقيدي مطالعي جو شغف اختيار ڪيم، انهي دوران ڪهاڻيون به سرجيندو رهيس، هن ڪتاب ۾ صرف هڪ شروعاتي ڪهاڻي "پارانپو" کانسواءِ باقي سڀ ڪهاڻيون گذريل ستن اٺن سالن دوران لکيل آهن.

من جي مامرن ڪي واقعياتي تخيل ۾ سموهي جڏهن لفظن جو روپ ڏجي ٿو تڏهن ڪهاڻي سرجي ٿي. ڪهاڻين ۾ لفظ پاڻ ڳالهائيندا ۽ پنهنجو اثر ڇڏيندا آهن. هن ڪتاب ۾ اهڙيون ئي ڪهاڻيون آهن جيڪي واقعن ۽ حقيقتن تي ڳالهائين ۽ ڪٿائون بيان ڪن ٿيون.

تخيل ۽ تحت الشعور جي لڪل گوشن مان تصوراتي رويا ڇلانگ هڻي، جڏهن ڪهاڻيون بڻجي پنن تي اوتجي پيا تڏهن اهو احساس ٿيو ته اهي ڪهاڻيون نه سرجن ها ته پنهنجي اندر جي اڌمن ۽ نفسياتي مونجهارن ڪي جيڪر ظاهر ئي نه ڪري سگهان ها.

ذهني ۽ جسماني پوڳنائن، نفسياتي گهٽ وڌاين ۽ سماجي اڏاوت جي ڪري، انسان ۾ پنهنجي ڪمزورين، لاچارين ۽ بيوسين کي بيان ڪرڻ جي قوت نٿي رهي ۽ نه وري اهڙين حالتن ۾ هو اُتڻ جي سگهه رکي ٿو. سرجيندڙ ۽ تخليقڪار به هڪ انسان آهي، نيٺ پنهنجين

محرومين کي اورانگهي سڀ ڪجهہ اوڳاڇي سچ ۽ روشني جي واٽ ونئي ٿو.

منهنجون ڪهاڻيون بہ اهڙين محرومين جو داستان آهن، جن ذريعي مون ڪوڙ سارن واقعن، سچاين، شڪ شبهن، سياسي، سماجي ڏيوالپڻي ۽ معاشي جبر بابت چند اشارا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اهي سڀ مختصر ڪهاڻيون منهنجي اندروني تڙپ ۽ روڳ کي ظاهر ڪن ٿيون، انهن کي بنياد بڻائي طويل ڪهاڻيون ۽ ناول بہ لکي سگهجن ٿا.

اڄوڪي دنيا ۾ ڊگهين ڪهاڻين ۽ داستانن بدران ننڍيون ڪهاڻيون لکجي رهيون آهن- اسرنڌڙ ملڪن ۾ فليش فڪشن گهڻو پيو لکجي، ڇو تہ مصروفيتن ڪري ماڻهو ٿوري وقت ۾ زندگي جي مشغلن مان فارغ ٿيڻ چاهي ٿو- جڏهن تہ اسريل ملڪن، رشيا، فرانس ۽ انگلينڊ ۾ ناول وڏيڪ پيا لکجن ۽ پڙهجن-

هن وقت اسان وٽ ننڍي ڪهاڻي فني لحاظ کان اتم پڌ تي پهتل آهي ڇو تہ ان ۾ آرٽ ۽ ڪرافٽ ٻئي آهن. اسان جو ڪهاڻيڪار فني گهرجن جو مطالعو ڪندڙ ۽ ڄاڻو ڪار آهي، ڪهاڻي ۾ واقعا ۽ منظر اهڙي ترتيب سان ڏي ٿو جو اهي نہ صرف پڙهندڙ جي ذهن ۾ هلچل پيدا ڪن ٿا پرڪشش ۽ اثر بہ ڇڏين ٿا نہ صرف اهو پر ڪهاڻي ۾ انوکو ۽ حيرت ۾ وجهندڙ سسپينس بہ آخري جملي تائين قائم رهي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو اڄڪلهہ مختصر ڪهاڻيون گهڻيون پڙهيون وڃن ٿيون.

هن ڪتاب جي هر ڪهاڻي اک ڇنڀ ۾ پڙهي سگهجي ٿي يعني گهڻيون پنهنجي ڪارج ۽ تاثر جي لحاظ کان( Communicate ) ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهن- ڪوشش ڪري ڪهاڻي کي گهٽ ۾ گهٽ لفظن ۾ سموهيو آهي. هرڪا ڪهاڻي پڙهڻ کانپوءِ اهو تاثر شدت سان اڀري ٿو تہ: اڄهو ٿو سنسار جي ڪنهن لڪل سچ تان پردو ڪڇي،

منهنجون ڪجھ ڪهاڻيون شارٽ شارٽ ڪهاڻي جي زمري ۾ اچن ٿيون، ڪجھ تمام مختصر، ڪجھ سڊن (Sudden) فڪشن ۽ ڪي مائڪرو ۽ نينواستوري آهن.

مختصر ڪهاڻين جي هن مجموعي "ڪلجڳ جا رنگ"، ۾ ٻوليءَ جي سونهن، گم ٿيل يا گهٽ استعمال ٿيندڙ لفظن سان گڏ موضوع جي نواڻ بہ آهي. جهڙي ريت ڪهاڻيون "رنگن ڀري پچڪاري"، "ڪلجڳ جا رنگ"، "پيار ۽ مذهب"، "پاپي"، "راڪي"، "ايڪتا"، "منهنجي امڙ" ۽ "ارتي" پڙهڻ ڪانپوءِ ڪردارن جي عوامي ٻولي ۽ نفسياتي رد عمل ڏسي، چئي سگهجي ٿو تہ سڀ جو سڀ پنهنجي ڌرتيءَ سان واڳيل ۽ حقيقت تي مشتمل آهن.

اڪثر ڪهاڻين ۾ فني ۽ تاثيري ترتيب توڙي نفسياتي ۽ سماجي گهٽ وڌايون اهڙي تہ ڇيندڙ انداز ۾ ڏنيون ويون آهن، جو انهن جا ڪردار پنهنجي جزئيات جي لحاظ کان جيئرا جاڳندا ۽ ڏٺل وائٺل لڳي رهيا آهن- ڪهاڻيون فيوڊل ۽ زرعي سماج ۽ روحانيت کان هٽي جديد فڪشن ۽ جديديت پڄاڻان جي اصولن کي سامهون رکي لکيون ويو آهن؛ انڪري انساني نفسيات کي ڇهندڙ، جديد معيار کي ويجهو ۽ سوچ توڙي پروڙجي دعوت ڏيئي رهيون آهن- انهي حوالي سان طارق عالم ابڙي، عبدالقادر جوڻيجي، صديق منگئي، بادل جمالي، رفيق سومري، رسول ميمڻ، منظور ڪوهيار، اخلاق انصاري، اسحاق انصاري، عبيد راشدي، عباس ڪوريجي ۽ ٻين ڀرپور لکيو آهي ۽ واهہ جو لکيو آهي-

ڪهاڻي ڪيتر ۾ هي هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي- اميد تہ ننڍين وڏين ڪا ڪوتاهين جي نشاندهي ڪري، رهجي ويل گهرجن کي سمجهائيندي، سڀ وڏا ڪهاڻيڪار هڪ بهترين رهنما جيان راءِ ڏيئي، رهنمائي ڪندا.

مون زندگي جي دردن ۽ احساسن کي ڪهاڻين ۾ سموهي سنڌي سماج ۽ مڙني پڙهندڙن کي هڪ پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جڏهن اهي پڙهي موٽ ڏيندا تہ منهنجي من کي سڪون ۽ ساهس ملندو ۽ سوچون مهانتا ماڻينديون.

آخر ۾ انهن مهربانن ۽ سرت جي صاحبن جا ٿورا مڃڻ ضروري ٿو سمجهان جن زندگي جي ڪنهن موڙ تي همٿايو، سمجهايو، سرت ساڇهہ ۽ پيار ۽ پنهنجائپ جي پوتر، ڪومل ۽ سڳند ۽ سرهاڻ سان پريل گلن جهڙن لفظن سان مونکي آسيس ۽ پيار ڏنو. انهن مانائتن شخصن جي لڙهي طويل آهي پر ڪجهہ ڳاڻ ڳڻيا ساٿي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، تنوير عباسي، عبدالڪريم گدائي، پروفيسر عبدالمنان چانڊيو، پروفيسر حافظ محمد علي سانگي، ڊاڪٽر محبوب شيخ، نصير مرزا، ڊاڪٽر يوسف خشڪ، اختر جانوري، ڊاڪٽر علم الدين بلو، سائين عبدالرشيد مگسيجو، محترم ساجد جمال ابڙو، ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي، ملڪ اسرار حسين، گهنشام ڊوڊيجا، ڊاڪٽر تهمينہ مفتي، ڊاڪٽر نجمہ نور، پروفيسر فرزانہ شاهين مگسيجو، ڊاڪٽر شڪنتلا سيواڻي، ڊاڪٽر بشير احمد شاد، ڊاڪٽر ادل سومرو، اياز گل، پروفيسر لياقت خان، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، پروفيسر ساجد سومرو، سائين استاد امبر تراءِ، اسحاق شيخ، فتاح عابد، ايڊووڪيٽ محمد بخش سومرو، پروفيسر حاجي روشن علي ٻٽو، اسد الله ٻٽو، پرفيسر عبدالرحمان لغاري، نظير لغاري علي اڪبر ڍڪڻ، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، ايڊووڪيٽ اي بي صدا لاشاري، خان محمد جروار، اڪبر اديب، محمد بخش جي- سومرو، استاد محمد هاشم ڏيئو ۽ مرتضيٰ لغاري منهنجي هنيانءَ ۽ هردي ۾ سدائين واسو ڪيو ويٺل آهن، يوسف سنڌي صاحب جا وڏا وڙ جنهن هن ڪهاڻي ڪتاب جو مهاڳ لکي ڏنو، اڻ ڳڻيا احسان پياري دوست بيدل مسرور صاحب جا جنهن پڻ مضمون لکي ڏنو، مان سندن محبتون وساري نہ ٿو سگهان.

**اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي،**
**پلئهِ پايو سچ، آچيندي لڄ مران.**

...............

**ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو**

5سيپٽمبر 2017ع

# ڪھاڻيون

فليش فڪشن مان مراد، ڪهاڻي جي صورت ۾ اهڙو نثري ادب جيڪو اک ڇنڀ ۾ پڙهي سگهجي. اهڙي قسم جي لکڻيءَ ۾ ليکڪ ٿوري ۾ ٿوري لفظن ۾ پنهنجي ڳالهه پڙهندڙن تائين پهچائڻ چاهيندو آهي.

انٽرنيٽ جي اچڻ ڪري فليش فڪشن کي هڪ نئين حياتي ملي آهي.

هن وقت يورپ ۾ فليش فڪشن جي حوالي سان ادب جون ڪيترين صنفون جهڙوڪ: مختصر- مختصر ڪهاڻي، نينو ڪهاڻي، مائڪرو ڪهاڻي، ٽوئٽريچر وغيره لکجن پيون.

فليش فڪشن ۾ اها به منفرد ادبي خوبي آهي ته هوءَ وڏي ڪهاڻي ڏانهن ڇتو اشارو ڪري ٿي. هن طريقي موجب ٿورن لفظن ۾ ڳالهه کي پورو ڪرڻو هوندو آهي.

## گراهام

# رنگ ڀري پچڪاري

اڄ ڌوڙيو هو ۽ هوليءَ جو پيو ڏينهن، سڀ رنگن سان ڪيڏي ۽ ڪڏي رهيا هئا. عورتن، ٻارن ۽ مرد ماڻهن مندر ۾ پرارٿنا ڪانپوءِ، جٿن جي صورت ۾ شهر جي وڏي جلوس ۾ شريڪ ٿيندا رهيا، جيڪو ڪلياڻ مندر ڪان مهراج گوپي چند جي اڳواڻي ۾ نڪري چڪو هو، وڏن جي هٿن ۾ رنگن سان ڀريل بالٽيون ۽ بوتلون هيون ۽ ٻارن جي هٿن ۾ پچڪاريون .

ڏهن ورهين جو نريش جلوس جي هڪ پاسي بند دوڪان جي دڪيءَ تي ويهي ڊاڪٽرن جي ڦٽي ڪيل بنا نيڊل واري سرنج کي پچڪاري بڻائي، ٻين ٻارن جيان رنگ هڻندي ڏاڍي خوشي محسوس ڪري رهيو هو، ڪنهن کي خبر ڪونه هئي تہ ننڍڙو سپني ڪان ڏار دڪيءَ تي ڇو ويٺو آهي؟ جلوس ۾ شريڪ ننڍاوڏا رنگا رنگ هوليءَ جي ڌماچوڪڙي ۾ ناچ نچي ۽ هڪ ٻئي کي مٽايون ڪارائي رهيا هئا.

ٻين ٻارن جي هٿن ۾ سهڻيون رنگا رنگي نفيس پچڪاريون ڏسي، نريش دل ئي دل ۾ سوچيو:

”جيڪر اهڙي پچڪاري وٽس هجي تہ رنگ لڳائڻ ۾ ڏاڍو مزو اچي.“ اهو سوچي جلوس ۾ هليو ويو ۽ هڪڙي پاڻ جيڏي کي چيائين:

”يار! ڪجھ دير لاءِ پنهنجي پچڪاري مونکي ڏيندين؟“

ڇوڪري انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو، پر نريش ڪو نہ مڙيو، ايلاز ڪندي چيائين:

”صرف ٻن منٽن لاءِ اها مونکي ڏي ۽ منهنجي پچڪاري تون هلاءِ.“

ڇوڪري ڏڪار مان ڏسندي چيو:

”هل پري ٿي، ايڏا غريب آهيو جو هوليءَ تي به پچڪاري نٿين نٿا وٺو!!“

اهو مهڻو ٻڌي نريش ڏاڍو نراس ٿي پيو.

ڪنهن کي ڪهڙي ڪل ته هو هڪ غريب ودوا جو پٽ ۽ گئوشالا جي هڪ ڪنڊ ۾ ننڍيل جهوپڙيءَ ۾ پنهنجي ماءُ سان گڏ رهندو هو.

ڪجهه دير ڪان پوءِ جلوس ۾ گوڙ ٿي ويو، ننڍڙو نريش پاڻ جيڏن جون پچڪاريون ڦريندو زمين تي ڦٽي ڪندو ويو، ڇوڪرا پڪڙيندا رهيا پر هو ڏاڍي تيزي سان ايئن ڪري رهيو هو.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ هو سيني ڪان پاڻ ڇڏائي، هڪ خوبصورت رنگ ڀري پچڪاري ڪنيو هجوم مان هليو ويو.

◆◆◆

# ٻودو

ٻودو منهنجو پاڙيسري ۽ اليڪ سليڪ وارو ماڻهو هو. اسان جي پاڙي ۾ اڪثريت هندن جي آهي. هونءَ هندو ڪاروباري ۽ نيت پريت وارا ٿين ٿا. پر ٻودو سڀني کان نرالي طبيعت وارو ماڻهو آهي، هو گهر جي ڀاڄي ڀتي پاڻ ئي خريد ڪندو آهي. ڪئنيڊي مارڪيٽ لڳ صبح جو ڀاڄين جا ڪوڙ ٺيلها لڳندا آهن، هو اڪثر اگهه گهٽ ڪرائڻ لاءِ هڪ ٺيلهي کان ٻئي ٺيلهي تائين گهمندو رهندو آهي، جيڪا ڀاڄي وڻندو چونڊي چونڊي ڪڍندو.

اچا وچولي وهي جو آهي پر چڪائي پوڙهن کان ٻه گهٽي ڪندو آهي، اسان جي دوڪان جي سامهون قاسم بروهي جو ٺيلهو بيٺل آهي ۽ ان ۾ وري رئيس پريل پيرزادي جا ٻه گاڏا، آلو ٽماٽي ۽ بصرن جا لڳل آهن.

هڪ ڏينهن صبح جو ٻودو چلي ڪٽي اچي قاسم بروهي جي ٺيلهي تي بيٺو ۽ ڀاڄين جا اگهه چڪائڻ لڳو، قاسم ڪيس سچاٽيندو هو، ڏسندي ئي چيائينس:

“ڪاڪا اڄ مال ٻه تازو ۽ سنو اٿئي ۽ اگهه ٻه ڪو وڏو ناهي ٿيو، پٽاٽا 50روپيه بصر 70 ۽ ٽماٽا 30 روپيه ڏڙي آهن.”

ٻودو ڪٽي ٿو مڙي، ٺيلهي واري کي چيائين:

““ڏهه ڏهه روپيا چوٽ ڏيندين تہ پوءِ سڀني مان ڏڙي ڏڙي تور.”

قاسم بروهي، اڳم تہ اگھہ گھٽ ڪرڻ لاءِ تيار نہ پئي ٿيو پر نيٺ دوڪانداري ڏيکاريندي چيائين: ”دادا توکي پنج روپيہ پيا بہ ڏڙي تي ڇڏيان ٿو هاڻي تنهنجي مرضي.“

بودو، اگھہ گھٽ ڪرائي، دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳو، پاڄيون تورائي، گھر ۾ زال جي اڳيان اچي رکيائين. اڄ جمعو هو ڪيس دوڪان تي وڃڻو نہ هيو، رسوئي لاءِ زال کي ڇئي وڃي ڪمري ۾ ويٺو.

سگھڙ عورتون گھر ۾ آندل هر شيءِ کي ڌسي وائسي صاف ڪري پوءِ هنڊيڪو ڪنديون آهن. هوءَ بہ سڀني پاڄين کي جدا جدا باسڻن ۾ چونڊبيندي رکندي ويئي ۽ انهن مان جيڪي خراب ۽ ڦتل هيون سي ڌار پئي ڪيائين. ڪم کان فارغ ٿي، هن مڙس کي سڏيو:

”اڙي! هي ڦتل پاڄيون ٻاهر وڃي گانئن کي ڏئي اچ.“

بودو ڪمري کان نڪري جيئن ورانڊي ۾ آيو تہ ڦتل ۽ خراب پاڄين جو هيڏو ڍڳ ڏسي وائڙو ٿي ويو ۽ چپن ۾ پٽپٽائيندي چيائين:

”مار! دوڪاندار تہ اڳيون پويون حساب چڪتو ڪري ڇڏيو.“

◆◆◆

# ارٿي

هو روزانو سنان پاڻي ڪري پنهنجي دوڪان تي وڃي هٿ ٻڌي، ڪنڌ نوائي، لڪشمي ماتا جي پرارٿنا ڪانپوءِ دوڪان جا تالا کوليندو هو. دوڪان ۾ رکيل گروءَ جي تصوير مٿان چندو پاڻي ڪري، گلن جي مالها چاڙهي، اگربتي جي واس ڪانپوءِ دوڪانداري شروع ڪندو هو.

هن کي مالڪ جو سڀ گنج هيو پر ڪيس نرينو اولاد ڪو نه هو. مساڻن ۾ شنڪر ۽ ماتا جي مندر ۾ هن منٿ باسي هئي ته جيڪر پٽ جو اولاد ٿئي ته هر سوموار تي هو ورت به رکندو ۽ مساڻ جي مندرن ۾ مٿو ٽيڪڻ به ايندو. سالن ڪانپوءِ سندس گهر ۾ آڪاش اتپن ٿيو ۽ پورو خاندان خوشيءَ ۾ ٻهڪي پيو.

ڌرمي ڏاڍن ۽ عقيدن ۾ پوتل راجيش هن سوموار تي مونکي به مساڻن ڏانهن وٺي ويو، هو دال، چانور، ٻاجهري ۽ گل وغيره کنيو آيو هو. مونکي ويهڻ لاءِ ڪرسي ڏيئي، پاڻ مٿو ڍڪي پوڄاپاٺ لاءِ مندر ۾ گهڙيو.

مساڻ ۾ پاڻي جي ڪچي تلاءُ تي بدڪون جهرڪيون، ڪبوتر، ٻيرا ڪيريون ۽ ڪانءُ، پريمين پاران وڇايل داڻو، بناڊپ جي چڳي رهيا هئا. هر پاسي شانت ئي شانت ڇانيل هئي. مساڻ جي پوئين حصي ۾ جنهگلي وڻ ٻوٽا ۽ کوڙ ساريون ڪچيون پڪيون قبرون هيون جيڪي راجيش جي چوڻ مطابق ننڍين ٻارن، ڪنوارين نياڻين ۽ مهراجن جون هيون. راجيش هڪ ننڍي قبر تي، اڪيون ٻوٽي، هٿ ٻڌي ارداس ڪرڻ لڳو ۽ منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائين:

”هي منهنجي ننڍڙي جي قبر آهي جنهن به سال اڳ صرف ٻه ڏينهن هن سنسار ۾ گذاريا.“

”مونکي خبر نه هئي، افسوس توکي ارماني ڪيم.“

هن وراڻيو: ”اهڙي ڪا ڳالھ ناهي، سچ اهو آهي ته مساڻن ۾ پٽ جي قبر تي اچي، منهنجي اندر ۾ اهو احساس اڀرندو آهي ته هڪ ڏينهن

منهنجي ارٿي بہ هتي ايندي ۽ اها ڪلپنا، سپا ۾ ڪجھ ڪرڻ لاءِ مونکي اڪسائي ٿي.”

راجيش جا اهڙا ويچار ٻڌي ڪيس چيم:

“يار! تون تہ واقعي سنت آهين.”

هن وراڻيو: “هتي ساڌو سنت، مهاپرش ۽ سيٺيا سڀ هڪ ڏينهن اچڻا آهن، خبر اٿئي! اڄ شهر جو مکي ۽ مل اونر سيٺ موهنداس چاولا جو ديهانت ٿيو آهي، ان جي ارٿي اچڻ واري آهي.”

اسان جيئن ئي مساڻ جي اڳئين حصي ۾ آياسي تہ موهنداس جي ڏولي پهچي چڪي هئي. اگني سنسڪار ڪانپوءِ، سڀ ڪانڌي آهستي آهستي پئنجايت پون ۾ اچي ويٺا. مهراج هوڪو ڏيندي چيو:

“هڪ پريمي گائتري منتر پڙهي ۽ پيا بہ ان سان گڏ پڙهن.” منتر پڙهڻ ڪانپوءِ، مهراج وري اٿيو ۽ هوڪو ڏيندي چيائين:“هاڻي سرڳواسي موهنداس جي پٽ لڇمڻ داس کي پڳڙي ٻڌائڻ جي رسم ٿيندي.”

پڳڙي جي رسم کان پوءِ مهراج ويٺلن کي وينتي ڪندي چيو:

“پئنچو پائرو پر چاڻي ڪريو.”

مهراج سيني آيلن تي پاڻي جو ڇنڊو وڌو ۽ هٿ ٻڌي موڪلائو ڪيو- سيني ماڻهن مرهيات موهنداس جي مائٽن سان هٿ ٻڌي دک جو اظهار ڪيو ۽ ٻاهر نڪرندا رهيا.

راجيش خاموش ۽ بي چين ٿي لڳو- مون ڪيس واپس هلڻ لاءِ چيو. هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا، سڙندڙ مڙھ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين:

“سيٺ موهنداس، منهنجو پري جو مائٽ لڳي- سيٺ ڏاڍو ڪنجوس هو- ڏاج ڏيڻ جي ڊپ کان هن پنهنجي ٻن ڌيئرن کي ويهاري متا اچا ڪري ڇڏيا.”

“پوءِ”

“پوءِ ڇا؟ اهي عمريون وڃائي ويٺيون ۽ هي ڌن بچائي ڌوڙ ٿي ويو.”

◆◆◆

# ايڪتا

ڏڱر محلي ۾ هوتو مل سوناري ۽ تڳيل خان درزيءَ جا گهر هڪ ٻئي جي لڳو لڳ هئا، ورهاڱو تازو ٿيو هو- ڪيترا هندو لڏي پلاڻي اباڻا گهر ڇڏي انڊيا هليا ويا ۽ ان جي جاءِ تي ڪوڙ پناهگير مسلمان انهن جي ڇڏيل جهڳن ۾ اچي ويٺا. هوتو مل جا ڪيترا مائٽ ملڪ ڇڏي وڃي رهيا هئا، ڪيس به هلڻ لاءِ زور ڀريائون، هن مائٽن کي چيو: "اهو ڪڏو ڪم مونکان نه ٿيندو اٽاسا اهڙو ڪم ڪري سگهن ٿا. منهنجو جنم به هتي ٿيو ته مرتيو به هن مٽيءَ ۾ ٿيندو."

ملڪ مان ورهاڱي واري افراتفري ختم ٿي چڪي هئي- هر پاسي سانتيڪو ماحول هو، هندو ۽ مسلمان اڳي جيان سک ۽ شانت ۾ گڏ جي گذارڻ لڳا.

سو مهٽي مهل هوتومل سونارڪو دوڪان بند ڪري سون ۽ روڪڙ جي ٿيلهي کڻي روز جيان گهرجي دروازي تي پهتو استاد تڳيل درزي به حسب معمول ڪٽ ۽ ڪرسيون لڳائي پنهنجي گهر جي ٻاهران ويٺل هو. هوتو مل اڄ به استاد کي نمستي ۽ سلام ڪيو- اڄ هن اچڻ ۾ ٿوري دير ڪئي هئي. استاد تڳيل پڇيس :

"اڄ اچڻ ۾ چو دير ڪئي اٿئي؟"

"استاد! ڪجهه گراهڪ اچي ويا هئا. انهي ڪري ٿوري دير ٿي ويئي ." هن وراڻيو.

استاد تڳيل درزي انهي ڪم کان اڳ جواني ۾ ڏاند گاڏي هلائي ڳوٺيون ڍوئيندو هو، بدن ۾ برجستو ۽ نڪرندڙ قد ڪاٺ وارو تڳيل دلير ۽ ٻي لبوهو، پاڙي وارا هندو توڙي مسلمان کيس عزت ۽ مان ڏيندا هئا. هو به پاڙي وارن جي آواز تي لبيڪ چوڻ وارو شخص هو.

ايتري ۾ اوچتو گهٽيءَ ۾ فائر ٿيو- هوتو سونارو، استاد تڳيل ۽ ٻيا ويٺل ماٺهو هڪا ٻڪا ٿي ويا- هوتومل، پنهنجي هڙ سميت اٿي گهر

ڏانهن راهي ٿيو، پر شاهينگ سر تي چڙهي آيس ۽ هڪل ڪندي چيائونس.

"نہ ويندين هوتو مل! اسان تنهنجا مهمان آهيون، هڻ اسان جي حوالي ڪر."

هن ٻاجهاري انداز ۾ استاد تڳيل کي ارداس ڪندي چيو: "تڳيل منهنجي وارثي ڪر."

استاد بي ڊپو ۽ بي پرواهہ... نہ ڪيائين هم نہ تم ۽ ڪاهي پيو ڪن ۾، ٿن ڌاڙيلن کي للڪاريندي چيائين:

"هوتو ڪان هٿ ڪڍو."

پر ڌاڙيل هٿ ۾ آيل شڪار کي ڪٿي پيا ڇڏين تڳيل کي سجاڻندي چيائون.

"استاد هي هندو آهي ۽ تون مسلمان-اسان جي وچ ۾ تو کي اچڻ نہ گهرجي."

تڳيل انهن کي جواب ڏيڻ بدران وجي هڪ ڌاڙيل سان ٻکيو، ڌاڙيلن وڏي ڪوشش ڪئي تہ ساٿي کي ڇڏائي، مال ڪٽي نڪري وڃن، پر استاد ڪٿي پيو ڌاڙيل کي ڇڏي، نيٺ ڌاڙيلن بي وس ٿي پنهنجي ساٿي ڇڏائڻ لاءِ گوليون وسايون. ٻہ لاش رت ۾ ڌوتل، گهٽيءَ جي فرش تي ڇڏي ڌاڙيل اونداهي جو فائدو وٺي سنهين گهٽين ۾ گم ٿي ويا.

ٻي صبح جو شهر جي هندو ۽ مسلمان گڏجي ٻنهي ميتن کي ڪلهو ڏيئي پوري شهر ۾ گهمائي، آخري منزل تي پهچائڻ لاءِ شهر جي اترئين پاسي تهيل مقام ۽ مساڻ پهچايو، امر هوتومل سونارو ۽ شهيد تڳيل درزي اڄ اسان وٽ ڪونهن پر مذهبي رواداري ايڪتا ۽ ڀاڙي تي ساهہ ڏيندڙ سپوت جي ڪهاڻي سدائين زندهہ رهندي.

آ مرڻو هر ڪنهن ماڻهو کي، پر ايئن نہ مرنداسين ساٿي،
ڪا آڳ لڳائي ويندا سين ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين.

◆◆◆

# ماسي ڪريمان

ڪريما منهنجي گهر جا ڀانڊا ٻه صاف ڪندي هئي ۽ گهر جي ٻئي ڪم ڪار ۾ ٻه مدد ڪندي هئي. آئون هن جي مرڪندڙ منهن ۽ اورچائي کان خوش هوندي هيس، هوءَ ٻين ماسين جيان لالچي ٻه نه هئي ٽن سالن کان مون وٽ ڪم ڪندي ڪڏهن ٻه پاڻ نه پگهار وڌائڻ لاءِ چيائين ۽ نه ڪڏهن ڪنهن لٽل ڪپڙي لٽي جي طلب ڪيائين. ها، پر مان سندس غربت ۽ ايمانداري ڏسي سندس هر طرح جو خيال رکندي هيس، ڏکي سکي ۾ هن جي گهرڻ کان اڳ، گهڻو ڪجھ ڏيئي ڇڏيندي هيس، اڄ هن ڪم تي اچڻ ۾ ڪافي دير لڳائي هئي. گهر ۾ گهڙڻ سان مون پڇيو.

”ماسي ايڏي دير ڇو؟ توهان کان سواءِ گهر جو ڪم ڪار رليو پيو آهي.“

مسڪرائيندڙ منهن واري ڪريما، اڄ ٿوري منجهيل ۽ موڳي پئي لڳي. هوءَ جواب ڏيڻ بدران گهر جا ٿانو ٿپا ميڙي هڪ هنڌ رکي، ڪچن جي صفائي ڪرڻ لڳي، ڪم پورو ڪري هوءَ چپ چاپ وڃڻ لڳي صرف ايترو چيائين:

”ميڊم آئون هلان پئي.“

هيڏانهن آئون سندس رويي تي ڏاڍي پريشان هيس، ڇو ته هوءَ ته ڪڏهن ٻه مونجهي ۽ ايئن خاموش ڪو نه رهي هئي. مونکان رهيو نه ٿيو، ٻانهن کان جهلي پنهنجي ڪمري ۾ آڻي ڇيم:

“ڪريما! ٻڌاءِ تہ سهي، آخر ڪهڙو مسئلو آهي! تنهنجي گهر يا ڪٽنب ۾ ڪو واقعو ٿيو آهي...؟ تنهنجي ڌيءَ حليمہ ڪٿي آهي، اها بيمار تہ ناهي؟؟”

“نہ ميڊم اهڙو ڪو مسئلو ناهي.”

“پوءِ ايڏي خاموشي ۾ تڪڙ ڇا لاءِ...؟”

هن هٻڪندي هٻڪندي چپ چوريا:

“ميڊم واقعو ڏاڍو ڏکائيندڙ آهي- اسان جي ڪڪائن جهڳين ۾ رهندڙ هڪ ڇهن ورهين جي نينگريءَ سان پاڙي جي ڪن اياڻن....” ۽ هوءَ جملو پورو ڪري ڪو نہ سگهي. منهنجي گهڻي پڇ پڇ تي هن نيٺ ڪڇيو.

“اهي ننڍڙڪا تہ پڪڙجي پيا ۽ گڏي جهڙي ننڍڙي کي پوليس تپاس لاءِ اسپتال وٺي ويئي، جتي گهڻي رت وهڻ ڪري هوءَ فوت ٿي ويئي”

“تنهنجي ڌيءَ حليما ڪٿي آهي؟”

“اڄ پڙس کي ڪم تي ڪو نہ ڇڏيم، حليما ان جي حوالي ڪري آئي آهيان.”

مون ڪيس آٿت ڏيندي چيو:

“اهو سنو ڪيءَ، هي دنيا ڏاڍي ڏنگي آهي. هتي انسانن جي روپ ۾ جانور رهن ٿا. احساس ۽ ساهس ختم ٿيندا پيا وڃن ڇاڪاڻ تہ تنهنجي سور کي آئون پاڻ ڌيءَ ماءُ آهيان.”

◆◆◆

# ڪلب

مسلسل ڇهن ڏينهن کان آئون پنهنجي نانيءَ ۾ سندس پٽن ذيشان ۽ ارمان سان گڏ جي شام جو ڪلب ويندو آهيان. يارهن سالن جا ٻئي ننڍڙا روزانو سوئمنگ پول ۾ تري تڙڳي پنهنجا ڪرتب ڏيکائيندا رهندا آهن. اڄ بہ سندن گهڻي اسرار تي، اڳم سوئمنگ پول تي وڃي، سندن ڪرتب ڏسڻ جو واعدو ڪيم تڏهن منهنجي جان خلاصي ٿي. ٻئي ڇٽا پاڻ سان گڏ تڙ جا ڇيڙا، نڪ ۽ ڪنن کي پاڻي کان بچائڻ لاءِ ضروري سامان آڻيندا هئا. اسين جيئن ئي سوئمنگ پول جي ڏاڪن تي چڙهڻ جو ارادو ڪيو تہ مين گيٽ بند ۽ در تي بيٺل سڪيورٽي گارڊ جو اشارو سمجهي هيٺ بيهي، حيرانگي ۾ ڏسندا رهياسين.

هر پاسي وڏي ڇڱ پڇوءَ هلي رهي هئي. خاموشي ۾ شڪ سان هر ڪو هڪ ٻئي کي تڪي رهيو هو. ويتر مونجهہ انهي ڪري ٿي رهي هئي جو ڪو ڪنهن سان راز نہ پيو سلي، مسئلي تي سڀني جا وات سبيل ۽ خاموش هئا. پارڪ ۾ رکيل ڪرسين تي ڪجهہ ڪائڻ پيئڻ لاءِ ويهڻ کان اڳ ۾، مون پنهنجي نانيءَ کي چيو:

”توهان وڃو ۽ ايڊمنسٽريٽر کان معلوم ڪريو تہ ڇا ماجرا آهي؟“

”ها بابا“ چئي هو هليو ويو. ڪجهہ دير بعد جيئن ئي واپس آيو تہ مون تڪڙ ۾ ڪائنس پڇيو:

”ڇا ڳالهہ آهي؟“

هن اڳم پنهنجي ٻارن تي نگاهہ وڌي ۽ پوءِ انهن جي مٿي تي هٿ گهمائيندي آهستي چوڻ لڳو:

“اڄ صبح سوئمنگ پول جي صفائي لاءِ جيئن ئي عملو پهتو تہ انهن ٻارنهن ورهين جي ٻار وقار احمد جو لاش ترندي ڏٺو ۽ سڄي ايگزيڪيوٽو باڊي انهي مامري کي سلجهائڻ ۾ مصروف آهي.”

ايتري ۾ ارمان ۽ ذيشان پريشاني ۾ پيءُ کي چوڻ لڳا:

“بابا! هي اهو وقار تہ ناهي جنهن ڪالهہ اسان سان گڏ جي تار هڻڻ جو مقابلو پئي ڪيو.”

“ها پٽ، واقعي ڪيڏو نہ پيارو هو.”

اهو چوندي هن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا.

◆◆◆

# اصول پرست

ساجده، حبيبه ۽ راحيله، بحريا يونيورسٽي اسلام آباد جون شاگردياڻيون هيون. هيون تہ ٽئي مختلف صوبن جون پر ساڳي شعبي (Department)۾ روم ميٽ هجڻ ڪري نہ صرف پڙهائي گڏجي ڪنديون هيون پر سندن ڪيترا ويچار بہ هڪ جهڙا ٿي پيا هئا.

اڄ ڏاڍيون پريشان پئي لڳيون، شايد ڪنهن پڙهائي جي مسئلن تي سوچي رهيون هيون. ڪجهہ دير بعد جڏهن اهي ڪنهن نتيجي تي پهتيون تہ مرڪي هڪ ٻئي سان تاڙا ملايائون. پوءِ ساجده موبائل تي نمبر ڊائل ڪيو.

“هيلو”

“سر، مان ساجده پئي ڳالهايان. شماريات (Statistics) جي شاگردياڻي، بحريا يونيورسٽي هاسٽل کان.”

“جي جي... مون سڃاتو بابا”

ساجده، يونيورسٽي جي پروفيسر سان مخاطب ھئي ڪيس قائل ٿيندو ڏسي، من جي ڳالهہ ڪيائين:

“سر، اسان ٽنهي سهيلين جي هڪ ننڍڙي خواهش آهي، اسان کي اميد آهي، توهان انڪار نہ ڪندؤ. ڏهين سيپٽمبر تي هن سيمسٽر جي پڙهائي پوري ٿي چڪي آهي، اسين چاهيون ٿيون تہ امتحانن کان اڳم توهان سان گڏجي ڊنر ڪريون.”

هن وراڻيو: “ڇوڪريءَ، انهيءَ تڪليف جي ڪهڙي ضرورت؟”

ساجده سمجهي ورتو تہ سر مڃي چڪو آهي، چيائين:

"سر! تہ پوءِ سپرڊي لڪس تي ڊنر ٿي وڃي، اڄ رات انين وڳي اسين سڀ اتي هونداسي."

سر تنوير اسٽيٽڪس ڊيپارٽمنٽ جو پروفيسر هو۔ اصول پرست ۽ سٺن توڙي محنتي شاگردن جو دل سان قدر ڪندڙ هو. سڀ مقرر وقت تي هوٽل پهچي چڪا هئا.

ريشمي ڪباب، فش فراءِ، چڪن ڪڙهائي، چڪن ٻوٽي، ۽ شاهي ٽڪڙا ڪائي رڄ ڪيائون. آخر پروفيسر ڪائڻ پڇيو:

"بابا هي ڊنر آخر ڪهڙي خوشي ۾ ڪرائي ويئي آهي؟"

"سر! اوهان سينيئر ٽيچر آهيو، اسان کي پڙهائڻ توڙي عملي تربيت لاءِ ڪلاس ۾ توهان گهڻي تياري سان ايندا آهيو، توهان جا احسان صرف هڪ ڊنر سان تہ لهي ڪونہ سگهندا، ٻي سپر ڊنر امتحان کانپوءِ سر!!"

حبيبہ يڪساهي چئي ويئي.

ڪجھ دير ۾ هوٽل کان ٻاهر آيا، سر تنوير ٽنهي شاگردياڻين کي پنهنجي گاڏي ۾ ڪڻي، يونيورسٽي هاسٽل جي مين گيٽ تي ڊراپ ڪري گهر روانو ٿي ويو.

اڄ رزلٽ جو ڏهاڙو هو.

ٽئي ڇڻيون ڏاڍيون خوش هيون۔ پر رزلٽ شيٽ ڏسندي هڪيون ٻڪيون ٿي ويون، پوري ڪلاس مان سندن مارڪون گهٽ هيون، حيرانگي ۾ ڪڏهن پريوفيسر تنوير ۽ ڪڏهن هڪ ٻئي جو منهن تڪينديون ڪلاس روم مان نڪري ويون.

◆◆◆

# روهيل جي سکيا

ننڍڙو روهيل اڄ وري اسڪول وڃڻ کان نابري واري ويٺو. هن پنهنجي ماءُ کي آهستي ڪن ۾ چيو:

“مما اڄ مان اسڪول ڪو نہ ويندس.”

ماڻس خاموشي سان ٻڌو ۽ ها يا نہ جي ورندي ڪيس ڪو نہ ڏنائين. روهيل مايوس ٿي ڪمري ڏانهن هليو ويو.

هن گھر ۾ ورهين پڄاڻان سڪي سڪي جڏهن روهيل ڄائو تہ پوري خاندان ۾ خوشين جا خزانا لٽايا ويا ۽ گھر ٻاري ڏياري ڪيو ويو.

ڪيس گھڻي لاڏ ڪوڏ سان پاليو پئي ويو، نتيجي ۾ هو دادلو ۽ گھر ڀاتين سان هوڏي ٻڄي پيو. ٻار وڏن جي پيٽ ۾ پيار جي نفسيات کي وڏيڪ ڄاڻي ٿو. ان ڪري سدائين گھر ڀاتين سان ڪٽ پٽ ڪندو رهندو هو ۽ موٽ ۾ اهي سندس هر انگل پورو ڪندا رهندا هئا. سندس گھر جو ماحول بہ مانائتو ۽ مهذب هو.

ماءُ پيءُ ٻئي ڊاڪٽر ۽ ماسيون توڙي ماما سڀ تعليم يا فتہ هئا. روهيل بہ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو ڏاهو، فضيلت ڀريو ۽ شڪل شبيهہ ۾ ٺاهوڪو هو. سڪيلڌي هجڻ ڪري هن جي هڪ اشاري تي سڀ پيا قربان ٿيندا هئا. پر پڙهائڻ جي باري ۾ ماڻس ڏاڍي سخت هئي، هن کي ڄاڻ هئي تہ علم سان ئي ماڻهو انسانيت جو درجو ماڻي ٿو ۽ علم اهڙي ملڪيت آهي جيڪا خرچڻ سان ٻاڻ وڌندي آهي. ان ڪري هن جي خواهش هئي تہ سندس ٻالڪ روهيل علم جي زيور سان سينگار جي.

اڄ ڇنڇر جو ڏينهن هو سرڪاري اسڪول کي موڪل هئي پر خانگي اسڪول کليل هئا. ننڍڙو روهيل خانگي اسڪول ۾ پڙهندو هو، جڏهن تہ سندس پاڙيسري ساٿي سرڪاري اسڪول جا شاگرد هئا ۽ انهن کي موڪل هئي. روهيل جي مرضي هئي تہ هو بہ اسڪول نہ وڃي ۽ دوستن سان راندين ۾ شريڪ ٿئي.

پڻس بہ بيڊ روم مان نڪري ڊرائنگ روم ۾ اچي چڪو هو. اسڪولي يونيفارم اڳم ئي ماڻس ٺاهي رکي هئي. پڻس سڏيندي چيو:

"روهيل ڪٿي آهين؟ يونيفارم تيار آهي، اڄي پاءِ اسڪول لاءِ دير پئي ٿئي."

پر روهيل ڪو جواب ڪو نہ ڏنو. سندن گھر حويلي جيان وڏو هو. ماڻس پريشاني ۾ چوڻ لڳي:

"خبر ناهي ڪٿي وڃي لڪو آهي."

نيٺ ڳوليندي، هڪ ڪمري ڪي اندران بند ڏسي سمجھيائون تہ هو اندر آهي. دروازو زور سان کڙڪائي سڏيائون:

"روهيل ٻاهر اچ"

پر اندران ڪوبہ آواز ڪونہ آيو. هو ايئن چپ رهيو جڻين پٽ! سڀ گھر ڀاتي پريشاني ۾ سوچڻ لڳا تہ هن کي ڪيئن ٻاهر آڻجي، ماڻس ڪجھہ سوچيندي چيو:

"چڱو پٽ، اڄ تون اسڪول نہ وڃ، پر ٻاهر تہ اچ" پر اندران ڪو جواب نہ ملڻ ڪري، دروازو ٽوڙيو ويو، ڇا ڏسن تہ روهيل جو مٿو ۽ منهن رت سان ريٽو هو. ٻي سڏ ٻار کي ٻاهر آڻي، هوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا، هوش ۾ اچڻ بعد روئيندڙ ماسيون ۽ ماءُ ڪيس ڳراٽڙيون پائي پيار ڪندا رهيا.

ماڻس چمندي چيو: "تون پاڻ کي پٽ سان ٽڪرائي زخمي ڇو ڪيو۔ منهنجي انڪار توکي ايڏو ڪاوڙايو۔ ٻڌاءِ تہ توکي پيو ڪير سمجھائيندو؟؟" هو اجا ٻي ستو هو آهستي چيائين:

"مونکي ٻار سمجھي، پنهنجي ڳالھہ ٿا مڃرايو؟ منهنجي مرضي ۽ منشا جو بہ ڪجھہ خيال ڪريو، مان ماڻهو ناهيان؟"

پٽ جا اهي ٻول ٻڌي ماڻس جون اکيون پرجي آيون ۽ ماسيو ن بہ ڳوڙها ڳاڙڻ لڳيون، ماڻس سيني سان لائيندي چيو:

"منهنجا لال! واعدو ڪريان ٿي تہ اڄ ڪانپوءِ تنهنجي مرضي جي خلاف نہ ويندي‌س، پر توکي مون سان هڪڙو وچن ڪرڻو پوندو تہ تون اڄ کان پوءِ اسڪول کان غير حاضر نہ رهندين."

ماءُ جا اهي لفظ ٻڌي، روهيل خاموش سان مسڪرائيندي مما کي چنبڙي پيو.

# پرشاد

سنڌ ۾ صدين کان هندو ۽ مسلمان گڏجي رهندا پيا اچن، سندن گهڻيون ريتون رسمون ساڳ سنوڻ ۽ وهم وسوسا هڪ ٻئي کان ڌار ناهن،

اسان جي پرسان ڊاڪٽر دليپ جو گهر آهي هو ڪامريڊ ماڻهو آهي پر ڌرمي پرم پرائن کان به پري ناهي، ڪالهه هن جي گهر ۾ ماڻهن جي گهڻي اچ وڃ هئي پر سڀ ڪجهه سانتيڪو پئي لڳو، سو مهڻي کان اڳم در تي ڪال بيل وڃڻ سان مان ٻاهر آيس، ڏٺم ته دليپ هڪ ڇوڪري سان ڊڪيل ڊش ڪٽائي، منهنجي اڳيان بيٺو هو.

"ويل ڪم ڊاڪٽر صاحب" مون کيس هٿ ملائيندي چيو. ڊش ڏانهن اشارو ڪندي هن وراڻيو:

"سائين هي توهان لاءِ آهي."

"هي ڇا آهي؟"

مون ڪائنس حيرت مان پڇيو- ڇاڪاڻ جو نه رنگن واري هولي جو ڏينهن هو ۽ نه وري ڏياڻي جو ڏڻ ڏياري...! مونکي اچرج ۾ ڏسي هن چيو:

"ڪجهه منتيون آهن- منهنجي پتني کي بريسٽ ڪينسر هو، ڪجهه ڏينهن اڳم منهنجي جيپ جو ايڪسڊنٽ ٿيو هو پر اسين محفوظ رهيا سين. منهنجي گهر واريءَ به هاڻي صحتمند آهي، سوچيم ته سکمڻي جو پاٺ ۽ گروگرنٿ جو ڀوڳ صاحب رکايان. هي ان جو پرشاد آهي."

“سچ ٿا چئو... اسان بہ اهڙن موقعن تي قرآن خواني ڪرائيندا آهيون.” اهو چئي مان ڊش ڪٽي اندر آيس، شيون ڪچن ۾ رکي جڏهن خالي ڊش ڪٽي واپس ورڻ لڳس تہ منهنجي زال سڏيندي چيو.

“خالي ڊش واپس ڪرڻ مناسب ناهي، هي بسڪيٽن جا دٻا ڊش ۾ رکي پوءِ ڪٽي وڃو.”

زال جي ڏاهپ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيس. ڊش ۾ بسڪيٽن جا دٻا ڏسي دليپ چيو:

“هي تڪليف ڇو سائين!”

مون وراڻيو:

“هي بہ صاحبن جو پرشاد آهي.”

هٿ ٻڏي مسڪرائيندي هو هليو ويو.

◆◆◆

# ٽڙ ڦيٽي سائيڪل

شفيءَ هڪ چانهه ڪمپني ۾ مئنيجر هو، ڪيس زال ۽ ٽي ڌيئر هيون. ڪٽنب ته ننڍڙو هو پر ٽار ٽئي اسڪول پڙهندڙ هئا. اسڪولي في، ڪتاب، بستا يونيفارم جو خرچ ملائي، اڌ پگهار جو ان ۾ هليو ويندو هو. گهر جي مسواڙ، سيڌي سلف ۽ دوا درمل تي ايندڙ خرچ لاءِ هر مهيني ڪجهه نه ڪجهه قرض وٺڻو پوندو هو.

سامهون واري گهر ۾ شهر جو هڪ مشهور ڊاڪٽر رحيم روهيڙا رهندو هو، جيڪو سرڪاري ملازم سان گڏ ميڊيڪل سينٽر به سنڀاليندو هو. ڪيس به ڌيئر ۽ ٽي پٽ هئا. گهر ۾ ٻارن توڙي وڏن لاءِ سڀ سهولتون موجود هيون.

هڪ ڏينهن شفيءَ جي ننڍڙي ڌيءَ برقا خوبصورت ٻار اٽي سائيڪل تي چڙهي اچي پيءَ جي سامهون بيٺي، انگل ڪندي چيائين:

"بابا؟ مونکي به اهڙي سائيڪل وٺي ڏيو. هي چاچا ڊاڪٽر جي ڌيءَ سومل جي آهي، ڪيڏي نه سٺي آهي!!"

"جيءَ بابا، اسان به وٺنداسين." هن ڌيءَ کي چيو:

شفيءَ ٻي ڏهاڙي تي اهڙي سائيڪل آڻي برقا کي ڏني. هوءَ سائيڪل ڏسي ڏاڍي گد گد ٿيڻ لڳي خوشي ۾ سائيڪل تي چڙهي، ساهيڙيءَ کي ڏيکارڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويئي.

شفيءَ اهو منظر ڏسي دل ئي دل ۾ ڏاڍو اطمينان ۽ خوشي محسوس ڪندي سوچڻ لڳو:"ننڍڙي برقا کي ڪهڙي خبر ته سندس سائيڪل

خريدڻ لاءِ مون ڪمپني مئنيجر کي ڪيڏا ايلاز ۽ منٿون ڪيون ۽ ڪيئن اهو ڏوڪڙ ڏيڻ لاءِ راضي ٿيو هو؟"

اجا هي سوچي رهيو هو تہ ڳليءَ ۾ گوڙ ٿيو. هو تڪڙ ۾ گهر کان ٻاهر آيو. معلوم ٿيس تہ تيز موٽرسائيڪل هلائيندڙ هڪ ڇوڪري، تہ ڦيٿي سائيڪل هلائيندڙ ڇوڪريءَ کي لتاڙي ويو آهي. هو بي چيني ۾ اڳتي وڌيو. ڏٺائين تہ سندس نياڻي برقا فرش تي تڙپي رهي هئي.

اهو ڏسندي هو بي سڌ ٿي ڪري پيو.

◆◆◆

# رشوت

آچر جو ڏينهن هوندي بہ اڪبر ڪي ڏاڍي تڪڙ هئي. تياري مان ايئن ٿي لڳو چڻ ڪنهن خاص ماڻهو سان ملاقات رکيل هجيس.

سندس زال امبرين هن جي چرپر ڪي مشڪوڪ انداز سان ڏسي رهي هئي، محسوسات جڏهن وڌي ويئي تہ هن کان رهيو نہ ٿيو.

"صاحب ڪيڏانهن وڃڻ جي تياري پيا ڪن؟"

اڪبر سندس انداز ڪي سمجهندي، سسپينس پيدا ڪندي وراڻيو.

"چاهيان ٿو اڄ ڪنهن محبوب هستي سان ملاقات ڪجي جيئن موڪل سجائي ٿئي."

"آخر مان بہ تہ ٻڌان، اها هستي ڪهڙي آهي جنهن سان ملڻ لاءِ صاحبن جي سوير کان تياري آهي؟"

"ايتري اتاولي ڇو ٿي رهي آهين.اڳم ٿيار ٿيڻ تہ ڏي"

امبرين بہ چڙڻ واري ڪو نہ هئي چيائين:

"پلا ٻڌايو ڪٿي- ڇو ٿا پريشان ڪريو."

"هاشم ڏانهن واڏايون ڏيڻ پيو وڃان، يونين جو بنا مقابلي صوبائي صدر جو چوندجي ويو آهي."

اهو ٻڌي امبرين، مڙس ڪي پاتل ڪوٽ جي ڪالر تاهيندي چوڻ لڳي.

“اڙي واه! پنهنجو ڀاءُ هاشم! ڪيس منهنجي پاران بہ مبارڪون ڏجو، پر ها، هڪڙي ڳالهہ ٻڌو جي توهان ڪي موقعو ملي تہ پنهنجي سالي صنوبر جي پارٽ ڪري ڇڏيندا.”

“بس، اهو تہ ننڍڙو ڪم آهي، پر اهي واپس ڪڏهن ايندا ؟” اڪبر پڇيو.

“توهان کي خبر آهي تہ سندس مڙس دبئي جي خانگي ڪمپني ۾ انجنيئر آهي ۽ توهان وانگر فئملي ڪان ڌار بہ رهي ناهي سگهندو. هونءَ صنوبر هاڻي تہ ويئي آهي ويچاري.”

زال جي اڻ تڻ کي ڏسندي ڪيس دلجاءِ ڏيندي هن وراڻيو:

“سمجهہ تہ صنوبر جو ڪم ٿي ويو، دبئي ۾ گذاريل پورو پيريڊ هن کي پگهار ملندو رهندو، هاشم لاءِ اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي.”

پوءِ زال جي سراپا تي نظر وجهندي خوشگوار موڊ ۾ چيائين:

“اسان کي ڪهڙي رشوت ملندي ؟”

هوءَ بہ شرارتي انداز ۾ مڙس آڏو اچي بيٺي.

“اڇها، رشوت حاضر آهي.”

◆◆◆

# مقدس ڳانئيون

هندن جي گهڻائي ڪري هتي ڳئون پالڻ جو سرشتو ورهين کان رائج آهي. انهي مقصد لاءِ شهر ۾ ڳئون شالا بہ قائم ٿيل آهي، پر پيرپاسي جا مسلمان مالوند، پنهنجي ڍڳين ۽ ڍڳن کي مفت چاري جي لالچ ۾ ڇڙواڳ ڇڏيو ٿا ڏين.

شلومل جي گهٽيءَ هجي توڙي رگهومل جي! شهر جو مين روڊ، قائد اعظم روڊ، ريالي مل وارو علائقو، هر هنڌ ڳئن جي لوڌ نظر اچي ٿي. هندو ماڻهو بچيل سچيل ڪاڏو توڙي ميوات ۽ ڀاڄيون بہ ڳئن کي کارائن ٿا. هنن وٽ ڪا جهل پل ڪانهي، گهڻو ڪائڻ ڪري اڪثر ڳانيون ڇيڻي ڦوسي بدران پوڪين ٿيون ۽ التي ڪن ٿيون. انڪري شهر جا چوڪ، روڊ رستا جيڪي اڳم ئي صفائي نہ هجڻ ڪري گندگي سان ڀريل آهن، ويتر خراب ٿيو پون ٿا.

شام جو مين روڊ تي رش گهٽ ٿئي ٿي، اوڏي مهل نوجوان نينگر اسڪوٽر ۽ بائيڪ تي چڙهي، ڏاڍي تيزي سان روڊ تي هلندي پنهنجا ڪرتب ڏيکائين ٿا.

روز جيان اڄ بہ اڌڙوٽ عمر جا مرد ۽ عورتون سودي سلف خريدڻ ۽ پين ڪمن ڪارن لاءِ مين روڊ ڪراس ڪري رهيا هئا. اچانڪ گوڏن جي سور ۾ ورتل هڪ پوڙهي عورت روڊ ڪراس ڪندي نظر آئي. روڊ جي هڪ پاسي ڪوڙ ڳانيون بيٺل هيون ٻي پاسي موٽر سائيڪل سوارن جو شور شرابو هو- وڏي آواز تي ڳئن کي ٿاهہ اچي ويو. پندرهن ويهہ ڳانين هڪ ٻئي جي ڪڍ وٺي ڊوڙيو، پوڙهي عورت اڃا روڊ جي وچ تي

مس پهتي هئي، ٻَانئين کي پاڻ ڏانهن ڊوڙندو ڏسي، هن جون وايون بتال ٿي ويون، صرف هن جون رڙيون ۽ واڪا ٻڌڻ ۾ پئي آيا.

"بچايو .......... مونکي بچايو.....ابا مونکي بچايو."

پر ڪير سندس رڙيون ٻڌڻ لاءِ تيار ڪو نہ هو، گانيون ڪيس لتاڙينديون رهيون. اسڪوٽرن جي شور ۾ ڳاڙن جي لتاڙ هن جون رڙيون شانت ڪري ڇڏيون.

◆◆◆

# ٻيا ٻيو

هي چاچي مير جو گهر آهي ۽ پر ۾ سندس مينهن جو واڙو. سفيد ڪپڙن وارو نوجوان هن جو وڏو پٽ آهي ۽ ڪيس ۾ پيا ٻه ڳيرو پٽ آهن.

پاڙيواري نوجوان نينگري سيما، هڪ ڏينهن سفيد ڪپڙن واري ڇوڪري کي سڏيندي چيو:

“مٿي تي رکيل دلو ڏسو پيا ۽ ننڍڙو پاءُ روئي پيو شايد ٿڪجي پيو آهي، ڪيس ڪچڙ تي ڪٽڻ لاءِ ٿورو مٿي ڪريو.”

سفيد ڪپڙن وارو سيما جو چا لڳي، مونکي ڪا خبر ڪانهي پر مونکي اها خبر آهي تہ اهي سڀئي پائر پيءُ سميت دماغ سان گهٽ پر پنهنجي طاقتور ٻانهن سان وڏيڪ سوچيندا ۽ انهن تي اعتبار ڪندا آهن. اهي سڄو ڏينهن مينهون چارين ٿا. تازو ۽ نج کير پيئن ٿا، سڀ جو سڀ جاننا ۽ لنباز آهن، سدائين لٺ ۽ سونٽي جي زبان ڳالهائيندا آهن، زبان جا ڪرا پر من جا منڙا ۽ صاف آهن.

سيما روز پاٽي پيرڻ لاءِ گهتيءَ مان گذرندي هئي. ماسي مهناز جو گهر بہ ساڳي گهتيءَ ۾ هو. هوءَ سيما جي چرپر تي بہ نگاه رکندي هئي هڪ ڏينهن سيما کي اڪيلو ڏسي پڇيائين:

“تون، چاچي مير جي پٽن کي ڪيترو سڃاڻيندي آهين؟”

“ماسي! انهن کي مان بس ايترو سجاڳ ٿيندي آهيان، تہ جڏهن مان انهن جي اڳيان پاڻي جو دلو کڻي گذرندي آهيان تہ انهن جون نظرون جهڪي ويندون آهن.”

ماسي وراڻيو:

“اهي ايترا شرميلا آهن ڇا؟”

“خبر ناهي ماسي، پر مونکي انهن جي اها ادا ڏاڍي پسند آهي.” سيما ٺهہ پهہ جواب ڏنو.

ماسي جي حيرانگي ڏسي، کيس سمجهائيندي چيائين:

“ماسي! اهي شرميلا ناهن پر غيرتمند پيءُ جا غيرتمند پٽ آهن، انهن جي رڳن ۾ هڪ پاڪيزي جو خون آهي ۽ اهڙا ماڻهو پاڙي، نياڻي ۽ ننگ جا رکپال ٿين ٿا، سمجهيئہ!!”

.... ۽ ماسي هڪي ٻڪي ٿي گهر هلي ويئي.

◆◆◆

# آشرم

گرداس آهي تہ هندو پر سکن جي گردواري روز بہ پيرا منجهند ۽ رات جو مٿو ٽيڪڻ وڃي ٿو، جڏهن موٽندو آهي تہ هٿ ۾ پوڄن سان ڀريل شاپر سدائين ساڻ هوندا اٿس. آتما ۽ پيٽ ماٺهو ڪان ڏار ڪجي تہ ماڻهو مري ويندو يا سنياسي بڻجي ويندو. گرداس آتما ڪان ڏار تہ اجا ڪو نہ ٿيو آهي پر سنياسي بہ بڻجي ناهي سگهيو، ها پر سر تال ڪي سمجهي سگهيو آهي ۽ ٻئنجو بہ سٺو وڄائي سگهي ٿو، ڪيس ڳائڻ وڄائڻ لاءِ اڃا تائين ڪو سٺو پليٽ فارم ملي ڪو نہ سگهيو آهي، تنهن ڪري اندر جي اڃ اجهائڻ لاءِ شير جي چوڪ ڀرسان نهيل آشرم ۾ ڳائي وڄائي خوب داد حاصل ڪري ٿو.

منهنجي ساڻس ڄاڻ سڃاڻ گهڻي پراڻي آهي. اڄ آشرم ۾ ايندي چيائين:

“سارنگ! اهو ڪيڏو نہ سهانو سمو هو جو ڪنهن نہ ڪنهن ناٽڪ منڊلي ۾ وڃي موج ڪبي هئي، هاڻي تہ نہ پاڪستان ڪلب رهي آهي ۽ نہ نوبهار آرٽ سرڪل ۽ نہ وري حفيظ ٿيئٽرس ۽ نہ مخمور مهراڻ ڪلب جيڏانهن ڏس اونده آهي.”

مون ٿڌو ساهہ کڻندي وراڻيو:

“ها گرداس! جڏهن شهر ۾ ڊراماڪلبن جو راڄ هو ۽ هرمحلي توڙي چوڪ تي ڪنهن نہ ڪنهن ناٽڪ منڊلي جو بينر لڳل نظر ايندو هو تڏهن اسان بہ راتيون جاڳي گذاريندا هئا سي، پر افسوس! اڄ نہ اهي منڊليون آهن ۽ نہ ماڻهو.”

گرداس منهنجي ڳالهہ کي وڌائيندي چيو:

“شڪر ڪر يار! جو هي آشرم بختن وارو آهي ۽ ڪجهه پراڻا فنڪار هتي اچي وچڙيل پل ۾ پهر دهرائين ٿا، ڪٿي جو ڪين ڪچڻ پچڻ وارو ڪوئي ڪونهي. پر ڪلاڪار به نيارا ماڻهو ٿين ٿا، بي لبا ۽ بي پرواهه. ڪنهن اداري يا ڪنهن ماڻهو جا محتاج ناهن.”

سندس ڳالهه وزنائتي هئي، مونکي ياد آيو ته هڪ پيري هڪڙي سياسي وڏيري آشرم ۾ اچي چانهه پيتي ۽ ڪافي وقت ويهي ساڻن ڪچهري ڪئي هئي. موڪلائيندي چيو هئائين:

“فنڪار اهڙا هجن، جن وٽ سياسي ۽ مالي وڏيرا پڻ ڪهي اچن.”

هن جا ريمارڪس سورنهن آنا سچ هئا آشرم جي مهندارن مامي غلام حيسن، محمد بخش سومري، فتاح عابد، ناشاد، اداسي، استاد موني، هاشم ڏيو، جي ايم پنهڻ، استاد عبدالرزاق، بيدل بدوي، عثمان تمنا، عزيز ساجد ۽ ٻين واقعي پئسا ته ڪو نه ڪمايا هئا پر عزت ته پاتي هئي.

سندن گفتار ۽ ڪردار کي واکاڻيندي هڪ ٻي سياسي ليڊر چيو هو:

“آشرم جي مڙني ميمبرن کي عزت ڏيڻ لاءِ مون ڪين سينيئر سٽيزنز سڏيندو آهيان ۽ سيني کي سلام پيش ڪيا ن ٿو.”

آئون، فنڪارن جي سڪٽي سهائتا ۽ واکاڻ ٻڌي، هڪ پل لاءِ انهن سڌريل سماجن جي ليڊرن تي سوچيندو رهيس جيڪي شيلڊ، ميڊل، سلام ۽ القاب سان گڏ، فنڪارن جي ضرورتن کي سامهون رکي، مالي سهائتا لاءِ به عملي قدم کڻندا رهن ٿا..... ۽ پوءِ پنهنجن جي ڪاهلي تي سوچيندو رهجي ويس.

◆◆◆

# هيلٿ آفيسر

هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر نوشاد جو پنهنجي اسٽاف ميمبرن سان ورتاءُ نهايت سٺو هوندو هو. ڪيس خبر پئي تہ ڪجهہ ڊاڪٽر ڊيوٽي تي نہ پيا اچن، پنهنجي آفيس سپرنٽينڊنٽ نورخان کان پڇيائين .

“ڊاڪٽر انيس ڪيترن ڏينهن کان ڏسڻ ۾ نہ پيو اچي، ان جي موڪل جي ڪا درخواست پهتل آهي ڇا؟”

“سر! هونءَ تہ سدائين درخواست وغيره موڪليندو رهندو هو پر هن ڀيري شايد طبيعت گهڻي ناساز هجي.”

“پلا سندس غير موجودگي ۾ ڪم ڪار ۾ ڪو رخنو تہ ناهي پيو؟” هيلٿ آفيسر پڇيو.

“نہ سائين، توهان دلجاءِ ڪريو. رهيل ڪم مان ٻئي اسٽاف کان پورو ڪرائي ڇڏيندس ڊاڪٽر انيس سٺو ، لائق آفيسر ۽ پنهنجو ماڻهو آهي.”

“نيڪ آهي، توهان هاڻي وڃي سگهو ٿا” هيلٿ آفيسر اهي لفظ چئي فون تي ڳالهائڻ لڳو.

آفيس سپرنٽينڊنٽ واپس پنهنجي ڪمري ۾ اچي ڊاڪٽر انيس جو نمبر ڊائل ڪيو:

“ڏسو ڊاڪٽر صاحب! گھٽو ٿي ويو. توهان جي ڪري اسان ڪي صاحب جون ڳالهيون به ٻڌڻيون پون ٿيون! ڪڏهن ته اچي منهن ڏيکائي وڃو.”

“آخر ڪهڙي ماجرا ٿي؟ ڪو مسئلو آهي ته منهن ڏئي وٺنداسين.”

نور خان جي سربستي ڳالهه ٻڌي، ڊاڪٽر ڪيس دلجاءِ ڏيندي وڌيڪ چيو.

“نورخان! مان توکي هرماه پنج هزار روپيا انهي ڪري ڏيندو آهيان ته منهنجي غيرحاضري کي تون پاڻ ئي مئنيج ڪر.”

“ها ڊاڪٽر! پر ڇا ڪريان؟ هاڻي ته صاحب به پڪيو آهي!؟”

“نور خان! مونکي وقت ڪونهي ميڊيڪل سينٽر جي نگراني ڪرڻي پوي ٿي، صاحب لاءِ پنج هزار پيا به وٺجو پر توهان منهنجو مسئلو به سمجهي وٺو ته مان ڊيوٽي تي آهيان، آئينده مونکي فون ڪري ڊسٽرب نه ڪجو.”

“توهان لائق آهيو ڊاڪٽر.”

اهي لفظ چئي نور خان فون جو سلسلو ٽوڙي ڇڏيو.

◆◆◆

## بروڪر

سنمڪ، جاين جو بروڪر هو. چوندو هو تہ جنهن بہ جاءِ تي ڏيتي ليتي سندس معرفت ٿيندي ان ۾ گهاٽو ڪڏهن ناهي ٿيٺو.

رگهومل جي گهٽيءَ ۾ هڪ جاءِ مسلمان مالڪ پٽي وڪرو ڪئي. هن جي گهر تہ گهٽي هئي پر سنمڪ پنجن لکن تي ڪيس راضي ڪري وڌو.

سيٺ ڏنومل بہ جايون ڏيندو وٺندو هو. سنمڪ، دوڪان تي وڃي ساڻس مليو راضداري سان چيائين :

“ڏنامل! رگهومل جي گهٽيءَ ۾ جاءِ وڪرو ٿي رهي آهي، وٺندين تہ مهيني اندر ٻہ لک ڪمائي ڏيندءِ.”

مهيني اندر ٻہ لک ڪمائڻ جو ٻڌي ڏني مل جون واڇون ٽڙي ويون_ سوچيندي چيائين:

“سنمڪ ڏس، ڪٿي دوکو نہ کائي وڃون!!”

“منهنجي سودي ۾ توکي اڳي ڪڏهن نقصان رسيو آهي؟” سنمک وراڻيو.

“تنهنجي ڪميشن ڪيتري هوندي؟” هن پڇيو

“اها به پڇڻ جي ڳالهه آهي، توسان ڪڏهن حساب ته ڪو نه ڪيو آهي، صرف هڪ سيڪڙو.”

ڏني مل ڪانس وري پڇيو

“ڪمايل نفعي جو ڇا ڏيندو؟”

سنمک وراڻيو

“جيڪو هميشه ڪان ڏيندو آيو آهي.”

“اڌو اڌ....!؟ يعني پنجاهه سيڪڙو.”

اهو ٻڌي ڏني مل دل ئي دل ۾ حساب لڳائيندي چيو:

“بروڪر هڪ سيڪڙو ڪميشن به وٺي ۽ نفعي مان به اڌو اڌ ڪٽي ۽ موڙيءَ به منهنجي سيڙهجي ۽ جاوا هو ڪري، اهو گهاٽي جو سودو آهي.”

......۽ پوءِ سنمک کي اهو چئي رخصت ڪيائين:

“چڱو سوچڻ ڏي سڀاڻي وري ملنداسي.”

◆◆◆

# ڪرنسي ڪال

ثقافت کاتي جو پارڪر فيسٽيول جو دعوت نامو وصول ٿيڻ تي سچ پچ ڏاڍي خوشي ٿي، ڇئن ڏينهن جي انهي پروگرام ۾ مٺيءَ، ننگر پارڪر ۽ عمر ڪوٽ جو سير سپاٽو ڪرڻ سان گڏ، تاريخي ڊراما "مارئي جو ماڳ"، "مومل جي ماڙي" ۾ ثقافتي راڳ رهاڻ جون محفلون سجائيٽيون هيون.

پنجن ڏينهن کانپوءِ مٺيءَ جي شهر جي تاريخي ' گڏي ڀٽ' تان انهي فيسٽيول جي شروعات ٿيڻي هئي- مون من ئي من ۾ پروگرام ترتيب ڏئي ورتو ۽ پوءِ جلدي ڇئن ڏهاڙن لاءِ لٽا ڪپڙا ۽ ٻيو ضروري سامان بيگ ۾ رکيو.

سوچيم:

"مٺيءَ ۾ گڏي ڀٽ جو منظر ڪيڏو نه وڻندڙ ۽ دلفريب هوندو ۽ انهي بهاني مٺيءَ جي دوستن ڏيو جي چوهاڻ ۽ دليپ ڪمار ڪوٺاري سان به رهاڻ ڪري وٺبي."

وقت گذرڻ سان منهنجي تجسس ۾ اضافو اچي رهيو هو، پوءِ خيال آيو ته مهمانن جي رهائش ۽ ڪنوينس لاءِ دعوت نامي ۾ ڪا وضاحت ڪانهي ڇو نه اهڙي معلومات کاتي جي ذميوارن کان پڇي وٺجي. کاتي کي ڪال ڪري ورتم، ڪنهن شخص چيو:

"هيلو...!"

وراڻيم:

“ياءِ مان ڊاڪٽر بهادر اٽي شڪارپور مان پيو ڳالهايان ثقافت کاتي جي مقرر ڪيل ريجنل ڪميٽي جو ميمبر بہ آهيان- پارڪر ميلي جو دعوت نامو مليو آهي پر ان ۾ رهائش ۽ ڪنوينس لاءِ ڪاتفصيل ڪانهي.”

جواب آيو:

“نمبر لکو ۽ ان تي رابطو ڪريو- پر هاڻي مانيءَ جو وقفو آهي، ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ ڳالهائجو .”

انهي وقفي دوران منهنجي ذهن جي اسڪرين تي ٿر جون حسناڪيون ۽ تاريخي ماڳ مڪان هڪ هڪ ٿي سامهون ايندا رهيا.

اسلام ڪوٽ، مارئي جو کوهہ، گوڙيءَ جو مندر، جين ۽ شو مندر عمرڪوٽ، ننگر پارڪر، ڪارونجهر، پوڊيسر ۽ ٿر جون پٽون اکين اڳيان هلنديون رهيون .

ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ ڏنل نمبر گهمايم. هوڏانهن ڪنهن سيبتي ماٺهو پئي ڳالهايو، تعارف ڪان پوءِ ساڳيو سوال دهرائيندي ڪائنس پڇيم تہ:

“اسان جي رهائش ۽ ڪنوينس لاءِ ڪهڙو انتظام ٿيل آهي؟”

هن هلڪو ٿهڪ ڏيندي وراڻيو:

“سائين ڊاڪٽر صاحب! هي دعوت نامو توهان ڏانهن صرف ڪرٽسي ڪال طور موڪليو ويو آهي- مخصوص ماڻهن ڪانسواءِ ٻين لاءِ ڪو بہ بندوبست ڪيل ڪونهي ۽ معاف ڪجو، اجا توهان انهي صف ۾ شامل ناهيو ٿيا!!”

.... ۽ مون مايوس ٿي فون بند ڪري ڇڏيو.

◆◆◆

# منهنجي امڙ...!

اسي ورهين جي پوڙهي ويل چيئر تي ويهي هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهي هئي. ڪيس چار ڌيئر آهن ۽ سڀ کان ننڍي ڊاڪٽر سونيا آهي- مائي کي پٽ به ٻه ڄاوا پر ننڍي ئي فوت ٿي ويا. هن سڀني ڌيئرن کي پڙهايو لکايو ۽ تعليمي ڊگرين سان گڏ نوڪريون به ڏياريون.

سونيا ڊاڪٽر ٻطجي سرڪاري نوڪريءَ سان گڏ ميڊيڪل سينٽر به هلائي رهي هئي، هن جو گهوٽ به ڊاڪٽر هو سنيل ڪمار، سندس وڏي ڀيڻ سريتا جو اڳم وهانءُ ٿي چڪو هو- ٻن ڀينرن جو اڃا پرڻو ٿي ڪو نه سگهيو هو.

سونيا جو مڙس ڊاڪٽر سنيل ڪمار، تاريخ جو ڄاڻو ۽ سماجي سوچ رکندڙ نوجوان هو، زال جي خيالن، محنت ۽ جستجو واري جذبي کي ڏسي هڪ ڏينهن واندڪائي ۾ پڇي ويٺو.

“سونيا! آئون آهيان ته ڪراچي جو، پر هتي پنهنجي جاتي جا سڀ ماڻهو مونکي پائو ڪونين ٿا- ڄاڻان ٿو ته مونسان ماڻهن جي عزت ۽ پيار واري رويي جو واسطو ۽ سبب اوهان جو ڪٽنب آهي، چاهيان ٿو ته ڪجهه پنهنجي باري ۾ ٻڌاءِ.” هوءَ مڙس جي ڳالهه ٻڌي سوچ ۾ پئجي ويئي. ماضي جي جهروڪن ۾ جهاتي پائيندي، هن ڌاڍي اداس لهجي ۾ چيو:

“ٻاويهه سال اڳ جڏهن بابا فوت ٿيو تڏهن آئون ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهي رهي هيس، آخري سال هو، بابا سڀ حسرتون سيني ۾ سانڍيو، هڪ رات اوچتو اسان کان هميشه لاءِ هليو ويو، هاڻي اسان جي خوشين ۽ حسرتن جو محور صرف امڙ هئي جنهن پتيءَ جي شيوا ۾ ڪڏهن پير

پوئتي نہ ڪيو ۽ نڪي اسان جي جوابداري ڪان منهن موڙيو. هر حال ۾ اسان جي سرسي ۽ سنڀال لاءِ پتوڙينديون رهي."

سونيا ٿورو ترسي ٽيبل تي رکيل گلاس مان پاڻي پيتو ۽ پوءِ مڙس کي اتاولو ڏسي چيائين تہ امان ٻڌائيندي هئي. "بابا جو وڏو ڪٽنب هو. ورهاڱي کانپوءِ سنت ئي سڀ لڏي پلاڻي انڊيا هليا ويا، هتي صرف ڏاڏو صابلداس، ڏاڏيءَ، بابا، امان ۽ اسين پيئرون رهجي وياسين."

ڊاڪٽر سونيا پنهنجي ماءُ ڏانهن ڏسندي چيو:

"امان سدائين اها ڳالهہ ورجائيندي رهندي هئي تہ هن گهر جي سهائتا، اسان جي پالنا ۽ بابا جي ڪاروبار وڌائڻ ۾ سندس سس ۽ سهري جو وڏو سهارو هوندو هو. امان کي ٻئي ڏيءَ سمان سمجهندا هئا، انهن ئي تہ امان کي ڪيڙي، گهريتڙيءَ ۽ سگهڙ بڻايو هو."

پنهنجي ڪٽنب جو قصو سڻائيندي سونيا کي بہ مزو اچي رهيو هو- هن پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو.

"پاڪستان ٺهڻ کان اڳم اسان جو پورو پريوار ڳوٺاڻي زندگي گذاريندو هو اتي پنهنجون زمينون، گهر ۽ دوڪان هئا، سڀني مائٽن جي هلي وڃڻ کانپوءِ ڏاڏو ۽ بابا بہ اڪيلا ڳوٺ ۾ رهي نہ پئي سگهيا، هنن پر وارو شهر اچي وسايو- گهرن ۽ زمينن تي شاهينگ چڙهي ويئا، چوندا آهن: ننڍڙڪا گهوڙا، غيباٽا هسوار! اسان جو ڪٽنب بہ سڀ ڪجهہ لٽائي اچي شهر پيڙو ٿيو." ڊاڪٽر سونيا ماءُ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"هاڻي تہ هي ويل چيئر تي ويٺل نظر اچي ٿي. پر ڪجهہ سال اڳ امان ڏاڍي تکڙي ۽ ڪم ڪار ۾ ڦڙت هوندي هئي، پاڙي واري دوڪان کان سودو سلف وٺڻ لاءِ ڪيترا پيرا چڪر لڳائيندي بہ ٿڪبي ڪو نہ هئي. پر بيماري ۽ پڇاڙي ڪيس ڏاڍو هيٺو ۽ لاچار ڪري وڌو آهي، تڏهن تہ چوندا آهن تہ وقت بادشاهہ آهي- هاڻي تہ هن کي لٽا ڪپڙا پارائڻ، سنان ڪرائڻ، دوا درمل پيارڻ ۽ ٻين حاجتن لاءِ اسان جي

ضرورت پوي ٿي ۽ اسين سڀ پينر سندس چاڪري ڪندي خوشي محسوس ڪنديون آهيون.“

هوءَ ڏاڍي اپاٽڪي ۽ اداسي واري لهجي ۾ چوڻ لڳي:

”اڄ اسان وٽ مالڪ جو سڀ ڪجهه آهي پر ڏک اهو آهي تہ ڏاڏو، ڏاڏيءَ ۽ باباسان جي اکين کان اوجهل آهن، امان بيمار ۽ لاچار آهي، زندگي ڪهڙا ڪهڙا امتحان وٺي ٿي!! مائٽ ۽ پاڙيسري مشورو ڏيندا آهن تہ ماءُ جي شيوا لاءِ ڪا نرس يا دائي بيهاريو، پر انهن کي ڪير سمجهائي تہ ڏيئرن جهڙي خدمت چاڪري دايون ۽ مايون ڪري سگهنديون!! امان جي شيوا ۾ تہ اسان کي سڪون ۽ آسيس ٿي ملي.“

ڊاڪٽر سونيا پنهنجي خانداني ڪٿا ٻڌائيندي مڙس جي هٿ کي وٺي چيو: ”منهنجون ڳالهيون ٻڌو پيا يا بور پيا ٿيو؟“

سندس مڙس ڊاڪٽري پيشي سان واسطو رکندڙ هڪ سلجهيل زميندار بہ هو مرڪندي وراڻيائين: ”تون تہ ڪا ڪهاڻي نويس آهين. تنهنجي خانداني ۽ جذباتي سچاين جي سحر ۾، مان تہ صفا جڪڙجي ويو آهيان. دل ۽ دماغ ٻنهي سان پيو ٻڌان ۽ سوچيان.“

هن مڙس جو توجهہ حاصل ڪندي وڌيڪ چيو.

”چڱو ٻي ڳالهہ ٻڌو... مهينو کن اڳ جڏهن وڏي پيڻ سريتا، اسان جي ننڍڙي ايش جي جٽيا واري رسم ۾ آئي هئي تہ اڇڻ سان سڀ رسمون ۽ خوشيون هڪ پاسي رکي، امان جي شيوا ۾ گم ٿي ويئي هئي.“ مان کيس ٽوڪيندي چيو هو. ”پيڻ ڪجهہ ويهي سڪون وٺ، امان جي خدمت لاءِ اسان جو آهيون.“

هن وراڻيو هو:

”مونکي شيوا جو موقعو تہ ڪڏهن ڪڏهن ملي ٿو گڏي! ساهہ تي ڪهڙو ڀروسو، ڪيڏي مهل بہ اهو اڏامي هليو وڃي ۽ اسان اڪيليون رهجيو وڃون.“

پيٽ جي ويچارن کي ٻڌي مان کيس تسلي ڏيندي چيو هو:

“پيٽ! منهنجو وشواس آهي تہ امان ٻي روپ ڌارڻ ڪانپوءِ بہ پاڇو لو ٻڻجي اسان سان گڏ رهندي .”

هن مڙس جو ڏيان ڇڪائيندي چيو:

توکي ياد آهي تہ ايش جي جڻيا رسم ۾، امان کي ڪرسي تي ساڻس گڏ ويهاريو هيوسي ۽ تڏهن امان ڏاڍي سرهي پئي لڳي ۽ ان موقعي تي بابا کي ياد ڪندي چيو هئائين:

“چوڪريون! توهان جي پيءُ پرلوڪ پڌارڻ کان اڳ ۾ چيو هو تہ شايد مان گهڻو وقت جيئرو نہ رهان! پر مونکي پڪ آهي تہ منهنجون ڌيئر سکي زندگي گذاريندين ۽ ان جي آسيس سورنهن آنا سچ نڪتي.”

توهان جڏهن مهمانن سان ملڻ لاءِ ڪجهہ دير لاءِ اتان اٿي ويا هئا تہ ان ويلي امان اسان سڀني ڏانهن ڏسندي ايش جي مٿي ۽ ڪاڌي تي هٿ ڦيرائيندي چيو هو:

“اڄ منهنجي بہ آسيس آهي تہ هي ست پٽيتوءِ آڍڙو ٻيڙو ٿيندو ۽ توهان شهر جون مالڪياڻيون سڏبؤ.” ۽ پوءِ سونيا جون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي ويون ۽ هوءَ خاموش ٿي ويئي.

ڊاڪٽر سنيل زال جي پوري ڳالهہ ٻڌي چيو:

“ها مونکي ياد ٿو پوي تہ اوڏي ويل مان جيئن ئي مهمانن سان ملي واپس ٿيس تہ امان ويٺي ويٺي ٽڪجي پئي هئي ۽ تنهنجي اشاري تي مان ويل چيئر هلائي کيس پلنگ تي پهچايو ۽ پوءِ هوءَ جلدي ننڊ ۾ هلي ويئي هئي.”

◆◆◆

# ٽوپلي وارو صاحب

اوپن يونيورسٽي، مئٽرڪ کان پي- ايچ- ڊي تائين امتحان وٺي سرٽيفڪيٽ ۽ ڊگريون ڏيندي رهي ٿي، ملڪ جو ڏهه سيڪڙو آبادي ۽ نوڪري وارا ماڻهو انهي اداري مان خوب لاڀ حاصل ڪن ٿا.

امتحانن جي تپاس ۽ انسپيڪشن لاءِ فيلڊ انسپيڪٽر، سپروائيزر ۽ پيا وجيلنس سورس استعمال ڪيا وڃن ٿا، يونيورسٽي جي پنهنجي بلڊنگ نه هجڻ ڪري مختلف تعليمي ادارن ۾ هلندڙ اهي امتحان گهر ويٺي تياري ڪان پوءِ ڏيڻا پون ٿا ۽ نصابي ڪتاب يونيورسٽي پاران ڇپائي شاگردن کي مهيا ڪيا وڃن ٿا.

ٽي سال اڳ مان انٽر جو امتحان ڪنهن سرڪاري بورڊ مان پاس ڪري چڪي هيس، شوق ۽ هوشيار هوندي به ڪن گهرو مجبورين سبب اڳتي پڙهي ڪو نه سگهيس، چاهيم ته اوپن يونيورسٽي جي سرشتي مطابق بي اي جي ڊگري حاصل ڪريان. داخلا وٺي ڪتابن جو مطالعو شروع ڪري ڏنم.

امتحان جو ٽائيم ٽيبل اچي چڪو هو مقرر وقت تي امتحاني سينٽر ۾ اچي ڇوڪرين جي بلاڪ ۾ ويٺيس.

مونکي اهو ڏسي ڏاڍي حيرت ٿي جو بلاڪ ۾ ڪل ٻه ڇوڪريون ويٺيون هيون سي. ڪجهه سوچيندي مان سپرنٽينڊنٽ کان پڇيو.

"سر! بي- اي جي ڪلاس ۾ ڪل ٻه ڇوڪريون اپيئر ٿي رهيون آهن ڇا؟"

هن وراڻيو:

“ها ڏيءَ... تون چپ ڪري ويهي لک.” ٿوري دير ڪانپوءِ هڪ ٽوپلي وارو صاحب اسان جي بلاڪ ۾ داخل ٿيو، هن سان گڏ سپرنيٽينڊنٽ، فئڪٽوٽم، انويجليٽر ۽ پيو عملو به ساڻ هو.

هن صاحب پڇيو:

“بي- اي جي اڄوڪي امتحان ۾ ڪل ڪيترا ڪئنڊيڊيٽ اپيئر ٿيا آهن؟”

فئڪ ٽوٽم هٿ ۾ ڪنيل رجسٽر تي نگاه وجهندي ورائيو:

“اٽڪل پنجاهه ڇوڪرا ۽ ويهه ڇوڪريون.”

“پلا پيون ڇوڪريون اڄا ناهن آيون؟”

صاحب مٿس سواليه نگاهه وجهندي پڇيو.

انهي سوال تي سينٽر سپر نٽينڊنٽ مسڪرائيندي صاحب کي چيو. “ها سائين، پهچي وينديون.”

صاحب وري پڇيو:

“ڪئنڊيڊيٽ لسٽ ڪٿي آهي، اها ڏيکاريو.”

موٽ ۾ سپرنٽينڊنٽ ڏاڍي احترام سان ڪيس چيو:

“سر! آفيس هلي ويهو- سڀ ڪجهه اوهان جي آڏو پيش ڪجي ٿو.”

۽ پوءِ بلاڪ مان نڪري سامهون واري ڪمري ۾ هليا ويا جيڪو موجوده امتحانن ۾ آفيس طور استعمال ڪيو پئي ويو.

◆◆◆

# ٽي وي ڪنيڪشن

هن ڪي ٽي پٽ هئا سڀ سگهرا، هڪ ئي گهر ۾ جدا جدا ڪمرن ۾ رهندا هئا ۽ هو پنهنجي زال سان گڏ جدا ڪمري ۾ رهندو هو، ايمانداري سان استادي ڪمائي ريٽائرمنٽ ورتي هئائين. ٽنهي پٽن وٽ ٽي وي چينل هلائڻ لاءِ ڊش لڳل هئي، ڪارڊ وجهي مرضي جو پروگرام ڏسندا هئا- پر پوڙهي پيءُ ماءُ وٽ اها سهوليت ڪو نہ هئي، انڪري پٽس خبرون چارون ٻڌڻ لاءِ ڪڏهن هڪڙي پٽ وٽ تہ ڪڏهن ٻئي وٽ وڃي ويهندو هو.

هڪڙي ڏينهن وڏي پٽ جميل کي ڏسندي چيائين:

“پٽ! مان پيا ٽي وي پروگرام تہ ڏسڻ پسند ڪو نہ ڪندو آهيان. خبرون ٻڌڻ لاءِ ڊش جي تارڪنيڪٽ ڪري ڏيو تہ پنهنجي ڪمري ۾ ويهي خبرون ٻڌان.”

جميل هٿ ادب جا ٻڌي، پيءُ کي سمجهايو.

“بابا ناراض نہ ٿيو، منهنجي زال ريحانہ جي طبيعت کي توهان سمجهو ٿا، آهي توهان جي پائتي پر ڏاڍي تيز آهي، گهرجي ڪٽ پٽ سٽي ناهي، ڪيس چئي ونو، مان حاضر آهيان.”

پٽنس ڳالهہ کي سمجهندي ريحانہ جي ڪمري ۾ ويو ۽ چيائينس: “امان! ڊش جي تار ڳنڍي ڏيو تہ خبرون پنهنجي ڪمري ۾ ويهي ٻڌان، آئون پوڙهو مڙس، توهان جي ڪمري ۾ گهڙي گهڙي اچڻ بہ مناسب ناهي.”

سهري جي ڳالهہ ٻڌي ريحانہ وراڻيو:

“بابا! توهان جميل سان ڳالهايو. مرد اهو آهي، مان ڇا ٿي ڪري سگهان.”

انهي دوران پلان موجب جميل ڪمري جي ٻاهران بيٺو رهيو ۽ پيءُ جي سڏڻ تي اندر گهڙيو ۽ هن وري ڪيس ماجرا بيان ڪري ٻڌائي. جيمل، زال ڏانهن ڏٺو جنهن اکين جي اشاري سان هاڪار ڪئي. جيمل ڪي جسم ۾ ساهہ پئجي ويو ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيائين:

“بابا توهان پريشان نہ ٿيو، ڪنيڪشن اڄ ئي لڳي ويندو.”

◆◆◆

# ڀروسو

روڊ مٿان ٽينٽ جي هڪ پاسي ماڻهن جي اچ وڃ لاءِ سنهڙو رستو ڇڏيل هو. انن ڏهن ورهين جا ٻه نينگر، شايد ڀئي ڀائر هئا، ٽينٽ جي وٿيءَ کان اندر جو منظر ڏسي رهيا هئا. اوڏي ويل منهنجو ٻه اتان گذر ٿيو سندن حرڪت تي تنبيهه ڪندي چيم:

"پٽ! ٽينٽ ۾ اهڙي طرح چورن وانگي ڏسڻ سٺي ڳالهه ناهي."

منهنجي چوڻ تي اهي ٻئي اتان هٽي اڳيان هلڻ لڳا_ ٽينٽ جي هڪ پاسي ڪاري رنگ جي ويگو بيٺل هئي. خوبصورت چمڪندڙ گاڏي ڪي هٿ لڳائي وري منهنجي اڳيان هلندا رهيا. انهن مان هڪڙي چيو:

"اسان ٻه اهڙي گاڏي خريد ڪندا سين."

ٻئي وراڻيو:

"نيڪ آ، ابا ڪي رات چونداسي ته اسان ڪي اهڙي گاڏي وٺي ڏي."

پوءِ پهرئين ڇوڪري خوش ٿيندي چيو:

“توکي ياد آهي تہ ابا هن پڳهار تي اسان کي نوان ڪپڙا ۽ چپل بہ وٺي ڏيندو پر يوسف! ڪپڙن سان گڏ گاڏي بہ ملي وڃي تہ ڪيڏو نہ مزو اچي ويندو.”

ٻئي ياءُ چيو:

“ڏس يونس توکي خبر آهي تہ ابا! اسان جي ڳالھہ ڪڏهن بہ ناهي ٽاريندو.”

پھرئين چيو:

“سچ ٿو چوين، دير مدير ٿي ويندي آهي پر ابا! واعدو ضرور پورو ڪندو آهي.”

ٻئي معصوم نينگر پنھنجي ڌن ۾ ڳالهيون ڪندي، ڪلندا ڪڏندا منھنجي اڳيان اڳيان هلندا رهيا ۽ پوءِ پٽي پار جهڳين ۽ ڪچن گھرن واري علائقي ڏانهن لڙي ويا.

◆◆◆

# فقير

ڊاڪٽر ستي ڪرولا ۾ حيدر چوڪ ڏانهن ويندي، گل سينٽر ۽ جيم خاني جي وچ تي ڳاڙهي بتي جو سگنل ڏسي جيئن ئي گاڏي روڪي تہ هڪ ڏهن ٻارهن ورهين جي ڇوڪر هٿ ڊگهيري خيرات گهري. هو ميرا ۽ ڦاٽل ڪپڙا پاتل ۽ مٿي اگهاڙو هو. ڊاڪٽر جلدي ۾ ڪجھ روپيا سندس هٿ تي رکيا.

سائي بتي ٻرڻ سان گاڏي اڳتي وڌي ويئي گاڏي زوزات ڪندي ڪورٽ ڪان اڳتي سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس جي سامهون مٺارام هاسٽل ڏانهن موڙ ڪاٽيو. اڳيئن سيٽ تي گڏ ساٿس ننڍو پٽ سلمان ويٺل هو، گهرندڙ ڇوڪري تي رحم ڪائيندي نرمي سان پيءُ کي چيائين:

”بابا! توهان ڏنو تہ هن جا ڪپڙا ڦاٽل ۽ ڏاڍا ميرا هئا. منهن مٿو بہ صاف نہ هوس.“

ڊاڪٽر پنهنجي پٽ جي خواهش ۾ اڏمي ڪي محسوس ڪندي چيو: “ٻي پيري توهان جا لٽل ڪپڙا ڪيس ڏيندا سين تون دلجاءِ ڪر.”

“پر بابا! توهان ڪيس نئين شرٽ ڇو نہ ٿا خريد ڪري ڏيو.”

“پٽ ! هاڻي تہ اسين گهڻو اڳتي نڪري آيا آهيون- ٻي پيري واعدي سان ڪيس پينٽ ۽ شرٽ وٺي ڏيندس.”

ڊاڪٽر گاڏي ڊرائيو ڪندو، تلڪ چاڙهي ڪان هيٺائون رستو وٺي صدر ڏانهن مڙي چڪو هو، پارڪنگ پهچي، ڊاڪٽر جئين ئي گاڏي کي بريڪ لڳائي تہ اوڏي مهل اڌ جسم ڊڪيل هڪ ننڍڙي نينگريءَ جو هٿ خيرات لاءِ ڏانهس وڌي چڪو هو: “صاحب! ايڪ روٽي ڪا سوال هي.” ڊاڪٽر ڪيس ويهہ روپيا هٿ تي رکندي ماني خريدڻ لاءِ چيو.

ڊاڪٽر گاڏي ڪان هيٺ اچي چڪو هو، هو پٽ سلمان سان گڏ جيئن ئي وڌيو تہ پراڻن ڪپڙن ۾ ماءُ ڌيءَ خيرات وٺڻ لاءِ سندن سامهون اچي ويون. ڊاڪٽر فقيرن جو گهيرو ڏسي، پٽ کي ٻانهن کان وٺيو، جلدي جلدي روڊ ڪراس ڪري رش ۾ گم ٿي ويو.

◆◆◆

# ويراڳي شاعري

شميم تعليم جي اعليٰ ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي جي مقرر سپروائيزر سان مليو، ٽاپڪ سليڪٽ ڪرڻ لاءِ پلان جوڙي رهي هئي، هوءَ ڏاڍي ذهين محنتي خوبصورت ۽ هوشيار ڇوڪري هئي، مواد جي بنيادي ڪليڪشن لاءِ اڳ ۾ هوءَ پنهنجي سپروائيزر سان علمي ادبي مشورن لاءِ خط وڪتابت ڪندي رهندي هئي، هن جي هر تحرير پٺيان هڪ مخصوص جملو دهرايل هوندو هو.

"سر! توهان جو پيو ڇا حال آهي."

هڪ ڀيري سندس سپروائيزر منجهند جي ماني تي گهر آيل هو. شميم ڪوڙ سارا طعام پچائي اچي ٽيبل تي سجايا ۽ ڏاڍي پاٻوهه ۽ احترام سان ڏانهس پليٽ وڌائيندي چيائين:

"سر بسم الله ڪريو."

پوءِ هڪ پليٽ ۾ پنهنجي لاءِ ڪجهه پاتائين، ٿوري دير ۾ هن هڪ ڊونگي جو ڍڪڻ لاٿو ۽ ان ۾ رکيل جوائنٽ پيس پروفيسر کي ڏيندي چيائين:

"سر! هي مون پچايو آهي."

جوائنٽ ڪائيندي پروفيسر چيو:

"هي ته ڏاڍو لذيذ آهي شميم! ڇئبو ته تون پڙهائي لکائي سان گڏ رڌپچاءَ جي به ماهر آهين."

ماني کان فارغ ٿيڻ بعد شميم، شاهه سائين جي ڪلام تي ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجي پاران رٿيل ٽي ٽاپڪ اچي سپروائيزر جي سامهون رکندي چيو:

"سر! انهن مان جنهن به هڪ تي اوهان رضا مندي ڏيکايو ته ان کي فائنل ڪجي."

سپروائيزر وراڻيو:

“شميم تون سٺي شاعره بہ آهين- منهنجي مرضي آهي تہ اڳم تنهنجي شاعري ٻڌجي، ٽاپڪ تي پوءِ ٿا ڳالهائي وٺون.”

هوءَ اندران ڊائري ڪڍي آئي ۽ ويهندي چيائين:

“سر ! هر پڙهڻي ڪان اڳم مان شاهہ سائين جي ڪلام سان شروعات ڪندي آهيان ۽ شاهہ جي شاعري توهان کي جهونگاري ٻڌايان يا تحت الفظ.”

“اصل شاعريءَ جو لطف تہ ڳائي ماڻبو آهي.”

اهو ٻڌي هن وائي جهونگارڻ شروع ڪئي.

**“ويندس ڪيچ ڪهي سيڻن ساڻ صحي**

**آئون جيئنديس تان نہ جتن ريءَ.”**

هوءَ بنا ساز ۽ سرود جي سريلي ۽ پرسوز آواز ۾ ڳائيندي رهي ۽ جڏهن هن وائي جي آخري بند کي مٿي آلاپ ۾ آلا پيندي چيو:

**“صبح ڏونگر ڏوريان، ڪنهن پر رات رهي.**

**آئون جيئنديس تان نہ جتن ريءَ.”**

تڏهن سندس اکين مان ڳوڙها لار ڪري وهڻ لڳا، ڪيتري تائين هوءَ پنهنجا ڳوڙها سڪائيندي رهي.

سپروائيزر شميم جو اهڙو، اندر جو لقاءُ ۽ لڳاءُ ڏسي داد ڏيندي چيو:

“شميم! تنهنجي پي ايڇ ڊي جو ٽاپڪ سليڪٽ ٿي ويو.”

هن تڪڙ ۾ پڇيو:

“سر! ڪهڙو؟”

هن وراڻيو: “لطيف سائين جي ويراڳي شاعريءَ...!”

◆◆◆

# پنجويهه ڊسمبر

هوءَ اوهايو رياست، آمريڪا جي ننڍڙي شهر ٽوليڊو ۾ هڪ مذهبي خاندان مسٽر ٽرواءِ، سنٿيا ۽ سندن ڏهن ورهين جي پٽ ڊينل جي گهر ۾ ڏيءَ بڻجي گڏ رهندي هئي- هوءَ پنهنجي ملڪ مان مئٽرڪ پاس ڪري هڪ پروگرام تحت اسڪالر تي آمريڪا ويئي هئي ۽ ان پاليسي آڌار ڪيس آمريڪا جي ڪنهن خاندان جو حصو بڻجي ڏهه مهينا ٽريننگ ۽ پڙهائي ڪرڻي هئي.

پاڪستاني ڇوڪريءَ خوشبوءِ کي، آمريڪي خاندان پنڪي سڏڻ لڳو- ڪرسمس جا ڏينهن قريب هجڻ ڪري پوري آمريڪا ۾ ان ڏڻ کي ملهائڻ لاءِ هر گهر ۾ توڙي سرڪاري سطح تي خوب تياريو ن ڪيون پئي ويون. ٽوليڊو شهر ۾ به انهي ڏينهن جي مناسبت سان وڏيون تياريون ٿي رهيون هيون- شهر جي ڪرسمس هال کي حضرت عيسيٰ ۽ مقدس مريم جي ننڍين وڏين تصويرن "پٽلن" ڪرسمس ٽري(Tree)۽ ٻين رنگ برنگي روشنين ۽ نظارن سان سينگاريو ويو هو.

اڄ يسوح مسيح جي آمد جي ڏهاڙي کي استيج ڪرڻو هو، ڊراما هال ۾ ماڻهو پنهنجي سيٽن تي ويهي چڪا هئا.

مسز سنٿيا نه صرف اجوڪي پروگرام جي آرگنائيزر هئي پر ان سان گڏ ڊراما جي هيروئن به هئي، هوءَ، ميناٽتي (Mennonites) سوچ

واري ۽ لباس توڙي گفتار ۾ عام خاندانن کان قدر مختلف ۽ پروٽسٽنٽ فرقي سان واسطو رکندڙ هئي، انهيءَ فرقي سان لاڳاپيل ماڻهو نہ چرچ ۾ اعتبار رکندا آهن نہ وري نئين ثقافت کي قبول ڪندا آهن، لباس بہ هلڪي رنگ وارا ۽ مڪمل ڍڪيل اوڍهيندا آهن، ايتري تائين جو عورتون پنهنجي مٿي ۽ پيرن جي آڱرين کي بہ ڍڪي رکنديون آهن۔ اهو ئي سبب هو جو سنٿيا سدائين مذهبي ڊرامن جي ڪردارن ۾ ڪهاڻين ۾ خاص دلچسپي رکندي هئي، هوءَ خوشبوءِ کي بہ ٿوري وقت ۾ پنهنجي پياري ڏيءَ جو درجو ڏيئي چڪي هئي، ٿيندڙ ڊراما ۾ ننڍڙي خوشبوءِ کي آسماني فرشتي جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو هو.

ڪجھ دير ۾ هال جون بتيون گل ٿي ويون، آسمان مان آهستي آهستي هڪ خوبصورت فرشتي جو عڪس هيٺ ايندي ڏيکاريو ويو چمڪدار ۽ پڙڪيلو مرواريد جڙيل خوبصورت لباس وارو اهو فرشتو جيئن ئي هيٺ لٿو تہ پوري اسٽيج روشني سان ٻهڪي اٿي، اسٽيج جي هڪ پاسي هڪ سهڻو ٻار پينگهي ۾ لڏندي ڏيکاريو ويو ۽ پر ۾ هڪ پر وقار ۽ خوبصورت عورت ويٺل ڏيکاري ويئي هئي، ماڻهن اهو منظر ڏسي خوب تاڙيون وڄايون ۽ سمجهي ورتائون تہ اهو ٻار يسوح مسيح ۽ ويٺل عورت مقدس مريم هئي.

ايتري ۾ فرشتي پنهنجون ٻانهون ڊگهيري، پينگهي ڏانهن اشارو ڪندي، پر ۾ ويٺل ماءُ سان مخاطب ٿيو:

“هي توهان جي ڪک مان پيداٿيل ٻار يسوح مسيح آهي، ۽ خدا وند خدا ان جو خلقيندڙ آهي، ۽ هي ڀٽڪيل ماڻهن کي سنئون رستو ڏيکائيندو.”

مقدس ماءُ حيراني ۾ سڀ ڪجھ ٻڌي ۽ ڏسي رهي هئي، هن فرشتي کان پڇيو:

“منهنجي تقديس جي ضمانت ڪير ڏيندو ۽ سماجي قانون ۽ سوسائٽي کي ڪير مطمئن ڪندو؟” خوبصورت فرشتي مسڪرائيندي مقدس ماءُ کي چيو:

“هي ننڍڙو مسيح پنهنجي رڳن جي سار سڀنال سان گڏ سماج ۾ اٿندڙ هر مسئلي تي پاڻ ڳالهائيندو- پٽڪيل، ڌتڙيل ۽ بڪايل ماڻهن جي سهائتا ڪندو، انڌن ۽ ڪوڙهين جي دردن جو درمان بڻبو.”

فرشتو ڳالهه پوري ڪري جيئن ئي آسمان ڏانهن اسهيو تہ اوڏي مهل هڪ تازي پڪل کجيءَ جو ڇڳو مقدس ماءُ جي اڳيان پيش ڪيو ويو. هن ڪجهہ کارڪون کائي، ننڍڙي مسيح کي کٽي پيار ڪيو ۽ پوءِ اطمينان سان هرايندڙ ويندڙ جي سوال تي مسيح ڏانهن اشارو ڪندي رهي.

پينگهي ۾ پيل مسيح جڏهن ڳالهايو تہ سڀ حيران ٿي ويا، مسيح جو گونجندڙ ڀاراٽو آواز ٻڌي، هال ۾ ويٺل سڀ ماڻهو سيني تي ڪراس ٺاهي، احترام ۾ متوجهہ ٿي ويٺا. يسوع مسيح فرمائي رهيو هو:

“هي منهنجي امان آهي، جيڪا هر لحاظ کان خدا وند خدا ۽ مون جيان معصوم ۽ پاڪ آهي، مان توهان جي سنڀار ۽ رهبري لاءِ موڪليو ويو آهيان. مونکي سچاڻي منهنجي ڳالهين تي عمل ڪندؤ تہ نجات پائيندو.”

سامهون ويٺل سڀ ننڍا وڏا يسوع مسيح جو چٽو مختصر ۽ دل تي اثر ڪندڙ ميسيج سٺي سحر ۾ جڪڙجي، قطار ٻڌائي اسٽيج اڳيان گذرندا رهيا، ايئن پئي لڳو ڄڻ تہ اهو پنجويهہ ڊسمبر عيسوي سال جو پهريون ڏهاڙو هجي.

◆◆◆

# هڪ ڳالهه

“ڪميل پٽ، ڍهه ڏينهن ٿي چڪا آهن پر ماسي ڪم واري اڃا ڪو نه پهتي آهي، پر واري گهر مان جهاتي پائي اچ متان اتي آئي هجي.”

هن جي پريشاني ۽ ڳالهائڻ جي تيزي ڏسي، مڙس ڪيس چيڙائيندي چيو:

“خالده ! چئبو ته ماسي کان سواءِ تون اڌوري آهين نه ؟”

“توهان ڪمال ٿا ڪريو، ڏسو نٿا گهر جو ڪيڏو ڪم آهي، ٿانءُ ڀانڊا، پوچو صفائي پر ها، اڄ آچر آهي، ماسي کي ڪپڙا به ڌوئڻا هئا، ڪپڙن جا به ڍڳ لڳي ويا آهن.” پريشاني ۾ هوءَ نراڙ تي هٿ رکي ويهي رهي.

“تون گهٻراءِ نه، ماسي نه آئي ته سڀ ڀاتي گڏجي ٿا ڪم ڪري وٺون.” مڙس آٿت ڏيندي چيس.

ايتري ۾ ڇوڪرو موٽي آيو ۽ چيائينس:

“ماسي اتي به ڪو نه آئي آهي.”

اهو ڏينهن ڀانڊا وغيره سهيڙي گهر جي ڪم کي سنڀالي ورتو.

ماسي لڳاتار ٿي ڏهاڙا پڌري ڪو نه ٿي، چوٿين ڏينهن ڏاڍي خاموش خاموش گهر ۾ آئي- هن جي چهري مان ايئن ٿي لڳو ڄڻ گهڻن ڏينهن جي بيمار هجي، اچڻ سان هوءَ ڪم ۾ جنبي ويئي هئي- نيٺ خالده پڇيس:

“ماسي ! خير ته هيو- ڏاڍا ڏينهن لاتئي.”

ماسي وراڻيو:

“امان! اسان غريبن جا ڪهڙا حال ٿي پڇين، منهنجو سڪيلڌو پوٽو، دست الٽين جي بيماري ۾ ونجي ويو، رات جو وڳڙو ڪاڏي وڃون گهر ۾ پيل ڦڪي ستي سان بلو ڪيو سي، هڙخالي هئي، ڊاڪٽر ڏي وڃي نہ پئي سگهياسي .”

خالده چيس:

“ماسي! هيڏانهن اچين ها، اسان تنهنجي واهر ڪريون ها. توکي تہ اڳوات ئي چيل آهي تہ ڏکيءَ سکيءَ ۾ مدد گهرندي ڪر.”

“ننڍڙي صبح جو انتظار ئي ڪو نہ ڪيو. رات جي پيٽ ۾ بي رحم موت هن کي پنهنجي چنبن ۾ ڪٽي هليو ويو ۽ اسان ڏسندا رهجي وياسي.”

“ها ماسي! موت جو فرشتو ڏاڍو ڪٺور ۽ پنهنجي مرضي وارو آهي- هن جي اڳيان ڪنهن جو چارو نٿو چلي وٽيس تہ ڪچا پڪا، وٽيس تہ پڪا.”

ماسي روئيندي چيو:

“فرشتو، خدا ڪان تہ ڏاڍو ناهي!! اسان جي اڱڻ ۾ تہ صرف هڪ گل ڦٽيو هو جيڪو پنهنجو رنگ بکيرڻ ڪان اڳ ۾ ئي بي رنگ ٿي ويو...! آخر ڇو؟

خدا غريب جو ناهي ڇا؟؟؟!!

◆◆◆

# ٽرانسفر آرڊر

سيڪشن آفيسر وٽ منهنجي ٽرانسفر آرڊر بابت سڀ ڪاغذ پهچي چڪا هئا، ڪيس صرف فائنل ليٽر ڪمپوز ڪري، ايڊيشنل سڪريٽري ڪان صحي ڪرائڻو هو، منهنجي چوڻ جي باوجود به هو ڪن لاٿار ڪندو رهيو-آفيس ۾ ويهڻ بدران هيڏانهن هوڏانهن پئي ڦريو، مان سندس تاڙ ۾ هوس جيئن ئي ڪو ڪرسي تي ويٺو مان وڃي سري پاسي ۾ ويٺس. سندس ٽيبل جي دارز کولي پرس مان ٻه نوٽ ڪڍي ان ۾ رکندي چيم:

“سر! شام واري ٽرين ۾ واپس ورڻو آهي- مهرباني ڪري آرڊر جلدي صحي ڪرائي ڏيو.”

آفيسر ڪي چاٻي اچي ويئي- هن ڪمپيوٽر ڪلارڪ ڏانهن ڏسندي چيو:

“شڪيل! هن صاحب جو آرڊر جلدي ڪمپوز ڪري ٽيبل تي پهچاءِ.”

۽ پوءِ مون ڏانهن مخاطب ٿيندي چيائين:

“ڏسو، توهان اڃا تائين لنچ ناهي ڪئي، مان توهان جي لاءِ ٻاهران لنچ باڪس ٿو گهرايان. جيسين اهو نوش ڪندؤ تيسين آرڊر به تيار ٿي ويندو. توهان شام واري گاڏيءَ ۾ وڃڻ جي ڳالهه ئي ڪونه ڪئي هئي!”

مون وراڻيو:

“ مهرباني سائين! هاڻي بہ ڪا دير ناهي ٿي.”

مون لنچ ڪري ڪوڪ جو ٽن جيئڻ ئي خالي ڪري ميز تي رکيو تہ آفيسر آرڊر جي ڪاپي لفافي ۾ وجهي منهنجي اڳيان رکندي چيو:

“سائين! ناراض نہ ٿجو سرڪاري ڪمن ۾ ٿوري گهڻي دير ٿي ويندي آهي.”

مان سندس ٿورا مڃيندي آفيس مان نڪري آيس.

◆◆◆

# ڪلجڳ جا رنگ

مهاراج نارائڻ جي چوٽيهين سالگرهہ جو ڪيڪ ڪٽڻ لاءِ شهر جي وڏي مندر ۾ سڀ پريمي پهچي چڪا هئا، ڪيڪ ڪٽڻ جو وقت تہ رات جا ڏهہ مقرر هو پر مهاراج جو خاص شيواداري گڻيش راج اجا ڪونہ پهتوهو ۽ ڏهہ ٿي چڪاهئا. موجوده پوڄ پئنچايت وقت تي ڪيڪ ڪٽڻ جو مشورو ڏيئي رهي هئي، پر مهاراج پريمين ۽ پئنچايت کي شانت رهڻ جو اشارو ڪندو رهيو.

ڪافي دير کان پوءِ مهاراج جو پيارو سيواداري، نوٽن سان سينگاريل ڪنڌيءَ ڪنيو اڪيلو ۽ البيلو هال ۾ داخل ٿيو، هن مهاراج جا پير ڇهيا، موٽ ۾ مهاراج آسيس ڏيندي ڪيڪ ڪٽڻ لاءِ ڇري ڪنئي ۽ اها ڪيڪ ڪٽيندي مخالفن جي سينن کي بہ زخمي ڪندي رهي، اتي موجود سيوادارين مان ڪنهن چيو:

”وڏو مهاراج سوامي گيان چند مهاتما هو. سيني کي پنهنجو ٻچو سمجهندو هو پر هن مهاراج بہ اڪيائي ڪري جاتيءَ ۾ ويڇا وڌايا آهن.“ هجوم جي پڻ پڻ ۽ اڏمن کان بي خبر مهاراج هر هڪ کي مسڪرائيندي ڪيڪ ڪائڻ لاءِ چئي رهيو هو.

هڪ پراڻو پريمي استاد لڇمن داس پڙڪيو:

”واهہ ڙي مايا تنهنجي ڇايا، واهہ ڙي ڪلجڳ تنهنجا رنگ!!“

ٻي شيواداري موهن، پرشاد ورهائيندي چيو:

”مهراج نارائڻ جي کهڙي ڳالهہ ڪجي، پنهنجو مٽ پاڻ آهي، جوان هوندي بہ پنهنجي پتا سوامي گيان چند جي مورتي سمان ساڌو

سنت آهي، ڏسو نہ سالگره جو ڪيڪ ڪٽڻ لاءِ ٻين جيان اتاولو ڪو نہ ٿيو. پر شهر جي آخري ماڻهو جي اچڻ تائين انتظار ڪندو رهيو، وڏن ۾ وڏا گڻ آهن.”

تئين پريمي مهراج نارائڻ جي جئہ جئڪار جو نعرو لڳائي، رنگين زوردار ڦٽاڪن ڪي آسمان ۾ اڏائڻ شروع ڪيو ۽ آڪاش مان چمڪندڙ رنگن جي برسات وسڻ شروع ٿي ويئي ۽ محفل جئہ جئہ ڪار سان گونجڻ لڳي

◆◆◆

# حرام حلال

دائي شرمان عمري جي ادائگي ڪانپوءِ پهريون ڀيرو جڏهن ڊيوٽي تي موهني اسپتال پهتي تہ ڪيس پوري عملي مبارڪون ڏنيون، تنهن ڏينهن هوءَ ڏاڍي خوش لڳي رهي هئي.

شروع کان منجهند جي ماني هوءَ ڊاڪٽر موهني جي گهران گهرائي کائيندي هئي، معمول موجب اڄ بہ نوڪر ماني آڻي ڏنس پر شرما، ماني واپس ڪندي چيو:

”مونکي ٻڌايو ويو آهي تہ غير مذهب ماڻهن جي هٿ ۾ گهر جي شيءِ کائڻ حرام آهي.“

ڊاڪٽر موهني اسپتال ۾ موجود هئي۔ هن اهي لفظ ٻڌي دائي کان پڇيو:

”شرما...! تون عمري کان اڳ مسلمان نہ هئين؟“

هن نڪ تي آڱر رکندي وراڻيو:

”ڊاڪٽر صاحبہ! مسلمان مان هيس پر هاڻي پاڪ ٿي آئي آهيان.“

ڊاڪٽر حيرت ۾ ڏسندي چيو:

” شرمان! بک جو مذهب ناهي هوندو.“

◆◆◆

# پيار ۽ مذهب

نرملا جي نيڻن ۾ نماڻائي ۽ چپن تي مرڪ ڏسي موهن ويتر موهجي پيو، ويجهو ويندي چيائين:

“نرملا! خبر ناهي مونکي تنهنجي مرڪ ڪان ڇو ڊپ ٿيندوآهي، لڳندو آهي اها مرڪ مونکي ڳڙڪائي ويندي.”

“صبر ڪر، اڃا منزل گهڻي ڏور آهي، رجعت پسندن جهڙيون ڳالهيون نہ ڪر.”

“آئون شاعر ماڻهو، ناستڪ ۽ دهريو ليڪڪ، پنڊت ڪي مڃيان ئي ڪو نہ، تون گياني ڌياني ڌرمداس جي سپتري۔ اهو لڳن ڪئين ٿيندو؟”

موهن ڪيس تڪيندي چيو.

“سڀ ڪجهہ ڄاڻندي تہ توسان وچن ڪيو هوم، موجوده دور ۾ شين ۽ قدرن جي حقيقت وارو تصور بلڪل ختم ٿي چڪو آهي پنڊت ۽ پوڄاري تہ پاڻ صدين جي نشانن جو نقل ڪندا پيا اچن اسان جو گڏ جي گذارو ٿي ويندو.” نرملا فلسفياني انداز ۾ سمجهائيندي چيو.

موهن هار مڃيندي چيو:

“سمجهيم... ٻئي آزاد آهيون، پڪين جيان پيار ڪري زندگي گذاريندسين.”

◆◆◆

# ممتا ۽ موبائل

امير روزانو ٽيوشن ويندو هو، ڪڏهن ڪڏهن دير سان به واپس ايندو هو. اڄ به ڪيس اچڻ ۾ گهڻي دير ٿي ويئي هئي پٽنس ڪجھ پريشان ٿيندي گهر واريءَ کان پڇيو.

“امير، اڄ به اچڻ ۾ دير لڳائي آهي، سندس ٽيوشن جو وقت ته پورو ٿي چڪو آهي؟”

“ڪنهن دوست سان ڀيهجي ويو هوندو، متان استاد دير تائين پڙهائيندو رهيو هجيس.” گهر واريءَ وراڻيس.

“پٽ مئٽرڪ ۾ پهچي چڪو آهي ۽ موبائل رکي ٿو، دير اچڻ جو سبب ٻڌائي سگهيو پئي.” پٽنس تڪڙ ۾ چيو:

“مئٽرڪ ۾ پڙهي ٿو پر ننڍڙو آهي ته اڃا ٻار! پٽ مان وڏن جو پيو ڳولين؟”

ايتري ۾ امير گهر ۾ گهڙيو ۽ ڪتاب ٽيبل تي رکي وڃي ماءُ سان ڀاڪرين پيو ۽ آهستي چيائين:

“امان موبائل وڃائجي ويو.”

ماءُ وراڻيو:

“خير آ پٽ! توتان گهوريو، تون ته سلامت آهين.” پٽنس ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي مسڪرائيندو رهيو.

◆◆◆

# مِن جو ماڻرو

پنجاھہ کن سال اڳ جڏهن هوٽل تاج محل جي چانھہ، ڪورمو ۽ برياني واپرائڻ لاءِ ڪيترن شهرن جا ماڻهو اچي، ڪاڏي پيتي جي لذت وٺندا هئا. تڏهن ڪي شوقين وري، اتي چونڊ پراڻين فلمن جا گانا ٻڌڻ لاءِ ٻه ڳاهٽ ٽيندا هئا، هوٽل جو مالڪ خان مغل، پاڻ ٻه جوان ۽ ڏنڊوڙي ماڻهو هو. سندس هوٽل تي گانن سان گڏ هر شيءِ خالص ۽ لذيذ ملندي هئي. تڏهن چانھہ ٻه آنا ڪپ هئي ۽ روپئي ۾ سورنهن آنا پوندا هئا، هڪ ڏهاڙي خان مغل جي دخل سان لڳل ٽيبل تي هڪ نوجوان گراهڪ اچي سيٽ تي ويٺو، خان کي پشتو اردو ۾ چيائين:

"ايڪ چاءِ ڪڙڪ اور طلعت محمود ڪا گانا"

خان مغل مسڪرائي هائو ڪار ڪئي، نوجوان ڪوئٽه کان آيل پئي لڳو پر لباس سنڌي هوس، بوسڪي جي قميص ۽ چئيرمين جي شلوار پهريل جوان گاني ۾ ايترو ته گم ٿي ويو جو سامهون رکيل چانھہ به ٿڌي ٿي ويئي هئي، خان سندس تڙپ ڏسي هڪ ٻئي پٺيان طلعت محمود جا سدا بهار گانا ٻڌائيندو رهيو.

سردي جي موسم هئي، شايد نوجوان پنهنجي مائٽن سان ملڻ آيو

هو. هوٽل تي اچي گانا ٻڌڻ ۽ ٻه چار چانهه جا ڪوپ پيئڻ سندس روز جو معمول هو- خان مغل کي به سندس اچڻ جو اوسيئڙو رهندو هو.

هڪ ڏهاڙي جيئن هوٽل ۾ گهڙيو ته ڏاڍو ويڳاڻو، مايوس ۽ ڪنهن سوچ ۾ ورتل پئي معلوم ٿيو ايندي ئي خان مغل کي فرمائش ڪيائين:
”خان !طلعت ڪا يه گانا سنوائو، جس ڪي بول هين
جيئون گا جب تلڪ تيري فساني ياد آئين گي“

پتلڻ سهڻو ۽ چٽي رنگت وارو نوجوان هو، ويتر تيز رنگ واري وڳي ۾ اڄ هو ڏاڍو خوبصورت ۽ پرڪشش لڳي رهيو هو، هن جي من ۾ ڪاتڙپ ۽ ڪنهن سان ملڻ جي تانگهه هئي، رکي رکي ياد ڪيس تڙپايو پئي. خان مغل سندس بي چيني کي محسوس ڪندي ڪيٽ مان فرمائشي رڪارڊ ڳولهڻ لڳو، گهڻي ڳولا کان پوءِ جڏهن طلعت جو گانو مليو ته نوجوان جي منهن تي سرهاڻ موٽي آئي.

گاني جا ٻول جئين ئي هن جي ڪنن تي پريا ته هوآپي کان نڪرڻ لڳو، ٽيبل تي رکيل پاڻي جو جڳ پنهنجي مٿان هاريندي، قميص ڦاڙي، زور زور سان گاني جا ٻول ورجائڻ لڳو ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي، روڊ تي رڙيون ڪندو نڪري ويو!!

خان مغل، ڪيترا ڏينهن ان نوجوان جي راهه تڪيندو رهجي ويو، پر ويندڙ ڪٿي ٿا ورن!!

◆◆◆

# ادب جو چراغ

درشن اردو سنڌي ۽ پنجابي زبانن جو وڏو شاعر هو، اسلام آباد مان نڪرندڙ ماهنامي ’معمار‘جي آفيس ۾ هڪڙي ڏينهن ڏاڍو تڪڙو ۽ پريشان اندر داخل ٿيو، منهن تي وائڙائپ ۽ مايوسي ڏسندي، معمار جي ايڊيٽر امر سنڌو پڇيو:

“توهان جي طبيعت تہ نيڪ آهي؟ ويهو، دلجاءِ ڪيو ماجرا ڇا آهي ؟” هن نهہ پهہ وراڻيو:

“امرپيا! سونهن ۽ سرت واري جوان شاعرا، هڪ ٽريفڪ حادثي ۾ موت جو کاڄ ٿي ويئي.”

“اهو حادثو ڪٿي ٿيو ۽ اها ڪير هئي؟”

هن وري شاعراڻي لهجي ۾ چپ چوريا :

“قرت العين وانگر ٻن پهرن جي تپيل ڏينهن جيان چمڪندڙ ۽ سونهن جي آرائيي ۽ الن سان ساڙيندڙ انهيءَ شاعره منهنجي آڏو تڙپندي ۽ ڦتڪندي دم ڏنو، پر مان ڪيس بچائي ڪو نہ سگهيس.”

سندس اٽپورو جواب سڻي امر سنڌو ڪجھ شاعرائن جا نالا ڳڻهندي پڇيو:

“ادا جعفري، زهرا نگار، فهميده رياض، ڪشور ناهيد جي ڳالھ تہ نہ پيو ڪرين!”

“نہ دوست ! اها اهڙي شاعره هئي جنهن اداس اکين ۾ نرمل نيڻن سان، انساني وجود جي انگ انگ ۾ زندگي جو احساس اوتي ڇڏيو هو، جيڪا چوندي هئي تہ صدين تائين سندس تخليقي دنيا جا لفظ هن جي سراپا سونهن ۽ سڳند جي گواهي ڏيندا رهندا.”

امر سنڌو پرولي جي تھ تائين پهچي چڪو هو، هن آهستي آهستي ڳرن قدمن سان هلندي سامهون پيت تي لڳل ڪئلينڊر تي هڪ نظر وڌي، اهو ڇويھ ڊسمبر 1994ع جو ڏهاڙو هو آفيس اندر هن جو ساھ ٻوساٽجڻ لڳو. هو ٻاهر آيو.... ڏٺائين، آسمان ڪارن ڪڪرن سان ڍڪجي چڪو هو. بي اختيار هن جي چپن تي خوشبوءِ جي خالق پروين شاڪر جو نالو زبان تي اچي ويو. هن جي هٿن ۾ نہ گلاب هئا نہ رابيل ۽ نہ عطر نہ عنبير خيالن ئي خيالن ۾ گلن جهڙن لفظن جي ڪومل مالها پوئي، صديق سالڪ جو چؤسٽو قبر جي ڪتبي تي ڪوري ڇپائين:

**پهول گم سم، اداس باغ ادب،**
**قلب کو اب، نهين دماغ ادب،**
**شعروفسانہ بجھ گئي هين جو،**
**ناگهان گل هوا چراغ ادب.**

◆◆◆

# اوسيئڙو

هو هر هفتي جي آخري ڏينهن پنهنجي گاڏيءَ تي واپس گهر ورندو هو. پٽيان زال، ٻار ٻچا ۽ پوڙهو پيءُ اوسيئڙي ۾ رهندا هئا. ماڻس گهڻا ورهيه اڳ مالڪ کي پياري ٿي چڪي هئي، پٽنس هونءَ به چنچر ڏهاڙي پٽ جي راهه تڪيندو رهندو هو. اڄ ويتر هن دير ڪري ڇڏي هئي. اڻ تڻ ۾ رهندي امالڪ ننهن کان پڇيائين:

“ڌيءَ! عامر اڄ ڏاڍي دير ڪري ڇڏي آهي.”

“بابا! ايتري دير ته ڪانه ٿي آهي، مونسان هاڻي هاڻي فون تي رابطو ٿيو هوس، ٽريفڪ ۾ ڦاٿل هو، توهان گهٻرايو نه اجهو پهچڻ وارو آهي.” سهري کي دلجاءِ ڏيندي هن چيو.

ڪلاڪ کن گذري چڪو هو. پر عامر جو اڃا ڪو اتو پتو ڪو نه هو، پٽنس گهر جي لائبريري ۾ ويٺي ڪتاب پڙهيو، وال ڪلاڪ ڏانهن ڏسندي هو اٿيو ۽ ٻاهرين گيٽ وٽ نڪري آيو، سامهون عامر جي ڪار ايندي ڏسي کيس ساهه ۾ ساهه پيو.

گاڏي نزديڪ ٿيڻ سان عامر بريڪ لڳائي ۽ هيٺ لهي والد سان مليو پٽنس گاڏيءَ جو اندروني منظر ڏسي اچرج ۾ وڃي ويو، پڇيائين:

“پٽ! تون ته حيدرآباد کان پيو اچين، گاڏي ۾ ٻار توسان ڪئين؟”

پيءُ جي پريشاني محسوس ڪندي عامر وراڻيو:

“بابا! مان ٿوري دير اڳ گھر پهچي ويو هوس- توهان جي ڪمري ۾ گھڙيس تہ توهان کي ڪتاب جي مطالعي ۾ مشغول ڏسي ڊسٽرب نہ ڪيم.”

“پوءِ ڪيڏانهن وئين پٽ!”

“بابا مسز ڀڊايو تہ ٻار انتظار ڪري هاٽي هاٽي ناناٽي ويا آهن. ٻارن جي ڏاڍي سِڪ لڳي هئي، ان ڪري تتي تاءُ گاڏي جو رخ اوڏانهن ڪٽي ڪيم.”

پٽنس چپن تي هلڪي مرڪ آڻيندي آهستي چيو.

“پٽ! مان بہ تنهنجي اوسيئڙي ۾ هوس- مونکي بہ تنهنجي ڏاڍي سِڪ لڳي هئي.”

◆◆◆

# اوشو جو آنند

پروفيسر لعل چند تازو ئي امريڪا جي ڪنهن يونيورسٽي مان سوشل سائنسز جي هڪ مخصوص سبجيڪٽ آنر ڪلنگ اينڊ اٽس امپيڪٽ آن سوسائٽي، تي پي۔ ايچ۔ ڊي جي اعليٰ ڊگري وٺي موٽيو هو، مدر يونيورسٽي ۾ پڙهائيندي هن کي ڪئي ورهيہ ٿي ويا هئا. پنهنجي شاگردن سان پيار ڪندڙ هي عملي انسان سماجي سطح تي پيدا ٿيندڙ ننڍين وڏن مسئلن تي بہ نهايت ڏاهپ ۽ دليل سان ڳالهائيندو هو، ان ڪري شاگرد ڪائنس سمجهڻ ۽ پرائڻ ۾ ڪا دقت محسوس نہ ڪندا هئا.

اڄ مدر يونيورسٽي ۾ هن جو پهريون پيرڊ هو، سوشيالاجي ڊپارٽمينٽ جي ڪلاس ۾ جئين ئي گهڙيو تہ شاگردن اٿي ڀيهي پر جوش انداز ۾ آجيان ڪئي، موٽ ۾ هن ڪنڌ نمائي نمستي چئي، روسٽرم تي هٿ رکندي مخاطب ٿيو.

“يارو! ڪهڙو موڊ آهي، ڇاتوهان کي جذبن جي ڪتا ۽ ان جي ملهہ بابت ڪجهہ ٻڌايان؟”

شاگردن يڪ آواز ٿي وراڻيو:

“ها... بلڪل تيار آهيون سر!”

“ڳالهہ اها آهي تہ سڌريل سماجن ۾ انساني جذبن جو ملهہ ۽ قدر ٿئي ٿو ۽ اهي جذبا سماج جي گڏيل موڙيءَ هوندا آهن. فن ۽ علم ذريعي حاصل ڪيل سڀ سندون ۽ ڊگريون قومي ملڪيت سمجهيون وينديون آهن. پر اسرندڙ ملڪن ۾ ايئن ناهي ٿيندو.”

ڪلاس مان هڪ شاگرد سوال ڪندي چيو:
“سر اسان وٽ ايئن ڇو نہ ٿو سمجهيو وڃي؟”
هن وراڻيو:
“ان جا سبب گهڻا آهن پر هڪ اهم ڪارڻ اهو آهي تہ اسرندڙ ملڪن جا ڪارندا هر ليول تي ماڻهن جي جذبن ۽ خواهشن ڪي چِڙواڳي چئي، جان ڇڏائي ٿا وڃن، جڏهن تہ سڌريل سماجن ۾ انهن تي تحقيق ٿي رهي آهي. ڪنهن سوچ، خيال ۽ عمل ڪي خاص اهميت ڏيڻ سان مثبت ۽ منفي ٻئي نتيجا نڪرندا آهن. درصل ان جي جاچڻ جو طريقو اهو آهي تہ ڪنهن شيءِ سان جا ذيبت پيدا ٿئي تہ نتيجو مثبت ايندو پر جي ان شيءِ سان نفرت ۽ بيزاريءَ ٿيندي تہ نتيجو منفي ملندو، اسرندڙ ملڪن ۾ هاڪاري ۽ ناڪاري جذبن ڪي چڪاسيو ئي ناهي ويندو ۽ نہ وري انهن جذبن جو ملهہ ۽ قدر ڪٿيو ويندو آهي. ويتر اهڙن جذبن ڪي دٻائي ڌمڪائي، ماڻهو ڪي ذهني طور مجروح ۽ مفلوج بڻايو ويندو آهي، توهان ڏٺو هوندو تہ اڪثر اسرندڙ ملڪن جون عورتون اهڙي ذهني دٻاءُ جو شڪار ٿين ٿيون ۽ انهن ڪي آنر ڪلنگ هيٺ هيسائي هيڻو ڪيو وڃي ٿو.” هن ٿورو ترسي، بورڊ تي لکيو آنرڪلنگ ۽ وري مخاطب ٿيو:
“آئون جيڪا پي ايچ ڊي ڊگري وٺي آيو آهيان، اسرندڙ ملڪن ۾ اها منهنجي ملڪيت (Asset) سمجهي ويندي پر سڌريل سماجن ۾ اها قومي ملڪيت ڳڻي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ جو انهي ڊگري جي ڪري فرد ۾ ڏاهپ ڏانءُ ۽ سچائي پيدا ٿئي ٿي ۽ سماج ۾ ڪيس هڪ لائق انسان جو درجو حاصل ٿئي ٿو، اهوئي سبب آهي جو اتي جذبن، چاڻ ۽ ڊگرين جي تونگرائي ڪي سماجي عطا ۽ قومي ملڪيت شمار ڪيو وڃي ٿو.”
پرفيسر جئين ئي ٿورو خاموش ٿيو تہ اڳيان ويٺل هڪ شاگرد خاص نڪتي بابت سوال ڪيو:

“سر! هن سوشل ميڊيا واري دور ۾ اسرندڙ ملڪن جا ماڻهو ٻه، سڌريل سماج جو حصو ٺڄي چڪا آهن، ڇاڻ جي متا ستا بدران هاڻي اهي هڪ ٻئي سان انفرميشن شيئر ڪري رهيا آهن. ان هوندي ٻه اسان ڇو اهڙا ذهن پيدا نه ڪري سگهيا آهيون؟”

پرفيسر خاموشي سان سوال ٻڌي ٿورو سوچيندي چوڻ لڳو:

“پٽ! اها ڳالهه ذهن تي پختي ڪري ڇڏيو ته جيسين اهڙن ملڪن جي ڪارندن جي ذهن ۾ هڪ فلاحي رياست جوڙڻ جو تصور ناهي اڀريو ۽ ماڻهن جي بنيادي ضرورتن اتي لتي، اجهي سان گڏ تعليم صحت ۽ امن آڻڻ جي تڙپ دل ۾ پيدا ناهي ٿي، تيسين اهڙا ذهن پيدا ڪرڻ وارو خواب ايئن آهي جيئن ٻيرن ڪان پير گهرڻ .”

هن ٿورو سوچيندي وري ليڪچر شروع ڪيو.

“جذبن جي پيشڪش، خواهشن جو پورائو ۽ پين اڻ پوري ضرورتن جو مدافعتي رد عمل ته آخر ٿيڻو آهي، اهو ماڻهو جي رجحان، رويي ۽ طاقت تي منحصر آهي ته اهو ڪيئن ٿو ان جو اظهار ڪري، پر رياست جي اها جوابداري آهي ته ماڻهو کي ذهني دٻاءَ ڪان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ڪوطريقو ڳولي ۽ ان کي ذهني طور مطمئن ڪري، سڌريل سماجن ۾ ذهني دٻاءَ ڪان نجات حاصل ڪرڻ ۽ خواهشن جي تڪميل لاءِ مناسب جايون ۽ ادارا جوڙيل آهن پر اسان اجا انهي پاسي ڌيان ناهي ڏنو.” اڻاريل نڪتي جي وضاحت ڪانپوءِ هن شاگردن ڪان پڇيو:

“ڇا توهان منهنجي ڳالهه کي بخوبي سمجهي ويا؟”

گڏيل آواز آيو:

“جي سر.”

هن ڪرائي ۾ ٻڌل واچ ڏانهن ڏسندي چيو:

“ته پوءِ منهنجي آخري ڳالهه ڌيان سان ٻڌو انهي ڪري ئي اسرندڙ ملڪن جا پڙهيل ۽ ڊگري يا فته فرد ٻه ملڪي ڪارندن جي پرڪارن

ڪان خائف ٿي پنهنجي جذبن جي موڙيءَ کي اڙٻنگ دل جي پڪار چاڙهي، قوم ۽ انسانيت تي خرچڻ بدران ڪڏهن مئڪدي تي مٿو ٽيڪي اوشو جو آنند وٺن ٿا تہ ڪڏهن وري عقيدي جي ور چڙهي سرڳ ساپيان ڪن ٿا.“

◆◆◆

# پهرئين چاهت

محبت جو درد پر لطف تڏهن ٿئي ٿو جڏهن ڪو ان کي ماڻي ٿو.
شيرين، منهنجي پهرئين چاهت، صبح جي پر نور چمڪندڙ سج جيان انگ انگ ۾ خواهشن ۽ لذتن جي لار اوتي ڇانورو بڻجي مونتي ايئن ڇانئجي ويئي هئي جو اڄ تائين، ان خوبصورت وڻندڙ پيار جي جهوٽي، نرم ۽ نازڪ ڇهاءُ، سونهن ۽ سحر جي واديءَ کان ٻاهر نڪري ناهيان سگهيو!!

تڏهن آئون سورنهن ورهين جو هنيلو، ڦڙتيلو ۽ شرميلو ڇوڪرو سمجهيو ويندو هوس، اسپتال جون نرسون، دايون ۽ ڊاڪٽرن جي بنگلن تي ڪم ڪندڙ مايون ۽ ماسيون سڀ مونسان اڪين ئي اکين ۾ ڳالهائيندڙيون هيون ۽ منهنجي رويي توڙي ڪردار جي باري ۾ ڪنهن سان شڪايت بہ ڪونہ ڪنديون هيون.

فيميل وارڊ ۾ اسٽيٿسڪوپ (Stethoscope) منهنجي ڪنن ۾ وجهي، هڪ پيري مريضہ جو سينو چڪاسڻ لاءِ، جڏهن شيرين، منهنجي پنيان بيهي چڪاسڻ جو طريقو سمجهائي رهي هئي، تہ اوچتو سول سرجن وارڊ ۾ اچي پهتو. اها ماجرا ڏسي، هو برداشت ڪرڻ بدران اٿلي پيو ڏاڍي ڪاوڙ ۾ شيرين کي چيائين:

"پٽ کي ڊاڪٽري پئي سيکارين!!"

"ها، اسان جي غير موجودگي ۾ سڀ ڪم اهوئي تہ سنڀاليندو آهي سر." شيرين وراڻيو.

سول سرجن پير ۾ بيٺل هڪ وارڊ بواءِ کي مونڊانهن اشارو ڪندي چيو."تون وڃ ۽ حميد حجم کي وٺي اچ ۽ چوينس تہ هن جا ڊگها وار ڪتري ننڍا ڪري ۽ پوءِ مونکي رپورٽ ڪر."

ٻي صبح مونکي ٽي، بي وارڊ ڏانهن بدلي ڪيو ويو، پر شيرين، صبح جي چانهه پنهنجي ڊيوٽي روم ۾ مونسان گڏ پيئڻ جي عادي هئي. ٽڪوزي سان ڍڪيل ڪيتلي، ڪيڪ ۽ بسڪيٽن سان ڀريل ٽري جڏهن سندس گهران ايندو هو ته هوءَ ڀريون ڪپ ٺاهي مونکي ڏيندي هئي. اڄ ٻه جيئن ئي چانهه پيتي ته هن ٽي بي وارڊ ڏانهن ماڻهو موڪلي مونکي گهرائي ورتو. منهنجي پهچڻ ڪانپوءِ سرهي ٿي چوڻ لڳي:

”چانهه پيئڻ جو مزو ته توسان گڏ ايندو آهي، تنهنجون ڳالهيون ڏاڍيون وڻندڙ ۽ تنهنجو خاموشي سان ڪم ڪرڻ جو انداز ٻه ڏاڍو ڀائيندو اٿم، سچي ڳالهه اها آهي ته دايون ۽ مايون، مريض ۽ انهن جا سنڀاليندڙ سڀ تنهنجي ڪم کان ڏاڍا مطمئن ۽ خوش آهن. پر هن سرجن مئي کي ڪير سمجهائي!“

مان پنهنجي ساراهه ٻڌي مسڪرايو ته ايتري ۾ تار گهرجي ڪارندي هڪ لفافي ۾ تار آڻي، شيرين اڳيان رکي، تار پڙهڻ ڪانپوءِ هوءَ ڏاڍي پريشان نظر ٿي آئي، مون ڪانئس پڇيو:

”ڇاجي باري ۾ تار آهي ڊاڪٽر؟“

ڪجهه سوچيندي هن چيو:

”تون پريشان نه ٿي، منهنجي ٽرانسفر سول اسپتال حيدرآباد ڪئي ويئي آهي ۽ اڄ ئي چارج ڇڏڻي آهي.“

”پوءِ ڇا ٿيندو؟“ مون جذباتي ٿيندي پڇيو.

”چارج ڇڏڻي ئي پوندي اها بدلي سول سرجن ئي ڪرائي آهي، شروع کان ئي هن جو ورتاءُ انساني گهٽ پر جنسياتي وڌيڪ هو. آئون هلي ويندس پر هن جي اڳيان ڪو نه جهڪنديس هي ماريو ڀاڄ ڪي سمجهي ڇا ٿو!!“

پوءِ هوءَ چارج ڇڏي هلي ويئي هميشه لاءِ...! آئون جواني جي هٿيلي گهوڙي تي سوار، سوين سواريون هڪيون تڪيون ٻيٽل، پوئتي

ڪنڌ ورائي ڪو نہ ڏٺم، خبر ئي نہ پئي، جواني موڪلائي ويئي، اٽڪل پنجاهہ ورهين ڪانپوءِ هڪ ڀيري سنڌ جي سهڻي تاريخي شهر ميرپور ۾ شيرين جي خانگي اسپتال تي اچانڪ وڃي پهتس. سامهون ڪرسي تي چشمو پاتل هڪ باوقار چهرو ڏسي منهنجي دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي ويئي. پاڻ سنياڻي مخاطب ٿيم.

"مونکي سڃاڻو ٿا!!!"

هن چتائي ڏٺو ۽ پوءِ حيران ٿي اٿي بيٺي ۽ ڏاڍي پاٻوهہ ۾ پنهنجائپ مان چيائين:

"پنهنجن کي ڪير نہ سڃاڻيندو، پريم آهين نہ !!"

سندس مک مان ماڪيءَ جهڙا مٺا ٻول ٻڌي، آئون ڪرسي تي ويهي رهيس.

◆◆◆

# سائنٽيفڪ شخص

احمد، بنيادي طور تي زميندار گهراڻي جو فرد هو، خانداني جهڳڙن جي ور چڙهي سندس گهراڻو ڇڙ وڇڙ ٿي چڪو هو، هن جو والد جهيڙي جهٽي خلاف، امن پسند ۽ هڪ سئو انسان هو. هن پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي وچي نئين جوءِ آباد ڪئي ۽ اتي شادي ڪري آسودي زندگي گذارڻ لڳو، زال جي مائٽن کيس هر طرح مدد جي آڇ ڪئي پر هي مجاهد مرد درزڪي پورهئي ۾ پورو رهيو. نه ڪنهن کان گهريائين ۽ نه ڪنهن ۾ آسرو رکيائين.

احمد سان واقفيت ۽ دوستي جو عرصو به اسان جي اڌ ڄمار جيترو ٿي چڪو هو. هو قلندر صفت ماڻهو سدائين حال مست رهيو. ايڏي عرصي دوران مون ڪڏهن به هن جي منهن تي سرءُ جي واءُ جو جهونڪو لڳندي ناهي ڏٺو، بسنت رت جيان شاداب زندگي جا ست ورهيه گذاري جڏهن پيريءَ ۾ پير پاتائين ته سندس جوڀن ۽ جواني هڪ پيرو پيهر پڙڪو ڏيئي، دوستي جي پوري حلقي تي ڇائنجي ويئي.

هونءَ به هو هڪ آرٽسٽ ۽ اديب هو. هن کي چاڻ هئي ته مثبت سرگرميون اختيار ڪري ۽ منفي خيالن کي ڪڍي ڦٽو ڪرڻ سان ئي خوشگوار ۽ صحتمند زندگي گذاري سگهجي ٿي، اهو ئي سبب هو جو هن جي زندگي پرجوش ۽ هلچل واري هئي، خاموش ويهڻ جو عادي نه هو، سمنڊ جي لهرن جيان بي چين زندگي گذاريندڙ هي فنڪار ڏاڍي نرالي طبيعت جو مالڪ هو. ڪڏهن ڊراما اسڪرپٽ لکي ايندو ته

ڪڏهن وري پنهنجي تاريخي شهر جي جاگرافيائي جوڙجڪ جا گراف ٺاهي ڪڍي ايندو هو. مان هن جي حالت کي اڄ تائين سمجهي ناهيان سگهيو.

روزانو اخبار روشني جو چيف ايڊيٽر ساجد لطيف به ڊرامانويس ۽ يارن جو يار هو، احمد واند ڪائي ملاتي ٿي ويهندو هو. جانورن سان لڳاءُ به هن جو مشغلو هو. طوطا، ڪبوتر، تتر ۽ ڪتا پالي، انهن جي عادتن اطوارن بابت معلومات شيئر ڪري، هو فخر محسوس ڪندو هو، سندس شوق ۽ دلچسپي ڏسي ايئن ڀاسندو هو ته اجا هو ڳوٺاڻي جيوت جي قربائتي ڪوٺ کان پاڻ کي ٻاهر ڪڍي ناهي سگهيو.

هڪ ڀيري ساجد لطيف کيس هڪ السيشن شيفرڊ جرمن نسل ڪتو گفٽ ڪري ڏنو، جيڪو ڏاڍو خوفائتو، قداور ۽ طاقت جي ڦونڊ ۾ زنجير ڇنائي رهيو هو پر احمد به ڪمال جو ماڻهو هو. ڪتي جي مٿي ۽ پٺيءَ تي هٿ ڦيرائي هڪ منٽ اندر انکي پنهنجو مطيع بڻائي ڇڏيو.

شاهد لطيف کي حيران ڏسي چيائين:

“منهنجي هٿ جي ڇهاءُ ۾ اکين جي جوت ۾ اهڙو ته تاثير آهي جو جانور ۽ پکي به قربت جي ڪنڌيءَ ۾ ڦاسي پون ٿا.”

شاهد چيو:

“مون به چاهيو پئي ته ڪتو ان شخص کي ڏيان جيڪو جانورن جي نفسيات کي ڄاڻي ۽ انهن کي پالي تاتي پنهنجو بڻائي.”

ڪجهه دير ۾ هو زنجير پڪڙي ڪتي کي گهر وٺي ويو، اهو ساڻس ايئن هري مري ويو ڄڻ سالن کان شناسائي هجين، صبح شام سير ڪرائڻ جي باوجود به ڪجهه عرصي کان پوءِ ڪتو اڪيلائپ ۽ گهٻراهٽ جو شڪار نظر اچي رهيو هو، احمد اهڙي صورتحال ڏسي ڪتي کي پراڻي مالڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ مصري ڪڪڙيون وٺي انهن مان ڪوڙ ٻچا ورتائين.

مونکي ياد پوي ٿو تہ هن ڪجھ وقت سرڪاري ڪاتي ۾ آفيسري بہ ڪمائي ۽ جڏهن سرڪار غصي ۾ اچي نوڪرين ۾ ڪٽوتي جو بهانو بڻائي، ڪيس گهر ويهاريو، تہ هن سانتيڪي شخص نہ ڪنهن سياسي ليڊر ۽ ميمبر جو در ڪڙڪايو ۽ نہ وري ڪاتي جي وڏي عملدار سان مليو.

احمد جهڙاانمول ماڻهو ۽ وڏا ماڻهو دنيا ۾ پيا بہ آهن، وڏو ماڻهو انهن جي اندر ۾ لڪو ويٺو هوندو آهي ۽ جنهن کي ٻاهر اچڻ لاءِ رستي جي تلاش هوندي آهي، احمد جي وڏي ماڻهو کي ٻاهر آڻڻ ۾ ڀاڀي تهمينہ جو اهم ڪردار رهيو، هن وک وک تي ڪيس حوصلو ڏنو پيار ڏنو ۽ مسئلن سان منهن ڏيڻ جي سگهہ پيدا ڪئي. منهنجو ويساهہ آهي تہ جيسين ڀاڀي زنده رهندي تيسين هن جي اندر جو وڏو ماڻهو، جواني ۽ جذبو بہ قائم ۽ دائم رهندو.

هن حياتي جي هلچل ۽ زندگي جي حاجتن جي پورائي لاءِ ڪوڙ سارا ڪاروبار ڪيا. هر ڏنڌي پٺيان مال ڪمائڻ جي سوچ گهٽ پر فني ستاءُ ۽ نکار وڌيڪ نظر آيو. ڪڏهن "ڪو جڪ ٽيلرنگ هائوس"، تہ ڪڏهن "ديناناٿ شاپ" قائم ڪيائين تہ ڪڏهن وري "منگيشڪر موشن رائيڊ" تہ ڪڏهن "ميرانام جوڪر"، "سائيڪل شاپ" نالي سان ڪاروبار ڪيائين، ڪاروبار شروع ڪرڻ وقت وڏي ڌام ڌوم سان مهورتي تقريب ۾ دوستن ۽ شناسائن جي خوب ٿهل ٽڪور بہ ٿيندي هئي.

سندس گهر واري سرڪاري ملازمہ، ڏاڍي سگهڙ ۽ شائتي عورت هئي، ملائي سلائي گهر جو ڪار وهنوار اهڙي فنِ نستائي سان هلائيندي هئي جو اڄ تائين سندن گهر جي رنگ ۽ ڍنگ کي ڪوئي سمجهي ناهي سگهيو.

هن پر بهار زندگي گذاريندڙ شخص کي نہ پنهنجو گهر هو ۽ نہ بئنڪ بيلنس! پر هن جي ڪليل هٿ، مروت ۽ مهمان نوازي جي طور طريقي مان ائين ڀاسندو هو تہ جيڪر هو وڏي حويلي جو مالڪ ۽ مالدار ماڻهو هو.

مون پنھنجي ڄمار ۾ ھن جي مک مان ڪڏھن بہ انڪار جو لفظ ڪو نہ ٻڌو، دوستن توڙي د شمنن سان ڳالھائيندي، ھر صورت ۾ ھاڪاري جملو ئي ادا ڪندو ھو.

منھنجو آواگون ۾ تہ ايمان ڪونھي پر ھن شخص احمد ڪي چيني تھذيب ۽ ثقافت سان واڳيل ڏسي، سوچيندو ھوس تہ روحن جا رشتا ھڪ ٻئي سان ضرور رھيا آھن!!!

◆◆◆

# ڳلا جو ڳانگهو

جمال خان پڙهيل شخص هو، ڪيس ڪچهري جو ڪوڙيو ۽ محفل جو مور سمجهيو ويندو هو. هر ڪا ڳالهه اهڙي تہ پيرائتي ۾ شد مد سان ڪندو هو جو پاسندو هو تہ پاڻ اتي موجود هو، مٿل يا جيئري ماڻهو جي جنم پتري ٻڌائڻ پنهنجو عالمانہ شان سمجهندو هو. هن جو پورو ڏينهن معاشي واڌاري لاءِ ڪيل ڪوشش جي نذر ٿي ويندو هو.

نتيجي ۾ فڪري ۽ ادبي ڪائنات سڪڙجي سوڙهي ٿي ويئي هيس، هڪ ڀيري پاڙي ۾ رهندڙ پيرل جي ڏيءَ جي ڪنهن ڏاڙئي مرد سان ڀڄي شادي ڪرڻ جي ڪهاڻي سڻائيندي، ڇوريءَ تي اهڙا تہ ڇوه ڇنڊيائين جو لڳي پيو تہ اها سندس پاڻڄ هئي.

اسان جي محفل ۾ وريل خان بہ وڏو ڳالهائو مڙس هو، تنهن ڇينڀيندي چيو:

“جمال خان! ڇوريءَ ڇيڪ ڇوڻي؟ انهن ڪارٽن تي بہ سوچيو اٿئي. مان سمجهان ٿو تہ انهي عمل ۾ سندس پيءُ پيرل جي بي خبري ۽ ماءُ جي نرمي شامل هوندي، پر يار جمال! هڪڙي ڳالهہ ڪن ڪولي ٻڌ. ڪنهن جي ڳلا ڪرڻ قتل جيان عظيم گناهہ آهي. تون ڳلا جو ڳانگهو سر تي ڇو ٿو کڻين؟”

جمال خان ڪتي ٿو ماٺ رهي، چيائين:

“ادا وريل! مون جيڪي ڳالهايو سو سورنهن آنا سچ هو، ڪوڙ جو ڪسيرو بہ شامل نہ ڪيو هيم .”

وريل خان وراڻيو :

“غيبت چئبو ئي اهڙي گفتي کي آهي. ڳالھ مئل ڀاءُ جي گوشت کائڻ جيان آهي، اڙي يار! غيبت ڪندڙ اڳئين ماڻهو جو نفسياتي، جذباتي ۽ ذهني قاتل بڻجي ٿو ۽ تون قتل جي اهڙي واردات ۾ مزي سان شامل ٿي رهيو آهين ۽ ڪا برائي محسوس نٿو ڪرين”

اڃا اهي ڳالهيون هلي رهيون هيون تہ ٽيوٽر تي مئسيج هلي ويو.

“شهر جي مشهور شخصيت جمال خان جي پيءُ نوجوان عالم خان سان نڪري ويئي.”

◆◆◆

# عقيدت جي عمارت

لقمان هڪ پڙهيل، تجربيڪار ۽ بزرگ شخص هو. شهر جا ڪافي سمجهدار ماڻهو وٽس اوطاق تي ايندا رهندا هئا. هڪ ڀيري سماجي رويي تي ڳالهائيندي هن چيو.

“جاگرافيائي حد بندين ۾ رهندي ڪنهن به سماج ۾ جيڪي به ثقافتي ۽ سماجي رويا جڙن ٿا، اڳتي هلي اهي ئي عقيدي جو روپ ڌاري گناهه ۽ ثواب، حرام ۽ حلال جا ماڻ ۽ قدر بڻجن ٿا.”

هڪ دوست ڪائنس پڇيو:

“انهن قدرن پنيان ثواب، انساني فائدي ۽ نقصان جي ڪا ڪسوٽي ته هوندي جنهن کي بنياد بڻائي حڪيم ۽ ڏاها ماڻهو درجه بندي ڪري ويا؟”

بزرگ لقمان سوال جي وزن کي سمجهندي وراڻيو:

“سچ ٿا چئو، انساني مفادن ۽ چڱاين ڪان ٻاهر رهي ڪوبه رويو، عقيدو نٿو بڻجي سگهي.

پوءِ اسين ڪئين ۽ ڪهڙي ڪسوٽي کي سامهون رکي عقيدي کي مڃي يا رد ڪري سگهون ٿا؟” ويٺل دوست وري پڇيو.

لقمان، ڏاڍي گنڀيرتا سان سڀني دوستن ڏانهن ڏسندي چيو:

“توهان سڀ پڙهيل ۽ سنجيده دوست آهيو، توهان جي سوچ تعميري ۽ شعور اوچو آهي، آئون اها ئي ڳالهه سمجهائي رهيو هوس ته پٿر جي پوڄا، وڻن ستارن ۽ آستانن جو سجدو، ڳئون ۽ خنزير کي حرام ڪوڻڻ، عقيدت جي عمارت جا اونها ٿنڀا (Pillar) آهن، جن کي ڪوٽي ختم ڪرڻ ناممڪن آهي، پر ها، سماجي ۽ سائنسي تجربو انهن کي مڃڻ ۽ رد ڪرڻ لاءِ ڪامياب هٿيار آهي، اهو هر ڪو نٿو هلائي سگهي.

جيڪو ان گر تائين پهچي ٿو، اهوئي علم ۽ عرفان پائي، منزل ماڻي ٿو.”

بزرگ لقمان پنهنجي ڳالهه پوري ڪري دوستن سان سياڻي ملڻ جو واعدو ڪري، اوطاق مان اٿي گهر هليو ويو.

◆◆◆

# ورهاڱو

“ديوار برلن هڪ رات ۾ جوڙي راس ڪري جرمن جي جگر ڪي ڪٽي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. رت ڦڙا ڪريا، هر پاسي خون ئي خون هو، پر اها خونريزي قابض ڌرين جي ڪرتوتن ڪي روڪي ڪو نہ سگهي.”

جرمني جي چانسلر چونڊجڻ کان پوءِ مادام ڪيوري، پنهنجي پهرئين قومي خطاب ۾ جڏهن اهي لفظ چيا تہ ڪوڙ سارا سوچيندڙ قوم پرست ۽ نظرياتي سندس تائيد ۾ هٿ کڻي اٿي بيٺا.

هن پنهنجي تقرير جاري رکندي چيو:

“ورهاڱو فطرت جي ابتڙ ڪجهہ مطلبي ماڻهن جي ذهنن جو روڳ ۽ ٽڪڙو توڙي جذباتي فيصلو ٿئي ٿو، ماڻهن جي گهڻائي اهڙي فيصلي جي خلاف هوندي بہ طاقتور ڌرين جي هٿن ۾ رانديڪن جيان پنهنجو وس ۽ وت وڃائي ويٺا ۽ پوءِ ديوار برلن جو ڏکو ۽ ويڪرو پاڇولو ٻنهي پاسن جي ماڻهن جي جذبن سان کيڏندي، انهن تي ٺٺولي ڪندو رهيو.”

مادام ڪيوري، ماڻهن ڪي پنهنجي طرف متوجهہ ڏسي پڇيو.

“ڇا توهان ديوار جي پاڇولي ۽ رڪاوٽ ڪي ڏسي شرمسار نہ ٿا ٿيو.”

هجوم مان گڏيل آواز آيو:

“نہ صرف اسين شرمسار آهيون پر پڇتاءُ جا ڳوڙها بہ ڳاڙيون ٿا.”

مادام ماڻهن جي حوصلي جي طاقت ڪي محسوس ڪندي، آخري عملي ڳالهہ ڪئي.

“اٿو ايڪي ۽ اتحاد جي سگهہ سان برلن جي ديوار ڊاهي، پنهنجي دائمي جاگرافيائي ۽ نظرياتي وحدت ڪي هڪ ڀيرو ٻيهر بحال ڪري دم پٽيو.”

◆◆◆

# راکي

اڄ راکي ٻنڌڻ جو ڏينهن هو، هر گهر ۾ خوشين ۽ خوشبوئن جا ديپ جلي رهيا هئا. هر ڪو ڀاءُ پنهنجي ڀيڻ کان راکي ٻڌائي، پوتر رشتي ۽ رکشا جو وچن ورجائي رهيو هو.

آشا، اڪيلي نہ ڀيڻ نہ ڀاءُ، اڄوڪي ڏينهن تي ڪنهن کي راکي ٻڌي. پريشاني مٽائڻ لاءِ ماتا کان موڪلائي پر واري گهر ۾ پنهنجي سرتيءَ ريڪا ڏانهن هلي ويئي.

ريڪا ساهيڙيءَ جي سور کان واقف هئي حالت ڏسي چيائين:

“آشا! اپاڻڪي نہ ٿي، جن ڀينرن کي ڀائر ناهن، اهي ڌرمي ڀاءُ بڻائي راکي نٿيون ٻڌي سگهن ڇا؟”

آشا، پريشاني ۾ وراڻيو:

“پنهنجا تہ نيٺ پنهنجا آهن- ڪوهين پنڌ تان ڪهي اڄوڪي ڏينهن تي ڀينرن ڏانهن ايندا آهن- آئون اپاڳي اڪيلي ماتا پتا جي گود ۾ آيس.”

ريڪا هن جي درد کي سمجهندي آٿت ڏيندي چيو:

“ گهٻرائين ڇو پئي؟ اڄهو ٿو ڀاءُ راڪيش اچي، مونسان گڏ توکان بہ راکي ٻڌائيندو، تنهنجي رکشا جو وچن بہ ڪندو، خرچي بہ ڏيندو ۽ مٿائي کائي آسيس بہ وٺندو.”

آشا اهي شبد ٻڌي حيرت ۾ ريڪا کي چيو:

“توکي تہ خبر آهي، تنهنجو راڪيش منهنجو پيار آهي. اهو مونکان راکي ڪيئن ٻڌائيندو؟”

ريڪا، کيس سمجهائيندي چيو:

“حيران ٿيڻ جي ضرورت ناهي. اڄ هو توکان پتني جو ٻنڌڻ

ٻڌائيندو. پنهنجو وچن نڀائڻ لاءِ تنهنجي رڪشا بہ ڪندو ۽ تنهنجو پيار بہ پائيندو.”

اهو ٻڌي آشا جو چهرو خوشي ۽ نمرتا ۾ جهڪي ويو.

◆◆◆

# پاپي

هڪ شاگرد، رليجن فلاسافي جي استاد کان پڇيو:

“سر! قابيل ست جڳ ۾ پنهنجي پيڻ جي شادي جي تنازعي تي پنهنجي سڳي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪري دنيا جو پهريون پاپي بڻيو. آخر ايڏو وڏو واقعو ڇو ٿيو؟”

استاد وراڻيو:

“ ڏاڏيءَ حوا جي ڪري آدم هيٺ لاٿو ويو، قابيل ۽ هابيل جو جهڳڙو بہ عورت جي ڪري ٿيو. ٻنهي جون مائرون جدا هيون، هڪ ٻئي سان شادي رچائڻ جو حڪم هو، قابيل جي ڀيڻ خوبصورت هئي، جڏهن تہ هابيل جي روپ رنگ ۾ گهٽ هئي. قابيل، انهي ڪري اهڙي رشتي تي راضي نہ ٿيو ۽ قاعدي جي ڀيڪڙي ڪندي شادي جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجڻ کان اڳ ۾ ئي هابيل کي ماري ڇڏيو.”

شاگرد چيو:

“سائين! ڪلجڳ کي تہماديت ۽ پاڻ هرتائي وارو سمو سمجهيو وڃي ٿو ۽ ستجڳ کي نفسي مادي خواهشن کان پاڪ ۽ سچ جو ساڪي دور سمجهيو وڃي ٿو ۽ قابيل جهڙا ڪرتوت بہ ستجڳ ۾ ٿيا ۽ ان جي ابتڙ ڪلجڳ جو ماڻهو تہ پنهنجي پيءُ جائي کي ماءُ سمان مقدس رشتو ڄاڻي ان کي عزت ۽ شرف ڏي ٿو. اسين ڪهڙي دور کي سچو ۽ ڪهڙي کي ڪچو سمجهون؟”

استاد نهايت اعتماد سان وارڻيو:

“ستجڳ ارتقائي دور هو ڪلجڳ انساني تهذيب جي معراج وارو

دور آهي، پهريون سچائي، سادگي ۽ سڪڙ وارو ۽ ٻيو عقل ادراڪ ۽ ريذننگ (Reasonning )وارو پيرڊ آهي.”

شاگرد وري پڇيو:

“سر! ستجڳ ۾ هابيل تہ اصولي ڳالھہ پئي ڪئي پر قابيل اهڙي سچائي ۽ سادگي واري جڳ ۾ جهنگل جو قانون هٿ ۾ ڪنيو ايڏو تضاد ڇو؟”

استاد شاگرد جي ذهانت ڪي سمجهندي وراڻيو:

“اڄ بہ ارتقائي فطرت انسان جي سوچ ۾ سمايل آهي، جيڪا تنزلي جي ترغيب ڏي ٿي، ڪي اتي اڙجي بيٺا رهيا ۽ ڪي وري وڏي عرصي جي حاصل ڪيل تجربي ڪي سونهون بڻائي شعور ۽ ترقيءَ جي عطا ڪي علم ۾ کوجنا سان ڳنڍي رستو ٺاهيندا رهيا.”

شاگرد ڪي استاد جون ڳالهيون وڏيڪ سوالن لاءِ اڪسائن پيون. هن پڇيو:

“سر! هي منهنجو آخري سوال آهي مهرباني ڪري اهو ٻڌايو تہ ڇا ارتقائي فطرت ۾ جهنگلي سوچ اڄا سوڌو اسان ۾ موجود آهي؟”

استاد وراڻيو:

“قابيل جي صفت ۽ صورت وارا ماڻهو پنهنجي جبلي قوتن سان سدائين سماج ۾ موجود رهندا ۽ ڪڏهن ڪڏهن فوق البشر سڏائڻ وارا بہ انهن آڏو پر ڪٽائي ڪري پوندا پر آخري ملھہ ۾ معرڪو هابيل ئي ماريندو.”

◆◆◆

# چوئنري جو ڏيئو

ورهين پڇاڙان هن جي گهر ۾ خوشي ٿي رهي هئي، پوڙهي پيءُ ماءُ اڪيلو پٽ پڙهائي جڏهن جوان ڪيو تہ سندس شاديءَ جو الڪو ڪائڻ لڳو. ڳوليي ڦوليي هڪ موچاري شڪل شبيھ ۽ خصلتن ۾ سيباڻتي پاڙي جي ڇوڪريءَ سان شادي مقرر ڪئي ويئي.

اڄ شادي ڏهاڙو هو، چوئنرن ۾ رهندڙ مائٽن ڪي هن ڏئو تي پٽ ڪارايو، جهمريون هٽي، لاڏ ڪوڏ سان گهوٽ ڪنوار کي لانون لاءِ هڪ سينگاريل چوئنري ۾ وٺي آيا- لانئون لهڻ ڪانپوءِ گهوٽ ڪنوار سانتيڪا ٿي ويٺا ۽ چاچي آهستي آهستي چوئنرو خالي ڪندا ويا.

چوئنري جي هڪ پاسي اوندھ جي راڪاس کي ختم ڪرڻ لاءِ هلڪي پيلي لاٽ وارو ڏيئو پري، روشني ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، ۽ ٻي پاسي سيج تي ٺر جو شرميلو مور ۽ ڊيل لڳن لاءِ ويٺل هئا. موسم خشڪ، آسمان خالي ۽ ٻي آباد هو، پر چوئنري ۾ ڪڪرن جا ڪڙڪا، ڪنوٽين جا چمڪات ۽ خوشين جي برسات وسي رهي هئي، چوئنري کان نڪرندڙ آخري ماڻهو گهوٽ پيءُ هو- هن چوڌاري نگاھ ڦيرائي، صحرا جو ساگر اونده ۾ ٻڏي چڪو هو ۽ چنڊ، سفر جي آخري مرحليِ ۾ داخل ٿي تڪ ۽ سونهن گهٽائي رهيو هو. پوڙهي پيءُ چوئنري کي ڏنو اندر روشني جا ترورا اونده سان وڙهي رهيا هئا، هن هلڪي آواز ۾ پٽ کي سڏيو.

“تاج پٽ! ڏيئي جي ٿالهي، سيج کان پري ڪري رک ۽ هوشيار رهج، متان هٿ پير لڳڻ سان ڏيئو ڪري پوي!”

دروازي کان منهن ڪڍي پٽنس وراڻيو.

“ڪيتريون ڳالهايون سمجهائيندين، پڙهيل ۽ سمجهدار آهيان

هاٽي وڃ ٻه سهي بابا!”

پوڙهو پيءُ، سڄي ڏينهن جو ٿڪو هارو صحرائي پٽن ۾ موٽندڙ چنڊ جي هلڪي روشنيءَ ۾ پنهنجي چونئري تائين پهچي درتي ويهي رهيو.

◆◆◆

# منصف

اسحاق ابڙو لاڙڪاڻي جو برڪ وڪيل هو ۽ بندر روڊ تي سندس هڪ وڏو جنرل اسٽور به هو، جيڪو هڪ مائٽ حاڪم علي هلائيندو هو. حاڪم علي يار ويس ماڻهو هو ۽ وٽس دوستن جي اچ وڃ سدائين رهندي هئي.

اسحاق ابڙو به ڪچهريءَ جو ڪوڏيو ۽ پنهنجو مٽ پاڻ هو. دوڪان اندر ئي هڪ چيمبر نهيل هو، پاڻ اتي ويهندو هو ۽ ڪچهريءَ لاءِ ٻاهر ويٺل دوستن ڪي ڪڏهن ڪڏهن گهرائي وٺندو هو.

هڪ ڏينهن چار دوست وٽس آيا سين ۽ مسئلو پڌائيندي چيوسي،
“اسان مان ڀن دوستن جا وار ڏگها گهاٽا ۽ بي ترتيب آهن، گرمي جي مند به آهي، اسان جي مرضي آهي ته ٻه ڄڻا سيرب ڪرائي وار ننڍا ڪرائن يا وري مٿو ڪوڙائي صاف ڪن.” ايڊووڪيٽ اسحاق خوشمزاج (Witty) خص هو. اسان جي جوڪ (Joke) کي سمجهي مسڪرائيندي پڇيائين:

“ايئن ڪرڻ سان انهن کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟”

اسان وراڻيو سي:

“اهڙي طرح اهي دماغي طور تي تازا توانا ٿي پوندا ۽ گرمي ۾ مٿي جو بار هلڪو ٿي پوندن.”

ايڊوڪيٽ اسحاق اسان سيني ۾ سينيئر ۽ سيني جي مزاج بابت به چڱي ڀلي ڄاڻ هيس، هن اسان مان هڪ اهڙي دوست کي منصف مقرر ڪيو جيڪو پنهنجي ڪل وارو تڪڙو جوان هو، هن چيو:

“روشن علي کان وڏيڪ سياڻو ۽ معتبر ماڻهو نظر نٿو اچي، منصف ان کي ئي مقرر ٿو ڪجي.”

روشن علي اهو ٻڌي ڦونڊ ۾ پرجي ويو. سڀني دوستن ڏانهن نهاريندي چيائين :

“جيڪڏهن توهان ڪي منهنجي منصفي ۾ فيصلو ڪرائڻو آهي تہ پوءِ ٻڌي ونو، مان انصاف پسند ۽ عملي ماڻهو آهيان ۽ هن فيصلي ڪرڻ ۾ بہ دير نٿو ڪرڻ چاهيان، فيصلو اهو ڪرڻو آهي تہ ٻئي دوست سيرب ٺهرائن يا مٿو ڪوڙائن، انڪري فيصلي ڪرڻ کان اڳم مان چاهيندس تہ ساڳي صورت اختيار ڪيان جنهن متعلق مونکي فيصلو ٻڌائڻو آهي.”

روشن علي جي ڳالهہ ٻڌي ڪجهہ دوست اچرج ۾ ونجي ويا ۽ ڪن وري انصاف جي سرسي جي ڳالهہ ڪئي، ايڊووڪيٽ اسحاق سندس گفتگو سڻي هلڪي طنزيہ مرڪ منهن تي آڻيندي چيو:

“روشن صاحب! توهان تہ وڏي ڳالهہ ڪري ڇڏيججن جا فيصلا روز ڪورٽن ۾ ٿيندا رهن ٿا پر اهڙي عملي ڳالهہ اڄ توهان ڪئي آهي، اهو ٻڌايو تہ توهان فيصلي ڪرڻ کان اڳم ڇا ٿا ڪرڻ چاهيو؟”

هن ٺهڪ ڏيندي چيو:

“ڏاڍا سادا آهيو، اڳم مون کي پنهنجو مٿو ڪوڙائي پوءِ منصف جي ڪرسي تي ويهڻو پوندو.”

سڀني واهہ واهہ ڪئي، هو اٿيو ۽ پر واري سيلون ۾ هليو ويو. ڪجهہ دير بعد مٿو پلين ڪرائي دوڪان ۾ گهڙندي سڌو چيمبر ۾ هليو ويو. چيمبر خالي ڏسي ٻاهر آيو، ۽ پوءِ پنهنجي ڪوڙيل مٿي تي هٿ ڦيرائي حاڪم علي کان پڇيائين: “دوست ڪاڏي هليا ويا؟فيصلي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي آيو آهيان.”

حاڪم علي طنزيہ مرڪ چپن تي آڻيندي چيو:

“روشن صاحب! دوست تہ سڀ پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويا!! توهان اچڻ ۾ دير لڳائي ڇڏي.”

◆◆◆

# خاڪي لفافو

برنس روڊ تي ٺهيل حويلي نما وڏي بنگلي جي پوليس واري، ڊور بيل وڄائي۔ ٿوري خاموشي کان پوءِ اندران هڪ خوبصورت ڏهن يارنهن ورهين جي ڇوڪريءَ درتي آئي، پوليس واري کي ڏسي هوءَ سهمجي ويئي، سپاهي هن جي ڊپ کي محسوس ڪندي ڏاڍي پيار سان چيو:

"ڌيءَ! ڪوئي گهر ۾ آهي؟"

ڇوڪريءَ آهستي وراڻيو:

"ها، صاحب ويٺو آهي."

سپاهي وري پڇيو:

"تون ڪير آهين بابا!"

ڇوڪريءَ وراڻيو.

"مان صاحب جي گهر ۾ ڪم ڪندي آهيان."

سپاهي ڇوڪريءَ جي مٿي تي هٿ رکندي چيو:

"پٽ!صاحب کي ٻڌاءِ تہ صوبيدار آيو آهي. ڀلا تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

ڇوڪريءَ اندر وڃڻ کان اڳ ۾ وراڻيو .

"حليمہ"

پوءِ ڇوڪري حويلي ۾ هلي ويئي.

خان صاحب پنهنجي ڪمري ۾ ڇوڪريءَ جو انتظار ڪري رهيو

هو، هوءَ ڪمري ۾ جيئن ئي داخل ٿي تہ صاحب کي سامهون ويٺي ڏٺائين.

“صاحب! صوبيدار آيو آهي.”

اهو ٻڌي صاحب جا اوسان خطا ٿي ويا، پريشاني ۾ چيائين:

“انهن کي ڊرائنگ روم ۾ ويهار.”

ڪجھ دير ڪان پوءِ ڪجھ سوچيندي آهستي ڊرائنگ روم ڏانهن وڌيو.

صوبيدار ۽ سپاهين ساڻس هٿ ملايو ۽ صوفن تي ويهي رهيا ڪائڻ پيئڻ جون شيون ٽيبل تي سجايون ويون.

صوبيدار هڪ ليٽر ڪڍي صاحب جي سامهون رکيو- پڙهندي سندس منهن تي پريشاني جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا، صوبيدار سندس چهرو پڙهي رهيو هو.

هن کي خبر هئي تہ اطالوي ڪپڙي جو اوچو سوٽ پهريل صاحب چڱي ڀلي کي گاهہ ناهي وجهندو. هن وقتائتو ۽ وزندار تير اڇليندي چيو:

“خان صاحب ڪورٽ جو آرڊر آهي، هاڻي اسان بہ مجبور آهيون.”

تير نشاني تي لڳي چڪو هو. خان صاحب رازداري ۾ ٽڪيو ۽ صوبيدار جي منهن تي ڪاميابي جي مرڪ پکڙجي ويئي.

ٻنهي وچم کھڙي ڳالھ ٻولھ ٿي، سا خبر تہ نہ پئي- پر ٿوري دير لاءِ خان صاحب اندران ٿي آيو.

سندس هڪ هٿ ۾ ننڍڙي خوبصورت حليمہ جي ٻانهن هئي ۽ ٻي هٿ ۾ خاڪي لفافو...! ٻئي وصوليون ڪري، صوبيدار سليوٽ ڪري ٻاهر نڪري ويو.

◆◆◆

# پوش پوش

هڪ ڀيري ساٿين اسلم ۽ لعل سان گڏ جي، شهر جو چڪر لڳائي، سنجهي ٽاڻي گهر اچي رهيو هوس تہ واٽ تي هڪ ڪرڻ جي حاجت محسوس ٿي، ڀر واري باغ جي ٻاهرين ديوار ڏانهن منهن ڪري ويهي رهياسين اسلم ڇمار ۾ اسان کان وڏو سادي ۽ نماڻي طبيعت وارو جوان هو. تنبيهہ ڪندي چيائين:

"سنسان ۽ وڻن ٻوٽن واري جاين تي رات جي وڳڙي، جنن ڀوتن جو واسو هوندو آهي. پوش پوش ڪري ويهو جيئن جن ڀوت هوشيار ٿي وڃن."

مون وراڻيو:

"خير آهي، ڏٺو ويندو."

ويٺي ويٺي منهنجي ذهن ۾ شرارت اڀري آئي- جيئن اٿي، دوستن جي نزديڪ پهتس، اوڏي ويل اکيون ڦوٽاري، آسمان ڏانهن ڏسندي، وڏي دانهن ڪري ٿا ٻڙڇڻ لڳس، اهڙي حالت ڏسي، هنن پڪڙي هيٺ ڪرڻ کان مون کي بچائي ورتو ۽ پريشاني ۾ ڪجهہ پڙهندي منهنجي جسم ۽ منهن تي شوڪاريندا رهيا، سامت ۾ اچڻ بعد مونکي گهر ڇڏي، پاڻ هليا ويا، ٻي صبح هشاش بشاش اچي ساڻن مليس، ڏسندي امالڪ اسلم چيو:

"يار قادر! ڏاڍو ضدي آهين- منهنجو چيو ڪندي پوش پوش جا ٻہ لفظ دهرائين ها تہ ايڏو ماجرو ئي نہ ٿئي ها- اهو شڪر ڪر جو مونکي غيبات جي توڙ وارا ڦيٽا ياد هئا، اهي پڙهي تنهنجي جان ڇڏايم." هو هڪ ساهي ۾ چئي ويو. پوءِ لعل ڏانهن ڏسندي چيائين:

"تون ئي ٻڌاءِ لعل! رات هن ۾ ڪيڏو زور هو جو اسان ٻنهي کي ٻہ

وٽ نہ پئي ڏنائين.” لعل، هن جي تائيد ڪندي مونڊي ڏسي چيو:
“واقعي! گذريل رات تنهنجي حالت ڏاڍي خراب هئي تو ۾ ايڏي تہ غيبي طاقت سمائجي ويئي هئي جو اسان ٻئي ڪوپا جوان بہ تنهنجي اڳيان هيٺا هئاسين.”
آئون خاموشي سان دل ئي دل ۾ سندن سادگي تي ڪلندو رهيس.

◆◆◆

# هو الوپ ٿي ويو

روپلو ڪولهي جيل جي ڪنڊ ۾ ويهي سوچي رهيو هو:

“انگريز سرڪار! شايد انهي خوشفهمي ۾ هجي تہ مونکي جڪڙي سوگهو ڪري، اذيتون ڏيئي پنهنجن پهنوارن کان پري ڪري ڇڏيندا. اها انهن جي ڀل آهي. انهن کي کهڙي کل تہ آئون ڪارونجهر ڪناري پلندڙ آزاد پکي ء آهيان، اهي منهنجي سرير کي جڪڙي سوگهو ڪري سگهن ٿا. پر منهنجي آتما ۽ جيءُ کي ڪير انهن کان ڌار ڪري سگهندو!!”

اهو سوچيندي هن جو ڀروسو ۽ حوصلو وڌي ويو ۽ هو ڏاڍي سرهائي محسوس ڪري رهيو هو.

بوٽن جي ڪڙڪي تي سندس سوچ جو سلسلو ٽٽي پيو.

ڪال ڪوٺڙي ٻاهران ٻہ سپاهي سنگين لڳل رائيفلن سان، ڪيس ڪورٽ وٺي وڃڻ لاءِ بيٺا هئا.

انگريزن جي ڪورٽ وڏي دٻدٻي ۽ خوف جي علامت سمجهي ويندي هئي- روپلو جج اڳيان ڪاٺ جي هڪ بند ڪٽهڙي ۾ وڏي شان سان بيٺو هو. نہ ڪيس وڪيل جي سهوليت هئي ۽ نہ ڪنهن دوست ساٿي کي اطلاع هو.

جج مخاطب ٿيندي پڇيو.

“تون تون روپلو ڪولهي آهين؟”

هن ورانيو:

“آئون روپلو سنڌي آهيان.”

جج ڪائنس ٻيو سوال پڇيو:

“توتي الزام آهي تہ تو انگريزن ڪي بي گناهہ ۽ بي دردي سان قتل ڪيو هو. تون پنهنجي بچاءَ ۾ ڪجهہ چوڻ چاهيندين؟”

حوصلي ۽ همت جي پيڪر روپلي، جج ڏانهن ڏسندي چيو:

“آئون تنهنجي ڪورٽ کي ڪو نہ ٿو مڃان! پنهنجي مٿان مڙهيل ڏوهہ کي مقدس مٽيءَ جو قرض ڄاڻي، موت کي سرڳ جو سنديش ٿو سمجهان، تون جسم کي تہ ڌرتي ماتا ۽ مارن کان جدا ڪري سگهين ٿو. پر منهنجي اڌمن، آشائن ۽ رت جي ڦڙي ڦڙي ۾ سمايل تڙپ کي ڪڏهن نٿو سگهين. پڪ سان منهنجو جذبو ۽ منهنجو الڪو پرلئي تائين توهان کي خوابن ۾ ستائيندو رهندو.”

جج قلم وات ۾ وجهي، سوچيندي فيصلو ٻڌايو.

“ڏوهہ ثابت ٿيڻ ڪانپوءِ مرڻ تنهنجو مقدر بڻجي چڪو آهي، موت تائين تو کي ڦاسي جو ڦندو پائڻو پوندو.”

پوءِ هو قلم جي نب ٽوڙي چيمبر ۾ هليو ويو. ڦاهي جو ڦندو پائڻ کان اڳ ۾ امر روپلو نہ هٻڪيو نہ ٿاٻڙيو، شان ۽ مان سان هلندي ڦاهي جي ڦندي تائين پهتو ۽ ڌرتيءَ جو گيت ڳائيندي ڪاريءَ ٽوپي پائي الوپ ٿي ويو.

**هن ڌرتي خاطر مرندا سي، هن ڌرتي خاطر جيئنداسي،**
**سقراط جيان جي زهر مليو تہ بہ کلندي کلندي پئنداسي**
**هي سنڌ سدا خوشحال رهي**
**هي ڌرتيءَ مالا مال رهي.**

◆◆◆

# ڪارونجهر جو ڪکر

ميلن تي پکڙيل ڪارونجهر جي ڪر ڪٽي بيٺل سلسلي کي گهٽائڻ ڪوسولو ڪو نہ هو. ڪنهن سمي جڏهن سمنڊ پنهنجون بيڪران لهرون ڦيرائي، ڏور ٽيندو ٽيندو وڃي قديم سنڌ جي ڏاکڻي حصي ۾ پراڻ ڪيو، تڏهن اندران اڀريل ڪارونجهر جو گرينائيٽس، ڳاڙهي، ڪاري ڀوري پٿر ۾ نکري نروار ٿيو.

انهي سمي، جين ڌرم جي اپڪاري هڪ پوڄاري، پهاڙي پاٽي جي پوتر سر ڀوڏيسر جي ڀر ڀيهي سنان ڪندي ڪنڌ مٿي ڪري ڪارونجهر ڏانهن ڏسي شيواداريِن کي چيو.

"پوتر جل تي سورج جي ڪرڻن کي روڪڻ ۾ ڪارونجهر جي پهاڙي چوٽي وڏي رڪاوٽ بڻيل آهي. اڇو تہ گڏجي ان کي هٽايون جيئن سورج ديوتا اسان جي تڙ تي سڌا ڪرڻا اوتي."

ڪجهہ ياتري ايڏي مهان ڪم کي هٿ ۾ کڻڻ ۽ نڀائڻ کي جوکم سمجهي ڪلندا پري ٿي ويا، پر مهاپرش جي اڏمن ۽ حوصلي کي ڏسي سندس شيواداريِن انهي ڪم کي نڀائڻ جي حامي ڀري.

جڏبن ۾ وڏيڪ ساهس آڻڻ لاءِ پوڄاري ڏاڍي پريت سان کين چيو.

"اڄ ئي جبلن جي ڪٽائي جي ڪم ۾ جنبي وڃو، جيڪڏهن منهنجو جيءُ جڏو ٿي وڃي يا پرلوڪ پڌاري وڃان تہ بہ توهان ڪٽائي جو ڪم جاري رکجو، توهان جي مرڻ ڪانپوءِ توهان جا پٽ ۽ پوٽا بہ جبل جي ڪٽائي جو ڪم ڪندا رهن، پڪ سان هڪ ڏينهن جبل پنهنجي اوچائي وڃائي ويهندو، سج جا ڪرڻا سڌا توهان جي سر (تڙ) تي پوندا ۽ توهان ڪاميابي ماڻي وٺندا."

◆◆◆

# حادثو ٿيو

حسين، پنجين وڳي پنهنجي گهر پهچي چڪو هو، گاڏيءَ جي هارن تي سندس گهر واريءَ دروازو کوليو، گاڏي پڌر ۾ بيهاري جيئن هن پيير پٽ تي رکيا تہ ٻار اچي ٻاڪرين پيا.

سندس زال اهو چئي اندر هلي ويئي:

"توهان ٻارن سان ملي وٺو تيسين مان توهان جي لاءِ چانهہ ٺي تيار ڪريان."

"ٺيڪ آ، اچان پيو."

حسين چئني ٻارن حديث، اڪرم، دعوت ۽ ثمير کي ٻاڪر وجهي چميو ۽ پوءِ سندن اصرار تي گاڏي ۾ ويهڻ جي اجازت ڏيئي پاڻ ڪمري ڏانهن هليو ويو.

حديث ۽ اڪرم ٻئي حسين جا ٻار هئا، جڏهن تہ دعوت ۽ ثمير ڀاءُ جو اولاد هئا. چارئي ٻار ڄمار ۾ پنجن ۽ ستن سالن جا هئا.

حسين هميشہ آفيس جي ڪم ڪار کان فارغ ٿي اڳ ۾ گهر ايندو هو، ڪجهہ دير آرام ڪرڻ کانپوءِ ضروري ڪم ڪار لاءِ نڪري ويندو هو. هن اجا چانهہ پئي پيتي تہ پڌر تي ڪيس باهہ جا شعلا ڀڙڪندي نظر آيا. در کولي هو جيئن پريشاني ۾ ٻاهر آيو، ڇا ڏسي تہ بجلي جي شارٽ سرڪٽ سبب گهر جو پورو پڌر باهہ جي الن ۽ دونهي سان ڪاروٽي چڪو هو. هن جون وايون بتال ٿي ويون. بيٺل ڪار ۾ سندس چار معصوم جانيون تڙپندي ۽ سڙندي محسوس ٿيون، هن گهڻي ڪوشش ڪئي تہ ڪار تائين پهچي پر دانهن ۽ ڪوشش جي باوجود، ٻاڙيوارن ڪيس ايئن ڪرڻ نہ ڏنو هو لاچار ۽ ڪجهہ نہ پئي ڪري سگهيو.

جڏهن باهہ وسائڻ جون گاڏيون ۽ واپڊا جا ملازم پهتا تہ گهڻي دير ٿي چڪي هئي، ننڍڙن ٻارن جون آهون دانهون پتڪڙا هٿ پاڻ بچائيندي بچائيندي خاموش ٿي چڪا هئا. حسين ۽ سندس گهر ڀاتين مائرن ۽ ڀينرن جون ڪوڪون ۽ ڪوششون بہ ڪين بچائي نہ سگهيون.

هو چرين جيان سڀ ڪي چئي رهيو هو.

"پندرنهن منٽ اڳ ۾ منهنجا ٻچا، منهنجي سيني سان چنبڙي، مونکي چمندا رهيا، مان هڪ هڪ سان پيار ڪندي ڪين ڪار ۾ ويهاريو. مونکي ڪهڙي خبر تہ جهٽ پلڪ ۾ اهڙو ڪلور ٿي ويندو!!"

هو اوچنگارون ڏيئي روئيندو رهيو.

وزيرن مشيرن ۽ واپڊا جي اعليٰ عملدارن جي ڪوشش سان ڪيس معصوم ٻارن جي شهادت جو معاوضو ادا ڪيو ويو.

هو روئيندي چئي رهيو هو.

"اهڙو تہ اڃا سڪو ئي پيدا ناهي ٿيو جنهن سان منهنجي معصوم ٻارن جوخون بها ادا ڪيو وڃي."

نيٺ هن چيڪ وصول ڪيو.

حسين خوشحال، دل جو ديالو ۽ ڏاتار صفت شخص هو، ڪيس انساني رشتن ۽ ماڻهپي جي قدرن جي شناس هئي. هن وڏو فيصلو ڪندي چيو.

"معصومن جي شهادت واري جاءِ تي سندن نالن سان منسوب هڪ حويلي جوڙائيندس جنهن ۾ دنيا جي ٻارن جي رهڻ ۽ رڪشا لاءِ جوڳو انتظام ڪندس، اهو يادگار ٻارگهر منهنجي دل جي ٽڪرن حديث، اڪرم، دعوت ۽ ثمير جي يادڪي سدائين تازو رکندو ۽ انهي يادگار جو نالو هوندو حادث حويلي."

◆◆◆

# پارانيو

آشا، انتظار ۾ اوسيئڙي ۾ پاسا وارئي رهي هئي اپ ۾ اڪيون وجهي چمڪندڙ تارن کي ڏسي سوچڻ لڳي:

“ڪتيءَ به لهي چڪي آهي، ٽيڙو به اجهو اجهامڻ وار ا آهن، ماڻهو ۾ مرون هر ڪو ساري ڏينهن جي ٿڪتاڻ کان آجو ٿي سنسار جي سورن کان جان ڇڏائي، رات جي ٻاٽ اونداهي ۾ ننڊ جي نعمت مان لطف وٺي رهيو آهي، پر منهنجي نيڻن کي ننڊ ڪٿي ايندي، اهي ڪيئن پوربا ساٿيءَ کان سواءِ جنهن جي اڪير جي آسري جي رهي آهيان. آخر جانب اڃا تائين ڇو نه آيو، هن جي نه اچڻ جو کهڙو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو، ڪٿي نياپو نه مليس ڇا؟ ندروي سفوران ڇيو هو ته وڃڻ سان ڪيس پارانيو پهچائيندس، پوءِ به هو اڃا تائين ڇو نه آيو؟ ڪاله جڏهن کوه کان پاڻي جو مٽ مٿي تي کنيو ٿي آيس ته پريان پاڻ پيروءَ واري ٻنيءَ جو چارو ونيو ٿي آيو، آئون ڪيس رات اچڻ لاءِ مٽ کان ٻئي هٿ ڇڏي اشارو ڪيو. هن به ته پڳ جو ور ورائيندي هائوڪار ڪئي هئي، پوءِ به هو اڃا تائين ڇو نه آيو ؟ مڙسن جا لک دشمن، متان ڪنهن جي ور چڙهيو هجي، رب شل پناهه ۾ رکيس.”

ڪٽ تي پاسو ورائي هوءَ وري سوچڻ لڳي، مڙس به ته ڪونڌر ۾ ناليرو آهي، جوءِ جا مڙيئي مرد پيا ڪانئس ڇرڪن، آهي وڏو دلير، جهڙو درياءُ. يارن جو سچو يار ۾ دشمن لاءِ تکي تلوار، تنهن ڪري يار دوست سڀ ساراهه ۾ ڊاپندا ئي نه اٿس، سندس مرداني روب ۾ تاب جي کهڙي واڪاڻ ڪيان؟ ڪيس ڏسندي “پيڙهيون ئي پلجيو وڃن.” مطلب ته جانب، سچو سون آهي.

ويڪري ڇاتي، پريل بدن، ڪاريءَ ڇاپئين سونهاري ۾ پورا شهپر، مڙس جي منهن تي ڏاڍا سونهن ٿا. منهنجي پرينءَ جا اندريان اوصاف به اگرا نه آهن پوري تر ۾ ويچار آهي ته جانب جهڙو پلو مڙس ڳوٺ ۾ ڳوليو لڀندو، مجال آهي ڪنهن چور چنگار جي ڪنهن ڳوناٺي جو لوڙهو لتاڙي، پر جي ڪنهن ويل اهڙو ڪڏو ڪم ٿيو به ته هو پنهنجي جوان مردي ۾ نيڪ دلي سان سڀ سامان سئي سڄي سميت واپس ڪرايو وٺي، تنهن ڪري ڳوٺ جا ننڍا توڙي وڏا ڪيس دعائون پيا ڪن.“

ايئن سوچيندي آشا ڪي، جانب سان ٿيل پهرين ملاقات دل تي تري آئي، خيال اچڻ سان هن جي بدن ڪي نه ڏيڪامندڙ ڏينڀوءَ ڏنگڻ لڳا ۽ سندس جسم ۾ واسينگ جيان ور وڪڙ پوڻ لڳا. پورو بدن پگهر ۾ شل ٿي ويس، زبان خشڪ ۽ اکيون آليون ڪنهن سان ڳالهائڻ ۽ ڪنهن ڪي پسڻ لا ۽ آتيون هيون، هن پئي ٻانهون زور سان سيني ۾ پڪوڙي خشڪ زبان چپن تي ڦيري دل ئي دل ۾ چيو.

”جنهن ڏينهن اسين ملنگي جي شادي ڪان واپس پئي ورياسين، تنهن ڏينهن جنهن اٺ تي آئون سوار هيس تنهن جو ڪجائو ڪري پيو اها نوازش ٿي جانب جي جنهن وقت تي مون کي جهٽي ورتو، نه ته جيڪر منهنجو هڏ سنئون نه هجي ها. هن مونکي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي آهستگي سان زمين تي ليهاريو تڏهن منهنجي دل ۾ هڪ عجيب هلچل مچي چڪي هئي، تنهن کي بيان ته نه ٿي ڪري سگهان، صرف ان راحت جي گهڙي تي سوچي سگهان ٿي، مون الائي ڪهڙي نئين دنيا ۾ پهچي چڪي هيس، هن جيتوڻيڪ مونکي پنهنجي مضبوط ٻانهن ۾ جڪڙي سوڙهو ڪيو هو پر تڏهن به مون پنهنجي دل جي درياءَ ۾ نامعلوم طوفان جو شور ٿيندي ٻڌو.

منهنجي انگ انگ ڪان سيسرات نڪري ويا۔ ان شرم ۾ ڏپ وچان مان سندس ٿورا به مڃي نه سگهيس۔ پر ابا، هن جي انهيءَ ڪم

ڪري ڪيس شاباش ڏني.“

هوءَ اجا خيالن ۾ گم هئي ته ڪڪڙن ۾ ڦڙ ڦوٽ پئجي ويو. آشا سمجهيو شايد جانب اچي ويو آهي، سو ساهه منجهائي سمهي رهي ته ڪڏهن ٿي ڪنڌيءَ مان ڪوٽ ٽپي، پر ڪو ظاهر ڪو نه ٿيو.

هن سوچيو: ”صبح جو تارو به اپري چڪو آهي، ڪڪڙن به آخري دس هنيو آهي، هو شايد نه آيو. شايد ننڊ ڪيس نهوڙي ويئي، هونءَ به مرد دل جا پڪا جهڙا پٿر ۽ پريت جي نازڪ ۽ نرمل پيچرن کان اڻڄاڻ، صرف مطلبي ۽ هوس جا پوڄاري، هنن کي دل جي درد جي ڪهڙي ڪل، جانب کي اهو لائق نه هو جو مان هت واٽ ڏسندي رهان ۽ پا ڻ ڪري سمهي ننڊون !!“

ايتري ۾ ڪتن جي ڀونڪات تي آشا ڪن سرلا ڪيا، سمجهيائين هينئر اچي ويو، اجهو ٿو ڪنڌيءَ ۾ پٿر لڳي پر ڪجهه به ته نه ٿيو، ڪتا ڀونڪي چپ ٿي ويا پر مڙس پڌرو ڪو نه ٿيو. اتي آشا هڪ ڀيرو ٻيهر مردن جي بي پرواهي تي سوچڻ لڳي، هن جي اکين مان ننڊ ته اڳ ۾ ئي اڏامي چڪي هئي، ملامت ڪندي پاڻ کي چيائين:

”آئون به ڪيتري هلڪڙي ٿي ڏانهس سفوران هٿ نياپو موڪليو، آخر هو به ته مرد آهي، منهنجي نياپو سڻي ڦنڊي ويو هوندو، چيو هوندائين ته ڀل ته ڪجهه اوسيئڙي جي آگ ۾ جلي، پر هي مان ڇا پئي سوچيان ائين ٿي نٿو سگهي. منهنجو جانب ته اهڙو ٿي نٿو سگهي، هو ته مرد آهي پوءِ ڀلا هو واعدي تي ڪيئن نه ايندو_ ضرور ايندو.“

هن پنهنجي من کي تسلي ڏيندي سوچيو.

”هو ته مونتي پاڻ ڇڪن هو ويتر سڪ جو سنيهو سڻي ڪپڙن ۾ نه ماپيو هوندو. صبح ئي ته سفوران پئي چيو ته جانب چوي پيو، آشا جهڙي ڪومل ۽ سهڻي نينگريءَ جي مونسان سڪ ٿيڻ ته وڏي غنيمت آهي. هن ته منهنجين ڪجلين اکين ۽ جاڙن ڀرون کي به سارا هيو هو.“

ايئن آشا پنھنجي پوري بدن ۾ رتن جھڙن ڳاڙھن سنھڙن چپن تي ڪنھن نامعلوم ڇھاءُ کي محسوس ڪندي اکيون پوري ڇڏيون.

ويرم مس گذري تہ ملا بانگ ڏني، ماڻس اٿي چڪيءَ ٻڌي ۾ پٽس هر سانپاهيو آشا، هار ايل راندیگر جيان اکيون پوري سمهي رهي، سپوهہ جي ٿڌي هير ۾ پوري رات اوجاڳو ڪري سندس اک لڳي ويئي.

پٽس در ڪولي لوڙهو لاهي جيئن ئي ڪنڌيءَ کان چارو وٺي، جوڙي سميت ٻنيءَ ڏانھن روانو ٿيو تہ ڏاند ڇرڪيس. هن واجھايو ڇا ڏسي، مار! ڪو مڙس ڪريو پيو آهي، هن جي سڏ تي ڳوناٽا اچي ڪٺا ٿيا ڪنھن چيو "اڙي هي تہ جانب آهي! شايد ڪنھن شڪار تي پئي ويو تہ سسيهر ساڙي رکيس، بلا بہ ڪا بلا هئي، ٻانڌي جھڙي مڙس کي پير بہ چرڻ نہ ڏنو اٿائين."

ننڍ پيل آشا جي ڪن تي جيئن ئي جانب جو نانءُ پيو تہ يڪدم اٿي ڪڙي ٿي ۾ نڪري آئي ٻاهر، ڪنڌيءَ وٽ ڪريل جانب کي ڏسي بي اختيار رڙ نڪري ويس. هوءَ هجوم چيري اچي جانب مٿان بيٺي. اوڏي ويل ڳوٺ جون پيون عورتون ۾ جانب جا گھر ڀاتي بہ پھچي چڪا هئا.

آشا ڏٺو تہ جانب جون ڪليل اکيون ڪنھن کي ڳولي رهيون آهن، ڪنھن جي جستجو اٿن، ڪنھن کي پسڻ لاءِ پيون واجھائين.

هوءَ ڪجھہ بہ نہ ڪري سگھي. ڪيس اندر ۾ جھير پئجي رهيا هئا. سوڙهي ساهہ سان سوچائين:

'جانب تہ واعدو نڀائي ويو، هن جون اکيون آتيون ۾ من اجان ماندو آهي مونکي ڏسڻ ۾ پائڻ لاءِ، هو هاڻ بہ مون ڏانھن تانگهي ۾ تڪي رهيو آهي ۾ پوءِ هوءَ مورڇا ٿي مٿان ڪري پيئي.'

◆◆◆

# ٻاڇولو

اڄ ٻہ نڪت نئي چڪا هئا، ساڳيو گوگاءُ ٻڌي هوءَ اٿي ويٺي، الڪي ۾ ننڊ اڳ ۾ ٻہ نہ پئي آيس، آواز سمجهڻ لاءِ ٻڌر ۾ اچي سرلي ٿي ٻيٺي، ڪيترن ڏينهن کان انهي نہ سمجهندڙ سڏ سندس اندر ۾ هلچل مچائي ڇڏي هئي، سمجهندي نہ سمجهندي هن اندازو لڳايو تہ ڳوٺ جي ڏاکڻين پاسي واري قبرستان مان اهو پڙلاءُ سندس ڪنن تي پئجي رهيو هو ۽ آواز ڏاڍو سرائيتو ۽ درديلو هو. هوءَ سوچڻ لڳي. “ايڏي ويل جڏهن پڪيءَ پڪڻ، ماڻهو مرؤن سپ ئي ستل آهن تڏهن هي ڪير هوندو جيڪو آلاپي ٿو.”

هوءَ وڏي کهول واري هئي، گهر ۾ سندس چار پٽ، چار ڏيئر، سس سهرو ۽ مڙس گهري ننڊ ۾ ڪونگهرا هڻي رهيا هئا. اڪيلي صابل ڪي اندر ۾ هورا ڪورا هئي، جيڪڏهن هوءَ اڄ ٻہ نہ ويئي ۽ ويلهہ وهامي ويئي تہ پوءِ پڙلاءُ جي پرولي ڪير پروڙيندو؟

اهو سوچي آهستي آهستي هلندي هوءَ ڪڙه تائين پهتي، ڍنگر پري ڪري ٻاهر نڪري آئي، ۽ الائي ڇو گهرن جي سامهون لون ۽ لين جي جهنگل ڏانهن وڌڻ لڳي، جيئن ئي سڪل تڙ تي پهتي، تہ امالڪ هن جي ڪنن تي ساڳيو سريلو آلاپ گونجڻ لڳو، هوءَ ڪنهن تاثيري عمل ۾ جڪڙيل معمول جيان اڳتي وڌندي رهي، هاٺي جهنگل پار ڪري قبرستان جي حد ۾ داخل ٿي چڪي هئي.

هر پاسي سانت جا پهرا ۽ چپ جو راڄ هو. لهندڙ چنڊ جي لام هن کي ڏياٽيءَ جو ڪم پئي ڏنو. هوءَ ٻي ڊپي قبرن جي اندران ئي اندران رستو ناهيندي، مقام جي ٻئي پاسي، هڪ وڏي پٽرن سان ٻڌل قبر جي

مٽي کان وڇي ويٺي- پر ۾ پيون ٻٽيون ٻہ هيون، ڪچيون ۽ ننڍيون، پر هي سڀ کان اوچي ۽ نرالي قبر هئي، چنڊ پنهنجي ٿڌڙي روشني جي لام لاهي الهي چڪو هو. اماس رات جيان هر سو ٻاٽ، پنهنجو جسم بہ نظر نہ پئي آيو. اوچتو هن محسوس ڪيو تہ قبرجي پيراندي کان ڪو ڀاچولو آهستي آهستي اٿي رهيو هو. اڇو ڪفن پهريل اهو ڀاچو اونده ۾ بہ مرمر جيان چمڪي رهيو هو. آلاپ وري گونجيو، صابل محسوس ڪيو تہ اهو ڪفن پوش جو ئي وجودي آواز هو.

هوءَ بت جيان ويٺي، آواز ۽ لفظن کي چڱي طرح ٻڌي ۽ سمجهي رهي هئي، عورتاڻو آواز سڻي اندر ۾ اڪير جا الا ٻرڻ ۽ وسامڻ لڳس. هن سوچيو: ’ڪٿي اها منهنجي امڙ نہ هجي جنهن ويم جي چند گهڙين بعد دم ڏنو هو، ماسي ٻڌائيندي هئي تہ مرڻ کان ويرم اڳ مونکي سيني تي سمهاري چمندي چيو هئائين تہ هن مان ويڙها ٿيندا، ۽ پوءِ هوءَ اٿاهہ ارمان ڪنيو، اکيون پوري سدائين لاءِ سمهي پئي هئي.‘

صابل ماءُ جي تڙپ ۽ تانگهہ واري تجربي مان پاڻ بہ گذري چڪي هئي، امڙ جا نہ ٻڌندڙ ورلاپ هن کي سدائين تڙپائيندا رهندا هئا. هوءَ ٻارن کي چمندي چوندي هئي:

”منهنجي امڙ هجي ها تہ اها بہ مونسان ايئن پيار ڪري ها! پر افسوس جو امڙ حسرتون ڪنيو هلي ويئي، ۽ سندس سڀ سارون اڌوريون ۽ اڻ پوريون رهيون، مان بہ ڪيڏي اياڳي آهيان جو نہ امڙ جو روپ ڏٺم ۽ نہ چهرو پسي سگهيم، چاچيءَ چوندي هئي تہ آئون امڙ جو ٻهروپ آهيان.“

هن جي سوچ جون تارون ٽٽي پيون، جڏهن اهو آواز وري سندس ڪنن تي پيو- ٻٽيءَ تي ويٺي ويٺي هن محسوس ڪيو تہ ڪفن پوش سندس امڙ هئي، جيڪا ڏاڍي سڪ ۾ پڪاري رهي هئي.

”صا... ب... ل

صا... بل... صابل

هوءَ بي تابي ۾ ڪفن پاتل لاش جي سامهون وڃي ويٺي ۽ پاڪر

وجهندي چيائين:

“امڙ آئون اچي ويئي آهيان!!” جهٽ پل ۾ جيئرو ٿي مردو ٿيءَ جسم ملي هڪ ٿي ويا.

صبوح سوير، مڙس ٿي مائٽن گهر ۾ نہ ڏسي سمجهي ورتو تہ هوءَ هميشہ جيان پنهنجي امڙ جي قبر تي دعا لاءِ ويئي هوندي، وڃي ڏٺائون تہ قبر جي پيراندي ۾ پساهہ پورا ڪري چڪي هئي.

◆◆◆

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

